# سچ چوڻ جي چوٽ

نامديو تاراچنداڻي



# نامديو تاراچنداڻي

جنم : ٢٥ نومبر ١٩٤٦ع


پستڪ نمبر : ١٧

عنوان : سچ چوڻ جي چوٽ

ليکڪ : نامديو تاراچنداڻي

سال : ٢٠٠٦

سهيڙ ۽ ترتيب : صاحب بجاڻي

ٽائيپ سيٽنگ : ممتا روهڙا

ڪَوَر ڊزائين : ڪمل ڪِشمي

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

**Indian Institute of Sindhology**



P.B. No. 10, ADIPUR (Kachchh) 370205. Phone : (02836) 263851 Fax : (02836) 260336
e-mail : sindlogy@yahoo.com - contact@sindhology.org visit www.sindhology.org

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان شايع ٿيندڙ ٽماهي مخزن ’رچنا‘ جي ’رچنا - ٧٢‘ کان ’رچنا - ٨٥‘ تائين ڇپيل پرچن جي سموري مواد تي شري نامديو تارچنداڻيءَ جا سلسليوار ۽ تفصيلوار تنقيدي ليک ’سچ چوڻ جي ڇوٽ‘ جي عنوان سان رچنا جي پرچن (٧٣ کان ٨٦) ۾ ڇپجندا رهيا. اُهي سمورا ليک مجموعي جي صورت ۾، سنڌالاجي ڪمپيوٽر سينٽر ۾، صرف آفيس ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ ڇپيا ويا آهن. هن ڪتاب جون صرف ٽي ڪاپيون شايع ڪيون ويون آهن جئن هي ليک سدا لاءِ هڪ جڳهه محفوظ رهن. هيءُ ڪتاب وڪري لاءِ نہ آهي.

لئبرري ۽ دستاويز وڀاڳ
سنڌالاجي
(آڪٽوبر ٢٠٠٦)

# سلسلو


١ رچنا-٧٢ (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٦) ٧

٢ رچنا -٧٣ (جنوري-مارچ ١٩٩٧) ١٥

٣ رچنا-٧٤ (اپريل-جون ١٩٩٧) ٢٣

٤ رچنا-٧٥ (جولاءِ-سپٽمبر ١٩٩٧) ٣١

٥ رچنا-٧٦ (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٧) ٤٣

٦ رچنا-٧٧ (جنوري-مارچ ١٩٩٨) ٥١

٧ رچنا-٧٨ (اپريل-جون ١٩٩٨) ٦٣

٨ رچنا-٧٩ (جولاءِ-سپٽمبر ١٩٩٨) ٦٩

٩ رچنا-٨٠ (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٨) ٧٩

١٠ رچنا-٨١ (جنوري-مارچ ١٩٩٩) ٨٧

١١ رچنا-٨٢ (اپريل-جون ١٩٩٩) ٩٣

١٢ رچنا-٨٣ (جولاءِ-سپٽمبر ١٩٩٩) ٩٩

١٣ رچنا-٨٤ (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٩) ١٠٧

١٤ رچنا-٨٥ (جنوري-مارچ ٢٠٠٠) ١١٥

# رچنا - ٧٢
## (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٦)

منگهارام ملڪاڻي (١٨٩٦-١٩٨٠) جي جنم شتابديءَ جي موقعي تي رچنا جو هيءُ پرچو، سمپادڪي اڪرن ۾، ’رچنا جي پنهنجي جنم ڏيندڙ دائيءَ کي اِهائي سچي شرڌانجلي آهي.‘ موجب، ملڪاڻي نمبر ڪري شايع ڪيو ويو آهي.

هن پرچي ۾ يارهان خاص ليک ۽ ارڙهان اَڳ آيل ليکن جا چونڊ ٽڪرا، م.م. جون ڪجهه رچنائون ۽ هن بابت ڄاڻ جا تفصيل شامل آهن.

پرچي جو سمورو اَثرُ، ملڪاڻي صاحب لاءِ اسان جو سِرُ اوُنچو ۽ ملڪاڻي صاحب اَڳيان اسان جو سِرُ جهڪيل رکي سگهيو آهي.

مکيه ليکن جي شروعات هري موٽواڻي ’سنڌيءَ‘ جي ليک ’م.م.-شخص ۽ شخصيت‘ سان ٿي آهي. هريءَ جو هيءُ ليک ذاتي اَنڀوَ ۽ رد-عمل تي ٻڌل آهي. هريءَ جي طرز بيان ۽ واقعن جي چونڊ هن ليک کي پرچي جو **TITLE SONG** بڻائي ڇڏيو آهي. ملڪاڻيءَ جي جادوئي پرسنلٽيءَ کي هن برابر اظهار ڏنو آهي. مون ملڪاڻي صاحب کي ڏٺو نه آهي - پر هن ليک ۾ ’ڏسي‘ سگهيو آهيان.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ’سنڌي هلچل ۽ منگهارام ملڪاڻي‘ ۾



ناٽڪ جي ٻوليءَ لاءِ اهو مڃيل سچ آهي ته اها ڪردارن ۽ زمان مڪان موجب ئي هئڻ گهرجي. ان طرح مٿيون ٽيئي ڳالهيون جي خاميون ان وقت جي پَس-منظر ۾ نه ڳڻجن ته به اُهي خوبيون ته نه ئي آهن، جئن ستيش روهڙا پڇاڙيءَ ۾ لکيو آهي- ’پر انکري ملڪاڻيءَ جي اهميت گهٽجي نٿي، پاڻ وڏي ٿي جو بنان اَهميت جي خاص بڻجڻ اهڙو ڏکيو نه آهي جهڙو اَهميت هوندي عام بڻجڻ.‘

ستيش روهڙا جي هن ننڍي ’ريسرچ پيپر‘ جو اهو پويون نقطو م.م. سان رعايت ڪرڻ لءِ لکيو ويو آهي - ائين به لڳي ٿو ۽ اهو ڪجهه ته خود ۾ به الٽو ٿي ويو آهي، ائين به لڳي ٿو.

’م.م. جا ناٽڪ - موضوع ۽ مسئلا‘ تي گوبند مالهيءَ لکيو آهي، ’مان ته اَڄ به ملڪاڻي صاحب جي جريت ۽ بي باڪائيءَ کي داد ٿو ڏيان.‘ مالهيءَ هڪ سسٽم طور ويهن ناٽڪن جو مثال کڻي، ناٽڪ جي سِري سان شروع ڪندڙ پئرا ۾، موضوع جا تفصيل ۽ ان تي پنهنجو تاثر ڏيندي، هڪ بهتر آلوچنا جو نمونو پيش ڪيو آهي. ناٽڪ سان وابسته مالهيءَ بيشڪ نڀايو آهي - پنهنجي وشيه سان، رچنا روپ سان ۽ خاص رعايت کان سواءِ ملڪاڻي صاحب سان - هن ناٽڪن جي مسئلن تي گهرج جيترو ئي مختصر لکي ’آلوچنا‘ کي سمٽل ڪيو آهي.

ناٽڪ ئي جنهنجو مکيه وشيه هجي، اهڙي هڪ ٻئي اديب پريم پرڪاش ’م.م. جا ناٽڪ ۽ رنگ منچ‘ تي لکندي هڪ وڏي

هنجي جذبي-وطن ۽ قومي شعور جي جهلڪ پسائي آهي. هن صاحب م.م. جي ’اَڳواڻيءَ‘ جي نقط نگاهه کان جاچنا ڪئي آهي ۽ تحريڪ ۾ سنڌس ساٿ کي ساراهيو آهي.

مٿي ذڪريل ٻئي ’ليک‘ ريکا چتر يا سمرتي چتر لکڻ جي ارادي سان نه لکيل آهن ۽ اُهي خالص مضمون پڻ نه آهن. اُنهن کي هڪ ليک يا **WRITE-UP** چئي سگهجي ٿو.

’پڇمي ياترا‘ جي ڪتاب جي آڌار تي، لکمي کلاڻيءَ هڪ ياتريءَ جي ياترا جا تاثرات ڏنا آهن ۽ ان ڪتاب جي تنقيد ڪئي آهي. لکمي خود به جبرو ياتري آهي ۽ ان نظر سان هن ملڪاڻيءَ جي سڀاوَ-وهنوار جي پرک ڪرڻ لاءِ، هن جي ’ياترا‘ جي پٺ وٺي هنجي شخصيت کي چٽو ڪيو آهي ۽ ائين هيءُ به هڪ ليک آهي.

هري دلگير (سنڌي ساهتيه جي هن هستيءَ کي، دادا يا صاحب چوڻ پسند نه آهي - ص-٢٧) ملڪاڻيءَ جي ڪيل ٻن ترجمن تي لکندي رايو ڏنو آهي ته ’گيتانجليءَ جا چار يا پنج ترجما سنڌيءَ ۾ ٿي چڪا آهن. پر جيڪو رس ۽ رواني ملڪاڻيءَ جي انواد ۾ آهي سو ٻئي ڪنهن ۾ ڪونهي. هن سلسلي ۾ هن کان پوءِ جي ليک ۾ ڪرشن کٽواڻيءَ اُنهن ترجمن تي الڳ رايو ڏنو آهي .... ’ٻئي ڪتاب انگريزيءَ ترجمي تان ترجمو ڪيل هئا .... اصلي ڪتاب ڦوهه ۾ وهندڙ نديءَ مثل هئا ۽ هي ترجما بيٺل تلاءُ .....‘



ڪرشن جو اهو رايو بينگاليءَ ۾ اَصل ڪتاب پڙهي نهيو آهي. هري دلگير جي رايي ۾ - ’مان گيتانجليءَ کي ملڪاڻيءَ جو بهترين ڪتاب ڪري ليکيان ٿو.‘

هونءَ به ترجمي بابت راين ۾ فرق هڪ عام ڳالهه هوندي آهي. ڪرشن کٽواڻيءَ جو هيءُ ليک هونءَ ته م.م. جي ’شاعراڻي طبيعت ۽ حساس دل‘ نسبت آهي ۽ هن جي ’نظماڻي نثر‘ جي ڪتاب جي حوالي ۾ لکيو آهي. نثر جي هن مضبوط ليک ۾ شاعري انداز - بيان جي جهلڪ ڏني آهي ۽ اهڙا ڪجهه مثال به ڏنا آهن.

پرچي ۾ هيستائين آيل رچنائون ’ليک‘ ئي چئي سگهجن ٿا. پر هن کان پوءِ ستيش روهڙا ’م.م. جي ٻولي ۽ عبارت‘ ۾ بدستور وگيانڪ جاکوڙ واري آلوچنا ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب جون کي جاچنائون مثالن ۽ ثابتين ساڻ اسانجي سامهون ئي طئه ٿي رهيون آهن، جڻ ڀاشا وگيان جي ليبارٽريءَ ۾ ڪي پريوگ اسين پاڻ ڏسي رهيا آهيون.

(١) ١٩٣٠ ۽ پوءِ ١٩٦٥ ۾ لکيل سنڌس ناٽڪ جي ٻوليءَ ۽ عبارت ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي. ڇو جو هن جو ٻوليءَ جو سنسڪار پختو ٿي چڪو هو.

(٢) ڪردارن ۽ زمان-مڪان جي آڌار تي، ٻوليءَ ۾ مشڪل سان ڪو تفاوت ڏسجي ٿو.

(٣) هن جي عبارت عام لَس-بيانيءَ واري آهي.

ٻئي هنڌ گهران ڪڍي آيل ڊبل روٽي ڏيڻ.

(٣) پٽ جي گذاري وڃڻ جي خبر ملڻ ڪان پوءِ بہ ٽئہ ٽيل ناٽڪ جو شو مهمل نہ ڪري، ان ۾ پنهنجو پارٽ بخوبيءَ نڀائڻ.

(٤) پنهنجي جيون ساٿيءَ جي دائمي وڇوڙي بابت درد پريو اظهار.

(٥) پنهنجين ناڪامياٻين کي قبولڻ، ان جو اظهار ڪرڻ کان نہ ڪيٻائڻ ۽ پنهنجون گهٽتايون ظاهر ڪرڻ وارن تي چڙون نہ ڪرڻ.

(٦) آتم-اَنوڀوتيءَ جي ويجهو، اظهار کي چاهيل روپ ڏيڻ ۾ ساهس کان ڪم وٺڻ.

گهڻو ڪري سمپادڪي نظر ۾ هڪ ڪوشش اهڙي ڪيل آهي جيئن ناٽڪ، تنقيد، ياترا، ڀاشا جي کيتر سان وڏيڪ وابستہ اديب ان ئي وشيہ تي لکن ۽ ان ۾ ڪافي حد تائين ’رچنا‘ جي ڪوشش ڪامياب آهي. لکمي کلاڻيءَ جي ان قسم جي نظر ۽ محنت کان هونءَ بہ سڀ واقف آهن ۽ هن جو من ئي من ۾ وڏيڪ قدر ڪندا آهن.



ڳالھ وڏيڪ چٽي ڪئي آهي - ملڪاڻيءَ جا گهڻا ناٽڪ منچ لاءِ سوَلا نہ آهن - ان رايي ۾ اَلبت وڏو فرق تہ هن ڪونہ آندو آهي. پر اُهي منچ تي آڻي سگهجن ٿا-ائين چوڻ لاءِ هن پنهنجي اَنڀو کي آڌار بڻايو آهي - پنهنجي ڊئريڪشن جي خوبين جي اُپٽار جا اِشارا ڏارڻ ۾ هو ايترو سڦل نہ رهيو آهي؛ پر پنهنجي وشيہ سان هن اوس نڀايو آهي. اها ٻي ڳالھ آهي تہ پريم پرڪاش جي اَڀياس ۾ ٻوليءَ جي **Terminology** اَڪثر تڪليف ۾ رهندي آئي آهي - هن ليک ۾، جيڪو ’ريسرچ پيپر‘ ٿيڻ کپندو هو، اٽڪل ٣٨ دفعا آٻلڪ جي نشاني ’/‘ اُپيوگ ۾ آڻڻ ان جو صرف هڪ مثال آهي.

هنديءَ جي جئہ شنڪر پرساد جي ناٽڪن لاءِ بہ جڏهن اِها شڪايت ٿي تہ اُهي منچ-يوگيہ نہ آهن - تڏهن هن تہ ائين چئي ڏنو هو-تہ پوءِ منچ منهنجي ناٽڪن جي يوگيہ ٿيڻ گهرجي- پرساد تہ اهو گنڀيرتا سان ڪونہ چيو هو، پر اڳتي هلي جڏهن منچ ترقي ڪئي تہ اُهي ناٽڪ اُها اَهميت ٽڪائي نہ سگهيا هئا. م.م. خود منچ سان وابستہ هوندي، منچ جي يوگيتا جو سوال وڏيڪ اهميت ڀريو آهي. هونءَ اهو پڻ هاڻ مڃيو ويو آهي تہ ناٽڪ ڪندي - ڪندي لکندو وڃڻ ئي وڏيڪ صحيح آهي. ’م.م. جي تنقيد‘ ۾ تاريخ ۽ تنقيد جي ڇئن پهلن تي زور ڏنل آهي. ’م.م. تاريخ نويس ۽ نقاد‘ ۾ هيري شيوڪاڻيءَ هن جي آلوچنا جي ڪن مريادائن جو ذڪر ڪندي

هن کي ’معتبر نقاد ۽ تاريخ نويس‘ سڏ کيو آهي، ان لاءِ ڪافي مثال ۽ حوالا ان راءِ جي پنيرائي لاءِ پڻ مهيا ڪيا آهن.

ناموديو ۽ پرو.شيوڪاڻيءَ جي تنقيد ۾ ڪن حوالن ساڻ هڪ ’اندرڻون‘ جي ساڳيائپ اتفاق ئي آهي.

اُتم صاحب ’م.م. اعليٰ شخصيت‘ جي ليک ۾ پڻ ڪي ڏڪيل ڳالهيون بي - پردي ڪيون آهن. ’ان زماني ۾ رواج هوندو هو جو ڳڀرو نوجوان هڪ ٻئي ۾ پيار پريون دوستيون رکندا هئا.‘

جڏهن هم-جنس تي هرک هارڻ تي روڪ پيل ڪانه هئي، تڏهن جا ڪي واقع اَڻ لکي نموني اِشاري ۾ گهڻو ڪجهه چئي وڃن ٿا. ان جو ٻئي ڪنهن خاص ذڪر نه ڪيو آهي پر خود ملڪاڻي صاحب جي نظماڻي نثر ۾ يا آتم-ڪٿن جي ڪن حوالن ۾ ان ڳالهه جي تائيد اوس ٿئي ٿي. چندولعل جئسنگهاڻيءَ جي ’وري چپيل‘ ٽڪري ۾ ان زماني جي ’پيار‘ جو ڪجهه ذڪر به اَچي ٿو. جو ٻئي قسم جو پيار آهي.

’حسن جي بکاريءَ جي هڪ هيءَ جهلڪ ’ان زماني‘ جي وري ’ٿئين‘ قسم جي ڳالهه چئي ٿي چڏي :

پوءِ رات جي بکايل اوجاڳي ۾
پنهنجي مسڪين ڳوٺڙي
پنهنجي هيڪلي هنڌ تي اَچي خالي ڪيم،

ائين م.م. جا پنهنجا جيون جا ڇهڇٽا به گهڻ دلچسپ



نه آهن ۽ هن جا آتم-ڪٿن پڻ جاندار آهن.

هيءُ سچو پرچو ’م.م.‘ جي شخصيت تي ڀرپور روشني وجهي سگهيو آهي. ڪٿي ڪجهه ڪٽڪندڙ ته خير نه ئي آهي، خاص ڪري ڪجهه وڏاءُ ڪندڙ پڻ نه آهي.

مالهي صاحب، هري موٽواڻي ۽ ستيش روهڙا پنهنجي نموني بهتر لکيو آهي. هن جي ڪتنب مان ڪي ويجها عزيز ڪجهه چون ها ته لڳي ها. هن جي فلمي حياتيءَ بابت تمام ٿوري ۾ جاڻ ملي سگهي آهي - ضرور ان ۾ گهڻو ڪجهه چاڻڻ جهڙو هئڻ جي گنجائش رهي هوندي. ريٽا شهاڻيءَ جو خاص ليک هجي ها ته بهتر.

’رچنا‘ جو م.م. پرچو ايترو اهم ٿي بيٺو آهي جو مونکي هڪ سچهاءُ ڏيڻ جي دل ٿي آهي. اهڙو پرچو هڪ شاندار ڪتاب جي صورت ۾ ’وڏي عمر ۽ لئبرريءَ جي ريفرنس بوڪ‘ طور ڪڍڻ ئي، اَڄ جي حالتن ۾، وڏيک سچاٽپ پريو قدم ٿئي ها.

منگهارام ملڪاڻيءَ جي سموري شخصيت جو هت مليل اَثر هن بابت اسان جي چاڻ ۽ هن لاءِ اسان جي عزت ۽ صدق وڌائي سگهيو آهي.

ڪجهه تاثر ته خاص نوٽ ڪرڻ جهڙا آهن.

(١) ڏيتي ليتيءَ ۾ شاديءَ وقت ورتل ڇَهه هزار، موقعو ملڻ تي واپس ڏيارڻ.

(٢) ڪنهن غريب ڪي، پنهنجي لاءِ ورتل مڱڻ جو پڙيڪو ۽

## رچنا - ٧٣
(جنوري-مارچ ١٩٩٧)

'مخزن - رويو' جي سلسلي کي سنجيده نموني ڪٽندي 'رچنا' جي هن پرچي کي، اچو ته ڳڌجي ڏسون ۽ پڙهون.

شاعر ايم.ڪمل جي سر-ورق ساڻ چڱي گيٽ اَپ ڪٽي ايندڙ هي پرچو پڻ سمپادڪي ليک ساڻ شروع ٿئي ٿو. اهو هڪ مڃيل سچ آهي ته سمپادڪي ليک، پوءِ چاهي اها روزاني هجي يا ماهوار، نهايت جوابداريءَ ۽ سڄاڳيءَ سان لکيو ويندو آهي. 'رچنا' به اهو رول نڀائيندي رهي آهي. هت آيل ليک ۾ اندس-فائونڊيشن کي شاباس ڏيندي کي سُجهاوَ رکيا ويا آهن.هڪ سجهاوَ مان به جيڪر ڏيان. سمپادڪي ليک ۾ هيٺان ان جي لکندڙ جو نالو هئڻ ضروري آهي. اهو ته اڄ مڃڻ مشڪل آهي ته ڪوبه 'ويچار' هرويرو ۽ هر هميشه ان جي 'سمپادڪ منڊل' جو 'ويچار' ڪري قبول ڪيو وڃي. تنهن ڪانسواءِ هيءُ گنڀيرتا سان لکيل سمپادڪي ليک اَگر مضمون طور اَچي ڪتابي صورت اختيار ڪن ته ليکڪ جو نالو ضروري آهي. خود 'سنڌوواڻي' ان جو مثال آهي. 'ڪونج' ۾ آيل اهڙا ليک وشنو ڀاٽيا پڻ ڪتابي صورت ۾ ڏنا هئا. خير.

هن پرچي جي 'ڪَوَر-استوري' شاعر ايم.ڪمل جا ست غزل



اڄ جي ماڊرن ماڻهوءَ جي ٽيسٽ تي طنز ڪرڻ جي چڱي ڪوشش آهي. پر هت ڪويءَ جي طنز جو جواب به ٿي سگهي ٿو - اهو وسارڻ نه گهرجي. سندرتا چيز ۾ نه، پر اُن جي ڏسندڙ جي درشٽيءَ ۾ هوندي آهي! مان ته ان 'ڇوڪريءَ' جي اڳيان هڪ سِٽ جوڙيندس - ڏسڻ واري جي من - اِستٽيءَ ۾هوندي آهي! پوءِ به ٻنهي رچنائن ۾ ڪويتا جي جهلڪ اوس ملي ٿي.

پر 'عدم موجود' ۽ 'بهادريءَ' ۾ ڪويتا جي بهادري عدم-موجود چو آهي؟ ويچار جي پاوڪان نازڪ خيال ڪوتا لاءِ موزون آهي.

ديوي ناگراڻيءَ 'غزل' ۾ 'لگن' ۽ 'دل' سان يا علم سان نه پر 'ذات' سان ئي ڪويتا لکڻ جي ڳالهه چئي آهي.

هن وٽ 'ڇوڻ جو ڏانو' ڪافي آهي. 'خيال' کي پڪڙي ڪلپنا سان رنگ ڏيڻ جي ضرورت آهي.

شيلو تنها 'تصوير جو مطلب' ٻڌائڻ بجاءِ پڇي رهي آهي. ويچار هت ڪويتا جو احساس نه بڻيو آهي. پوءِ چاهي اهو ڪيترو به عمدو چو نه هجي، 'ڪويتا' نه آهي. 'فرصت جي ڪوتاهي' ۾ به هڪ تاثر جهٽڻ جي ڪوشش آهي. ائين ڪجهه جهلڪ ته ملي ٿي. پر شيلو تنها جون هي ڪويتائون 'نثر' جي نموني لکندا ته شايد ئي ڪٿي تڪليف ٿئي. ڏسو :

هرڪو انسان پنهنجي روز جي زندگيءَ ۾ ڪيڏو مشغول آهي. ڪنهن کي ڪنهن جي لاءِ فرصت ڪونه آهي. گهر موٽندي رستي ۾ ساهيڙيءَ سان، ٿوري دير ڪاڻ، مون سوچيو ته، پنهنجو

آهن ۽ اُنهن جا ڪي شعر تہ ڪافي جاندار آهن. اصطلاحي ٻوليءَ ۾ ’ڪمل‘ صاحب ڪڏهن صلاح ڪڏهن شڪايت تہ ڪڏهن خيالي منظر اُٿي ٿو. هن صاحب جي تازهہ ڪويتا ۾ طنز جي تڪائي، پرتيڪ جو ڀرپور اپيوگ ۽ جديد زندگيءَ جو پَس-منظر وڌيڪ ڏيان ڇڪائي ٿو.

پير-لهڻ (جنم ٿيڻ) جو اصطلاح هن هٿ-پير لهڻ ڪري ڪم آندو آهي. ’ڪمل‘ جي گل جيان هڪ خاص خوبي اِها بہ نظر آئي آهي تہ ڪافي شعرن ۾ وروڌ-آڀاس جو ٽَڪرُ لطيف ٻڌيو آهي - ان جو انداز بہ گهٽ نہ آهي.

(شيشي کي پٿر جون / دانهون ڏيندو آهيان) ڏسو شيشو ۽ پٿر جو ٽَڪرُ!

(جيءَ ۾ غم جون بستيون/ صحرا انوکو آهيان) ڏسو بستيون ۽ صحرا جو ٽَڪرُ!

اهو برابر آهي تہ سڀ شعر ساڳيو اَثر نہ ڇڏي سگهيا آهن. پر اهو تہ نہ ممڪن آهي ۽ نہ ئي هرويرو ان جو آگرهہ رکڻ گهرجي. ها، ڪچا ڦڪا شعر ۽ ساڌارڻ شعر هت بنه ورلي آيا آهن. ڪٿي - ڪٿي ڪنهن لفظ کي گهڙي تراشي ’وزن‘ ۾ ٻهارڻ لاءِ لفظ کي ماري ڪٽي روئڻ-هارڪو ڪرڻ کان ڪوي بچي نہ سگهيو آهي. اتي ٿوري سهجتا گهٽجي وڃي ٿي.

ساهتيہ ۾ خاص طور ڪويتا ۾، ’چا‘ چوڻ جي اهميت گهٽ آهي-’ڪئن‘ چوڻ جي اهميت (ئي) وڌيڪ آهي!



ڏسو هڪ ساڌارڻ ڳالهہ ’ڪمل‘ جي لفظن ۾ ڪئن نہ اَساڌارڻ بڻي آهي :

اڪ هنجي پٽجي ٿي اڃا ڪين
ڪيا عمر ڪمل وڃڻ جا سعيا.
ڪوماٽا غمن جي سج کان سپنا
هت رات کان اُس ٽڪي پئي آ!

’رچنا‘ ۾ ڪويتا وڀاڳ ۾ ٻيون ڪوتائون ٽن اُسرندڙ ڪويترين جون آهن - وِمي سدارنگاڻي، ديوي ناگراڻي ۽ شيلو تنها.

وِمي سنڌي ساهتيہ ۾ پختي داخلا وٺي رهي آهي. هت شامل چار ڪوتائون بہ اُن جي ساک پرين ٿيون. ٻن ڪويتائن ۾ برسات ۽ گل آهن ۽ ٻن ۾ ’ويچار‘ آيو آهي. اَصل ۾ برسات ۽ گل ۾ ئي ويچار وڌيڪ اَڇي سگهيو آهي.

وِميءَ نئين ڇئي ويندڙ ڪويتا جي واٽ ورتي آهي ۽ ڇئني ڪويتائن ۾ ’پُرش-پاتر‘ پاڻ (مان) جي طرز تي ڪويتا ڇئي رهيو آهي. ’گذريل برسات‘ ۾ (وهندڙ اکيون ڪٽي/سُڪل/آسمان کي ڏسندو رهان ٿو ....) پرڪرتيءَ جو خاتمو ماڻهو پنهنجي ئي هٿان ڪري ٿو وهي - اهڙو ’آگهات‘ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. البت اهو ’آگهات‘ نہ ٻڌجي سگهيو آهي - جئن مهيش نيٽواڻيءَ جي ’شينهن‘ ۾ ٻڌيو آهي. (اُن ڪويتا کي مون ٽن پاترن کي ڪٽي اِسٽيج ڪيو هو ۽ ’آگهات‘ بهتر ٻڌيو هو!)

’ونڊرفل‘ ڪويتا ۾ ’بانس ٿي اَڇي تازن گلن مان‘ لفظ بہ

حال اوري سگهندس. سچي وات مان فقط پنهنجي باري ۾ ڳالهائيندي رهيس ......

’رچنا‘ جي هن پرچي ۾ به ڪهاڻيون آهن. پنهنجي ڪهاڻي ’گهر‘ تي به جيڪر مان لکان .... پر خير. ٻي ڪهاڻي مقبول گجراتي ليکڪا ڪندنيڪا ٻين ڪاپڙيا جي ۽ ومي سدارنگاڻيءَ جي انواد ڪيل ’وڪيريل سڳنڌ‘ آهي. هيءَ ڪهاڻي ڪلاتمڪ نموني هڪ استريءَ جي من جڳت کي پيش ٿي ڪري. درلڀ ٿيندڙ ’سنيوگ‘ جو هن ڪهاڻيءَ ۾ سهارو ورتل آهي.

نائڪا پنهنجي جائي ڪنيا ’پلي‘ هڪ ’ٻار سنڀال‘ ڪيندر ۾ سونپڻ بعد، پاڻ اُتي ئي جوابدار پد تي ڪم ڪري رهي آهي. هن ’معاملي‘ جي سندس پتيءَ کي ڪابه خبر نه آهي - ۽ شايد ان ڪري ڪجهه به ’ڪُڇي‘ نه ٿي سگهي.

ساهت ’ميڪ - بليو‘ جي ڪلا اوس آهي - ڪهاڻيءَ ۾ به اَڪثر ئي **Possibility** ۽ **Probability** جي سندرڀ ۾ سياويڪتا کي ڪٽي شڪ ظاهر ڪيا ويندا آهن. هت پڻ نائڪا پنهنجي ئي ’ڌيءُ‘ ٻال-آشرم ۾ ڪنهن طرح ڏني آهي ۽ پوءِ اتي ئي نوڪري ڪري رهي آهي ۽ ٻئي طرف پتيءَ سان سُکي به رهي ٿي - اُهو سڀ مٿي ذڪريل ’شڪ‘ ۾ آڻڻ جي گنجائش ان ڪري پيدا ڪري ٿو جو ليکڪا ان ڊڪ-پڙدي نسبت ڪا به جسٽيفڪيشن نه ڏني آهي - ان ڪانسواءِ، نائڪا جي پاونائن جي سنگهرش جو چٽ ڪهاڻيءَ جو مکيه ڪٿيه طور پانڪ کي ڇُهي ٿو وڃي.



پنهنجا بند آزاد ڪري مُڪت ساهه کڻڻ شروع ڪيو آهي.‘ ڪجهه گهڻ صداقتي لڳي رهيو آهي. آخر ۾ هڪ رپورٽ آهي - تفصليوار.

ائين ’رچنا‘ ٧٣ جو هي پرچو ڪويتا، ڪهاڻيون، ليک، تبصرو ۽ رپورٽ سان ڀرپور آهي. ’سچ چوڻ جي چوٽ‘ ۾ هرهڪ رچنا تي تاثرات ڏيڻ جو ارادو دهرائيندي آخر ۾ وري به به لفظ ...... هن ڪالم ۾ مان ’نشنا‘ سان ’ٻڏل‘ آهيان، باقي ’مريادائون‘ ڪنهن جي وس ۾ هونديون آهن؟

ليکڪا، اَنوادڪا، نائڪا ۾ هنجي ڏيءُ - هڪ اِستري سنسار!

ڪرشن ڪتواڻيءَ جي جيون، سپنا ۾ هنجا ڪتاب ئي نہ، هنجا ڪردار، هن جا ٻاهريان سک ۾ اندريان دک - ڪافي ڪجهہ هن جي ’آتم - ڪٿن‘ ۾ ڪرشن سان اسان جي پنهنجائپ پيدا ڪري ٿو. هڪ شاهي شخصيت جو ۾ مِٺي - درد جو احساس هن جي لفظن مان پيدا ٿي سگهيو آهي.

ڪالمُ ’ڪائنات‘ انسانن جي اَبن-ڏاڏن تي لکيل آهي جنهن کي ’باندر‘ چوندا آهيون. سماج شاستر جو هڪ نقطو آهي - انسان سماجڪ پراڻي آهي. پر هت شري نرمل واسواڻيءَ باندر کي سماجڪ پراڻي طور ثابت ڪرڻ جا گهڻا مثال ڏنا آهن. ايترو ئي نہ ’سوچ-ويچار‘ بہ هو ڪري سگهندا آهن! هي ليک ڪلاتمڪ آنند ڏيندڙ آهي ان جا بہ خاص سبب آهن. نرمل جي هڪ تہ ٻولي ساهتيڪ ۾ شاستريہ آهي ٻيو هن جو اَڀياس ’گيان جي ساهتيہ‘ جي سيما ڇڏي اڳتي سُري آيو آهي. اَلبت اَهڙا ڪمينٽس ڪجهہ گهٽ آهن جن سان ليک ’ذاتي لکڻيءَ‘ جو ڀرپور اَثر ڇڏي سگهي. جئن ’توهان کي ٻڌي عجب لڳندو تہ سنڌ ۾ ڪڇ ۾ باندر ٿئي ئي ڪونہ!‘ (اَڇا!)

’ويچار ڌارا‘ ڪالم ۾ هيري شيوڪاڻيءَ ڏک هڻي شاباس ڏني آهي. ’شبد ڪوش‘ جي نَوَن حوالن وارن ارٿن جي پٺيان طنز ڪندي هن صاحب اول تہ لڄايو آهي -شرمايو آهي - کهڙو منهن کڻي اسان پنهنجي ’ڪعبي‘ سان مخاطب



ٿينداسين؟ پر پوءِ آخر ۾ دلجاءِ ڏني اٿائين - دوستو - بي ڏڙڪ اها ترقي جاري رکندا اَچو.

هت سوال اُٿاريل آهي - ساهتڪار جي**Ethics** جو. هن جي سنجيده جوابدارين جو. اسان جي وويڪ جو. ائين تہ ڪلاڪار پنهنجي فن جي مستيءَ جو مالڪ آهي. پر لفظن ۾ سوچ - ويچار واري ساهتيہ جي ڪلا، جي ڪي جوابداريون طلبي ٿي، تہ وقت جي حوالي ۾ اُهي جائز ٿي سگهن ٿيون. ’غالب‘ جي شعر سان مناسب طور جڙيل هي ليک اسان مان اهو سڀ طلبي ٿو. اها ڳالهہ ٻي آهي تہ خود ’غالب‘ پنهنجي طرف، ڪٽنب سماج طرف ايترو جوابدار نہ رهيو هو ......

’رچنا‘ ۾ هڪ تبصرو آهي - ’سونهري رنگ جي ڪارڻ‘ ومي سدارنگاڻيءَ جي ڪوتا سنگرهہ تي لکيل هيءُ تبصرو لکمي ڪلاڻيءَ ’پومڪا‘ جي طرز تي لکيو آهي، البت پومڪا تہ ڪتاب ۾ بہ ڪرشن ڪتواڻيءَ ڏني آهي.

وميءَ جي ڪن بهتر ڪاويہ-ستن سان لکمي ڪلاڻيءَ هت هڪ قسم جو ’ڪويتا جو آسواد، **Appreciation** لکيو آهي - گجراتيءَ ۾ بوڪ-رويو ۾ آلوچنا کان الڳ اها بہ عام طور قبوليل رچنا آهي.

وميءَ جي هت آيل ڪويتا-ٽڪرن ۾ ۾ ان نسبت لکميءَ جي تاثراتن ۾ اوس ڪافي وزن آهي. پر اهو چوڻ تہ ’لڳي ٿو عرصي کان نلهي لفاظي جي ڪوڙڪي ۾ ڦاٿل سنڌي ڪويتا

# رچنا - ۷۴

(اپريل - جون ۱۹۹۷)

’رچنا‘ جي هن پرچي جي سمپادڪي ليک ۾ اَڄ جي ماڻهوءَ جي ٻاهرين ڏيکاءَ، حرفتي چالاڪ دماغ ۽ نقلي وهنوار تي سخت ڇُله ڪيل آهي. ليک ۾ سنڌي ليکڪ طرف شڪايت ۽ ڏمر جي سُر ۾ هن جي من-ورتيءَ تي طنز ڪندي هن جي وويڪ کي جاڳائڻ جي صادق ڪوشش ڪيل آهي. ’مکوٽا‘ ’سانگ‘ ’ائڪٽنگ‘ ’نقلي ويس‘ - لفظن سان ڪلاڪار جي چرتر کي چٽ للڪار ڪيل آهي. ان ليک سان اِهو محسوس ٿئي ٿو ته ان جي لکندڙ ۾ جيڪا باهه ٻري رهي آهي، ان جو سيڪ هن کي ان لکڻ لاءِ آماده ڪري رهيو هوندو.

هڪ ڪوي واسديو ’نرمل‘ جي سرورق سان آيل هيءُ پرچو به ’رچنا‘ ۾ گيٽ-اَپ جي وڏيڪ پرگهور ۽ بجيت جي گُهر ڪري ٿو.

ناٽڪ ڪار ۽ شاعر واسديو ’نرمل‘ جي ڪافي لنبي تعارف سان هنجون پنج غزلون ۽ مختلف مقطع به ڏنل آهن. ’نرمل‘ لکڻ سان گڏ سڀاوَ ۽ طبيعت کان به شاعر آهي. هن سان ملندڙ هر ليکڪ کي هنجي شاعريءَ جي ’ياد‘ اوس ڪرڻي هوندي



ڏيئي سگهجي ٿو. سِرو ڪويتا جو ڀاوُ ظاهر ۽ پوءِ پختو ڪري ٿو. ٻي غزل ۾ ’ڇٽيءَ هيٺان‘ ايندڙ منظر به نيڪ آهن.

رچنا ۾ هڪ ڪهاڻي به آهي. هري همٿاڻيءَ جي لکيل ’سِرڻ ۽ ماس جو ٽُڪرو‘.

سرڪاري آفيس جي اندر به هڪ ڪرمچاري نگر ٿيندو آهي ۽ اُنهن جي آفيسرن، ساٿي ڪم ڪندڙن جو به پنهنجو هڪ نه ڪٽندڙ سنسار ٿيندو آهي. آفيس کان ٻاهر به هنن جون اهي ٻاڌليون پوريون ٿي نه ٿينديون آهن. اهڙي ٿي ماحول تي - هڪ ڊيوٽي - سڄاڳ مرچومل جي شخصيت تي هيءَ ڪهاڻي لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ مرچومل سامهون اُڀتڙ تري ايندڙ پر چالاڪ ۽ آلسي نهال، جڻ ماس جو ٽُڪر آهي ۽ هو پاڻ سِرڻ. ڪهاڻي چوڻ جو پُراڻو ڏانو هوندي به هريءَ وٽ ماحول ڪڙي ڪرڻ ۽ ڪردار کي جان ڏيڻ جي قوت اوس آهي. پر هيءَ ڪهاڻي پنهنجي موضوع جي ڪنهن ’سارتڪ‘ يا خاص سارٿڪ پهلوءَ جي نه هوندي اُچاتري ٿي پئي آهي. ڪهاڻيءَ جي اُٽت ۾ ٿي مرچومل (هيءُ نالو به ......) جي سامهون نهال کي ٽَڪَرَ جو ڪردار نه ڀاري ڪنهن به سوڪيم سنگهرش کان سواءِ مرچومل جي ’جيت‘ کو اَثر ڪونه ٿي ڇڏي - بلڪ اصليت اِها آهي ته ڪهاڻيءَ کان ٻاهر هرهنڌ نهال جي ’جيت‘ جو شور آهي - ائين يٿارٿ کان آدرش طرف ويندڙ پريمچند جي ياد ڪري وٺون

آهي، پوءِ بہ، هن ايتري لنبي عرصي کان ايترو ۽ اهڙو لکيو آهي، جو هن کي ان جي پيٽ ۾ گهٽ ئي ياد ڪيو ويندو آهي. ’رچنا‘ جو هيءُ قدم ان طرح بہ اهميت رکي ٿو.

’نرمل‘ جي غزل ۾ قافيہ-رديف جي دلچسپي، موضوع جي رنگيني، اُچاتري خيال جي پڻ سماجڪ-نظرداري ۽ پنهنجن کي ميار ڏيڻ جي ڏانوَ جهڙا انيڪ پهلو تري ايندا آهن - جيتوڻيڪ هن کي غزل جي فڪر کان فن جو وڌيڪ اونو رهيو آهي، پوءِ بہ هن جو ڪوبہ شعر خالي نہ ويندو آهي - ڪجهہ چئي ويندو آهي. عام فهم محاورا غزل جي خوبصورتي اُٿڻ ۾ چڱو ڪمال ڪندا آهن.

هڪڙو مهمان اچا ڳوٺ وڃي واپس مَس
ٻئي مهمان جي لءِ ڪانءُ اَچي لنوندو آ.

وهنوار ۾ ئي نہ ڪويتا ۾ بہ هن جي سادگي ڏسڻ جهڙي آهي.

پوءِ سندس سادگي پيا سدا ڳائيندا،
ڪي گهڙيون يار ’نرمل‘ سان گهاري ڏسو.

اسان جي شهر پاونگر ۾ ورلي ڪو اديب ايندو آهي - پر پيڻ پڳوتيءَ سان ملڻ ’نرمل‘ چڱا دفعا آيو آهي ۽ ڪيتريون گهڙيون ساڻس گهارڻ جو جس مليو آهي. هن جي ’نيتردان‘ واري ڪويتا هن کان ئي ٻڌي گجراتي ڪوي ڪافي متاثر بہ



ٿيا هئا.

سُرڳواسي ڊاڪٽر ٽيڪچند گُرداساڻي ’پريم‘ جو نالو پل اسان مان ڪيترن گهٽو نہ ٻڌو هوندو پر ’ڪٿا ڪاويہ‘ جي سلسلي ۾ لکيل لنبي ڪويتا ’ڪماري سنڌوءَ سان رهاڻ‘ هنجي روايتي ڍنگ جي پر پختي ڪويتا ڪلا ۽ ان جي النڪار يوجنا جو پريچيہ ڏئي ٿي. ’رچنا‘ جي اِها ڪوشش پڻ قابل داد آهي تہ ان ۾ ساهتڪ اتهاس جي اهميت کي ڌيان ۾ رکي اَهڙين شخصيتن جو وقت بہ وقت قدر ڪيو ويندو آهي.

هت آيل ڪويتا ۾ لفظن جي رنگين بياني شبد-النڪار جو هڪ روپ ۽ نديءَ جو مانويڪرڻ ڌيان ڇڪائيندڙ آهي.

پنج ڇٽيون ڦن کي مليون، هو ڏيهہ ڏوريو جن پنجاب،
ستلجا، راوي، بياسي، جهلم ۽ پنجين چناب!

هن ’رچنا‘ جو ڪويتا وڀاڳ چڱو سٻل آهي. واسديو موهيءَ جا ٻہ غزل بہ شامل آهن-اُهي بہ سٻل آهن. پهرين رچنا ۾ ڪويءَ پنهنجي-پنهنجي ’گهر‘ جو تصور پنهنجي نموني ڪيو آهي.

ڪٽ چڙهيل تالو ڏسي هٻڪي هوُ
۽ مان ڪنڊو ٿي وڃان، گهر لڳندو
(ڪڙو وڃندو آهي يا ڪُنڊو - جيڪو ٽُنبيل هوندو آهي؟)

هونءَ بہ ’غزل‘ جي ماستري اُن جي بند جي ڪُلف - ڪنجيءَ ۾ وڌيڪ سمايل رهي آهي. هن غزل کي ’گهر لڳندو‘ سرو بہ

جيڪو خود ’ڪفن‘ ۾ پاڻ کي اَتي-يٿارٿ طرف ڌڪ پائي وٺي ويو آهي.

’ڪائنات‘ ڪالم جي شري نرمل واسواڻيءَ هن پيري دنيا جي تازھ ٻرندڙ مسئلي ’ڪلوننگ‘ تي لکندي ان جي اتهاس حال ۽ ڪيترن شاستريه ۽ شاسترن جي حوالن سان اسان جي اُچ ٻيٽي ڪري ڇڏي آهي.

عام طور ’رڊ‘ جي ’ڪلوننگ‘ جي ٽي.وي. رپورٽ کان پوءِ اهو ٽاپڪ دنيا ڀر بحث هيٺ آيو آهي. چاهي اهو وگيان بنھ نئون نه آهي پر هاڻ ان جا امڪان اِنسان جي ڪاربان-ڪاپيءَ جي جهلڪ ڏيئي اِنسان کي عجب ۽ چنتا ۾ وجهي رهيا آهن.

هن ليک ۾ نرمل ونسپتي شاستر، ساهوارن ۽ انسانن جي نسبت ۾ ڪيترا ئي مثال ڏيئي پنهنجا رايا به ڏنا آهن. ان ڪري هيءُ ليک معلوماتي نه پر ڪوجنتاتمڪ ڇئي سگهجي ٿو. پر هڪ دقت به نظر آئي آهي - يان هو ان وگيانڪ چمتڪار مان خوش به آهي ۽ ناراض به آهي. نرمل چوي ٿو - ماڻهوءَ جي لوڀ يا بي احساس ٿيڻ جي ڪا حد ئي نه آهي! (ص ٢٣). سائنس، سائنس فڪشن ۽ ٽئگور جي ڪويتا-نرمل ادبي نظريو ساڻ رکندو آيو آهي ۽ ان ڪري هن جي اِيياس ليک ۾ هن جو چنتڪ روپ به ڇٽو نظر آيو آهي.

مقالو يا ڏارا ۾ هيري شيوڪاڻيءَ پنهنجي ريڊيو وارتا-



اَسان جي ڪمپائونڊ ۾ ’آفيس‘ گل صبح جو دير سان ٽڙي شام جو آهلي پوندا آهن ۽ ڪڏهن- ڪڏهن ڏينهن جو به ليٽي پوندا آهن - ’آف ڊيوٽيءَ‘ سبب.

گُلن جي رنگ روپ سپاو خوشبوءِ هلت چلت ۽ عادتن کان نه پر نالي کان ’چرڪ‘ پرڻ جي هن ڪويتا ۾ ستيش روهڙا ’رتن جوت‘ گلن جي انگريزي نالي جو تاثير ڏنو آهي. انسان جي درشٽي (پاشائي) سنسڪارن سان اجهو ائين جڙيل آهي - ساڳي چيز اڳ سُهڻي هاڻ پوائتي!

’نارائڻ شيام جي ڪويتا ۾ خيال‘ ۾ اهو ويچار ڇٽو ڪري بھاريو آهي تہ شيام خيال جو نہ، احساس جو ڪوي آهي. پل احساس پنيان لڪل سوڪيم خيال ان جو آڌار بہ رهندو هجي. شيوڪاڻي صاحب جي اِها جاچنا ڏاڍن سُهڻن لفظن ۾ ۽ تز آهي تہ هن جي ڪويتا جو ’گهري، نازڪ احساس وارو درد منداڻو مگر منڙو تاثر‘ آهي.

البت هڪ هنڌ هن صاحب لکيو آهي - ’ڪن جي شاعري، اَحساس تي وڌيڪ زور ڏيندي آهي، تہ ڪن جي جذبي تي، ...... ۽ اڳتي لکيل آهي - ’نارائڻ شيام جي شاعري غالبا احساس ۽ جذبي جي شاعري وڌيڪ آهي.‘ هت احساس کي Feeling ۽ جذبي کي Emotion ڪري ڪٺڻ سان بہ ٻنهي کي الڳ ڪرڻ ڪافي ڏکيو آهي - پوءِ بہ هنجي ڏنل سوچ ۾ مونجهارو ڪونہ ٿو ٿئي ۽ اهو دل سان لڳي ٿو تہ هو خيال جو گهٽ، پاوَ جو شاعر ئي وڌيڪ آهي. (هونءَ بہ ڪويتا جهڙي نازڪ چيز ۾ ويچار جو بار نہ رکڻ وارن نقادن جي بہ ڪمي نہ آهي.)

’آزاديءَ جا پنجاهہ ورهيہ ۽ پاشائي وڪاس‘ ۾ ستيش روهڙا سنڌي پاشا ۾ گذريل اَڌ صديءَ ۾ آيل تبديل جو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خاص حالتن جو ذڪر ڪيو آهي. هن ليک ۾ سنڌي پاشا کي سنڌي ٻولي نہ چيو ويو آهي اهو بہ ’پاشا جو درجو‘ ظاهر ٿو ڪري. ’ڪابہ پاشائي تبديل سني يا خراب ڪانہ ٿي ٿئي.‘ اُهو



مچڻ اُن ڪري ڏکيو لڳي ٿو ڇو تہ بانٽوا، جهوناڳڙهہ، پاونگر، راجڪوٽ جي سنڌي بستين ۾ صرف ’واندو‘ نہ پر جام ٻيا لفظ سپاويڪ نموني شامل ٿي رهيا آهن ۽ پاشا جي اها تبديل پاشا جو اڳتي هلي بگڙيل روپ ئي ’وڪسائيندي‘ - اَهڙو خطرو نظر اَچي ٿو.

تبديل جي تفصيلن ۾ ڪافي دلچسپ جاچنائون بہ اوس ڏيان ڇڪائين ٿيون. خ غ ۽ ز توڙي ڏ ٻ ڄ ڳ جا اُچار بہ برابر بگڙي رهيا آهن. در اصل هن وشيہ تي وڌي وستار سان سوچ ويچار پاشا وگيان سان جڙيل ودوانن کي ڪرڻ گهرجي ۽ ڊاڪٽر ستيش روهڙا آزاديءَ کان پوءِ جي پنجاهہ سالن جي عرصي ۾ سنڌي پاشا جي خاص حالتن جي مَدي-نظر اِها تمام سٺي شروعات ڪئي آهي. گجراتيءَ ۾ مَزور جو اُچار مجور ئي جائز سمجهي ڪيو ويندو آهي ۽ هنديءَ جيان ڄ هيئان بندي ڏيڻ جي صلاح مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن. وري غزل ۾ گزل پڻ گ جو اُچار ئي صحيح سمجهي ڪندا آهن ۽ ز جي جڳهہ تي مزور واري ڄ بجاءِ وڌي جهہ ئي لکندا آهن-پر هُت هنن کي ڪا خاص تڪليف ڏسڻ ۾ نہ آئي آهي. شايد ’روايت‘ ئي پاشا جو بنياد آهي.

’رچنا‘ ۷۴ ۾ آخر ۾ باڪس ۾ ’قبرستان جا گل‘ ڪويتا پڙهي مون کان (بہ) چرڪ نڪري ويو.

# رچنا-٧٥

(جولاءِ-سپٽمبر ١٩٩٧)

’رچنا‘ جولاءِ-سپٽمبر پرچو برابر آڪٽوبر جي پهرين هفتي آس پاس مليو. ساهت ۽ ڪلا جي هن مخزن جو هڪ ’لوگو‘ ساهت ڪان وڌيڪ ڪلا کي اظهار ڏيندڙ آهي - پوءِ ڪابه ’آرٽ‘ جي چٽسالي يا ڊيڪوريشن ’سجاوٽ‘ نه آهي، سواءِ اِشتهارن جي. هينئر ته ڪمپيوٽر گرافڪس ۽ آف سيٽ پريس ساڻ اهو ڪم ايترو سولو آهي، جيتري ڪلپنا ڪرڻ! ’سنڌالاجيءَ‘ وٽ ته پاڻ اُهي ساڌن، ڏانوَ ۽ درشٽي رکندڙ سمپادڪ به آهن. گهٽ ۾ گهٽ ڪوَر ته - اَڳيو نه هجي ته بهتر. خاص ڪري تڏهن - جڏهن هاڻ مخزن ’سنڌالاجي‘ طرفان نڪرندڙ آهي.

هن دفعي شري موتيرام راماڻي ۽ شري گُني سامتاڻيءَ جي وڇوڙي جو نوٽ خاص ڌيان ڇڪائي ٿو.

سَر-ورق تي ’ڪَور-اسٽوري‘ جي ڪوي شري ڪرشن راهيءَ جي تصوير ۽ سندس رچنائون توڙي پريچيه چڱي روايت جو اَثر ڇڏي ٿي.

ڪرشن راهيءَ جون ڪي غزلون، ڪوتائون ۽ بيت هن جي ڪوي - شخصيت اُپاري رهيا آهن ۽ غزل جا ڪي شعر چڱو اَثر ڇڏي رهيا آهن -



’خواهش آ اَڌ زندگي، چنتا آ اڌ موت‘

(’چنتا چکيا سمان‘ يا ’چنتا تاکي کيجيئي جو ان هوني هوءِ‘ - ياد ڪريون)

’دُک جي لاءِ دوا بڻيو، دک مان ڇاول گيت (’درد کا حد سي گذرنا هوتا هئه دوا هو جانا‘ - ياد ڪريون)

البت دلگير جي ’تنها‘ رچنائن ۾ ڪيترا ساڌارڻ تجلو ڏيئي جهڪا به ٿي وڃن ٿا-جئن :

ميمبر پارليامينٽ جا، ڀارت جا ڀڳوان!

اندرا واسواڻيءَ جي ڪويتا - ’موهن جي دڙي جا وارث سنڌي‘ رچنا پنهنجي مئسيج ۾ ديجي ويئي آهي.

بي زمين قوم
بي زبان ٿي
وساري ڇڏيا ويد
جي رچيل هئا سنڌوءَ ڪناري تي
شاهه کي ڪري پري
شيڪسپيئر کي رٽي
فخر ٿا وٺن
منهنجا موهن جي دڙي جا وارث ....

هن ڪويتا ۾ هڪ وڏو درد ٻن نقطن ۾ ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي، ’بي زمين قوم/بي زبان ٿي ....‘ ۾ زمين وڃائڻ ڪانپوءِ اسان هاڻ زبان وڃائڻ وارا آهيون .... شايد اهو ايترو تز ۽ تکو اثر ڪا ڪويتا ئي ڏيئي سگهي ٿي.

پر مون کي هن ڪويتا ۾ ڪافي شڪايتون آهن. اول ته هيءَ رچنا وڏي تراش جي درڪار رکي ٿي. ان ۾ لفظن جي بيهڪ

اَڇ مداري سياست جو،
خود تماشو بڻي ويو آ.

پر تمام غير رواجي ۽ دل لوڏائي ڇڏڻ وارا هن جا شعر شايد ٻيا ٻه چونڊ جي سگهجن ها.

’هو اتي ئي هئا‘ ۽ هنجو مشهور بيت ’سنڌ ۽ سنڌي‘ ’وطن‘ جي جذبي تي رچيل رچنائون آهن. بيت پنهنجو پاڻ ۾ ’درد‘ جو داستان کڻي آيو آهي ۽ ٻي رچنا ۾ هلڪو طنزي مزاج جو سُر ملي ٿو -

- جيڪو هن جهڙي برجستي شاعر جي ساک پرڻ لاءِ ڪافي نه آهي. وري هن جي ٻي ڪويتا ’اڇ ته موڪلايون‘ ڇڳي دِل - ڏهلائيندڙ ڪويتا آهي -خاص ڪري هن ئي پرچي ۾ نوٽ ورتل ٻن ليکڪن جي وِداءِ يا اُن طرح پنهنجن جي اوچتي وِداءِ جو احساس ڪرائي ٿي وڃي. ڪا رچنا جڏهن ان طرح ڪو احساس ڪرائي ٿي ته پوءِ ان ڪويتا جي نسبت ۾ ان جو آڪار-پرڪار نندي ماجرا آهي.

اَڇ ته موڪلايون
ڪير ڄاڻي
سياڻي
تون هجين نه هجين
هي جو هن دفعي مليا آهيون
پاڻ ۾ گڏيا آهيون
خبر ناهي
ٻئي دفعي ملون، نه ملون .....



(پاني ڪيرا بدبدا، اَس مانَس ڪي جات
ديکت هي ڇُپ جات هئَ، جيون تارا پربات!-)
(ڪبير)

ڪرشن راهيءَ ڪان پوءِ هن پرچي ۾ ٻيا ٻه اَٺ شاعر آهن - اول هري دلگير جا تنها. دلگير صاحب کي ’تنها‘ ڪويتا نه لڳي رهي آهي. اهو لفظ به پسند نه آهي. اهڙو ڪجهه نوٽ لکي هن هت ٻه ٻزن ’تنها‘ ڏنا آهن ۽ ان کي ’هِڪ سٽا‘ چوڻ جي اِڇا ظاهر ڪئي آهي.

هري دلگير صاحب هڪ ’سلجهيل‘ شاعر آهي ۽ من جي ڳالهه دل کولي ڪري ڏيندو آهي ۽ هيءُ اُستاد ٻارن وانگر سوال پڇي ٻئي کي ’سلجهيل‘ رهڻ نه ڏيندو آهي.

لفظ ’تنها‘ در اصل خود ۾ جمع آهي. ان جو واحد ’تنهو‘ ٿيڻ گهرجي. ان کي ’هڪ سٽو‘ (’هڪ سٽا‘ وري جمع ٿيندو!) يا اڄان به ’يڪ سٽو‘ چوڻو پوندو. هڪ ته اهو لفظ عدد واحد ۾ نهي ڪو نه ٿو ۽ ان قسم جون رچنائون به هڪ کان وڌيڪ (ئي) هونديون ته ’هڪ سٽا‘ يا ’تنها‘ چوڻو پوندو. تنها ان ڪري وڌيڪ صحيح آهي ڇو ته ان ۾ ’ڪاويه‘ جو شابدڪ پرياوُ آهي - ۽ هو قريبن ’اسٽاپت‘ ٿيڻ جي تيارين ۾ آهي. اها ان ڪري ’ڪويتا‘ آهي، ڇو جو، اها ڪويتا جو احساس ڪرائي ٿي ۽ جي ڪرائي ٿي ته ڪويتا ئي آهي. سنسڪرت جي ’سوُڪتي‘ يا ٻين ٻولين جي ’ڇوٽي‘ ۽ ’پهاڪا‘ جي اها ڪافي ويجهو آهي. خود هت آيل ڪي ’تنها‘ به اهڙو اندازو ڏيئي رهيا آهن - جئن :

PAUSE ۽ نهڪندڙ نه آهن - ڪويتا جي اها نه ڏسڻ ۾ ايندڙ سوڪيم ضرورت آهي.

ٻيو شيڪسپيئر ۽ اڳتي ياني ۽ مائڪل جئڪسن ڪي ائين اظهاريو ويو آهي جڻ اُهي 'نه چاهڻ لائق' هجن. اسان شاهه ڪي وساريو آهي ته ان لاءِ اسان جون حالتون جوابدار آهن ۽ شيڪسپيئر نه! اها اُنهن جو نردوش توهين ٿي وڃي ٿي. ڪويتا جي اندر ڪرنٽ ۾ اُها سماجڪ چنتن ڪان وڌيڪ لفظن جي اُچارن ۽ اڪرن جي چڪر ۾ ٻه ڦاسي وڃي ٿي - (بمبئيءَ جو بابي ... هوشيار پور جو هني ....) ۽ هيءَ ڪويتا ته، پنهنجي ليکي ٻه ڪافي 'ڪمزور' ٿي ويئي آهي. فقط 'سنڌيت' جي جذبي تي اسان جون ڪيتريون فني ڪچاين واريون رچنائون پنهنجو سماجڪ 'ملهه' حاصل ڪري وٺنديون آهن. رچنا جي ڪسوٽيءَ تي اُن تي آڱر کڻڻ کي، 'سنڌيت' تي آڱر کڻڻ ليکجڻ جي ڊپ ڪان. هونءَ هن جو چاهيل ٽوٽل اِفيڪٽ يا ڪويتا جي مُراد شفي آهي ۽ اُن ۾ ڪوهيل سڃاڻپ جي سنڪٽ جي آتش آهي.

ديوي ناگراڻيءَ جي غزل روپ رنگ ۾ چڱي آهي پر ان جو اثر انداز ڪٿي فلمي گيتن جي جهلڪ ته ڪٿي صلاح ۽ اپديش سمائي ٿي.

دنيا کي زهر جو ڏيٺو آ

سو ڪلندي ڪلندي پيٺو آ

(... جيون هئه اگر زهر تو پينا هي پڙيگا ....)

رهندي نه هميشه هيءَ اونده



آهن. 'رچنا' جو ڪويتا ويآڳ ڀورنگي نظارا ڪٺي آيو آهي.

ڪلا-رچنا پنهنجي صداقت سان پاوَڪ کي پاڻ طرف ڇڪي ويندي آهي. هڪ ناستڪ ٻه سريلا پچن گنگنائيندو آهي. لکمي ڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي 'متيءَ جي مهڪ' جو نظريو جيتوڻيڪ بلڪل نئون نه آهي، پوءِ ٻه، هيءَ ڪهاڻي اهو سريلو پچن آهي، جيڪو ناستڪ ٻه گنگنائڻ چاهيندو.

ڪهاڻيءَ جا ٻه لوڪيشن آهن - هوائي جهاز جو سفر ۽ سنڌ جو سفر-ٻه ڪردار آهن -هڪ سنڌي جو هاڻ ائمريڪي ٿي پيو آهي ۽ هڪ آهي ائمريڪن ليڊي- جيڪا پراچين سيتا ۽ جيون شيليءَ جي چاهڪ آهي. لکميءَ ٻنهي لوڪيشن ۾ ٻنهي ڪردارن‌جي آس-پاس جي مانسڪتا کي هوبهو تصويري منظر ڏنو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ پاوڪتا جي اَتيءَ ڪان بچڻ جي ڏيرج ڪهاڻيءَڪي بچائي ورتو آهي. سنڌين جي سنڌ ڇڏڻ پنيان هاڻ ذري گهٽ وساريل 'ڌرم-پاونا' کي هت ريشنل ٽچ ڏيڻ جي بلڪل نئين ڪوشش ۾ ليڪ ساهس ڪان ڪم ورتو آهي. نيڪ اهڙي ئي تمام گهٽي پئسي وارن جي وايو منڊل ۾ 'سنڌ جي سار' واري هڪ اهڙي ئي روبدار ڪهاڻي اڳ ڪرشن کٽواڻيءَ وٽان ٻه ملي آهي. اهڙين ڪهاڻين ۾ ڪلاتمڪ اظهار ۽ توڙ سان نڀائڻ لاءِ هڪ دور درشتي ۽ ڪلا-درشتيءَ جي درڪار رهي ٿي ۽ هت لکمي ٻه ان ڏس ۾ وسان ڪونه گهٽايو آهي. وڏي ڳالهه ته هيءَ ڪهاڻي هڪ طئه ٿيل سنڌيش ساڻ شامل رهي ٻه ڪٿي ٻه لائوڊ نه ٿي آهي ۽ پنهنجي قسم جي باريڪ ڊيٽيلس ۾ لکميءَ وٽ ڪا ڪسَرَ نه رهي آهي.

هر رات ڪان پوءِ ڏينهن اَچڻو آ.

(رات پر ڪا هئہ مهمان انڌيرا ......)

ائين برابر آهي تہ ڪويتا ۾ ’چا‘ چيل آهي ان ڪان ’ڪيئن‘ چيل آهي، ان جي ئي اهميت وڌيڪ آهي - ۽ ان ڪري اِها ڪا وڏي ڳالهہ بہ نہ آهي.

لڪشمڻ (ڊُبي) جون بہ غزلون آهن تن ۾ بي غزل ۾ هيٺيان چار شعر ’واهہ جا‘ چيل آهن.

ٿيندو رئڻ پٽڻ پڻ ٿيندو،
مَرُ تہ سهين پهرين تون پائي!

(ڏسو هن ئي پرچي ۾ ڪرشن راهيءَ جو شعر :)

روئڻو آ تہ روئون جيئري ئي
موت تي ڪير روئڻ وارو آ!

جڻ ’راهيءَ‘ کي ’لڪشمڻ‘ جواب ڏنو آهي.

جن ۾ پيار پڪو ٿيندو آ
تن ۾ ٿيندي آهہ لڙائي!
دنيا جي ڪل معنيٰ ’لڪشمڻ‘
مون کي هڪ پاڳل سمجهائي!
سوچ تہ آخر ۾ تون آهين
مڙئي مٽيءَ جا ٻڪ ادائي!

هنجي پهرين غزل بہ اثردار رهي آهي.

هريش ڪرمچنداڻيءَ چڻ تہ ’شايد‘ ڪوتائون لکيون آهن- اُنهن ۾ ’احساس‘ آهي پر ڪٿي ڇڊو آهي تہ ڪٿي اڻ پورو يا اڻ ڇٽو آهي هڪ ڪويءَ جي انداز سان هن ’اسنتوش‘ کي



چاهيو آهي. هن جي ’اُلٽي‘ دشا جو اظهار ڪٿي ڪٿي فنائتو بہ بڻيو آهي.

ڳل لاءِ مون هٿ وڌايو
ڪندو لڳم
مون ڳل کي روئندو ڏٺو تنهن تي
ڪندي لڳڻ جي پيڙا نہ رهي پوءِ ......

نند ڪمار سنمکاڻيءَ هڪ غزل ۾ سنڌيت جو اظهار ڪندي شڪايت ڪئي آهي.

رهڻي-ڪهڻي، ريتيون-رسمون، پهرائو ۽ ڳاڌو،
بدلائي هٿ سنڌين ڪئي آ ماءُ مَٽَڻَ جي تياري!

ٻوليءَ ڪان پوءِ ڳانءِ ماتا، گنگا ماتا، ڌرتي ماتا، ديوي ماتا ۽ هٿ سنسڪرتيءَ کي ماتا جو روپ ڏنو ويو آهي. ڀاوَ جو اظهار تہ ڪوتا ڪري ورتو پر اهو نئون اصطلاح ڏاڍو اُگرو ٿو لڳي. هڪ ٻيو نئون اصطلاح ’پارت-چاوا‘ بہ ڏيان ڇڪائي ٿو.

گوپال هاسيجا ۽ راڄ نولاڻي بہ اندور جا شاعر بہ بہ رچنائون ساڳئي پيڄ تي کڻي آيا آهن.

’اونداهي‘ ڪويتا ۾ گوپال چوي ٿو -

.... اَڄ رويوار آهي

سپاڻي نيون اکيون خريد ڪنداسين ... پر ’ڪويتا‘ ۾ بہ هو روشني پري ها جيڪر. هن جو ’گيت‘ روماني نظر جا چند لفظ - گيت جو روپ وٺي نہ سگهيا آهن ۽ سمپادڪن جي اُدارتا ظاهر ڪري سگهيا آهن.

راجا نولاڻي ڪجهہ علامتي تجلا ڪويتا، چاهي بيت ۾ ڏنا

هوائي جهاز جو اوچتو ڪراچيءَ ۾ ليندينگ ٿيڻ ۽ واقعن جي اُٿت پاٿ ڪهاڻيءَ کي ’ريدي ميڊ‘ ٿيڻ بجاءِ سهڄ بڻايو آهي. وڏي ڀاڱي شولداس عرف فضل ڪريم جو رول بہ ايترو ئي سارٿڪ بڻيو آهي ۽ هن جو رول ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ٻيو بہ سمانتر سبجيڪٽ کڻي آيو آهي.

هيءَ ڪهاڻي ٻين ٻولين ۾ ترجمي ۽ ناٽڪي روپانتر جون صلاحيتون هڪ طرف کڻي آئي آهي تہ ڪهاڻيڪار لکمي کلاڻيءَ جي ڪلاڪار جي سڃاڻپ ٻئي طرف ڏيئي سگهي آهي. اهو تہ صاف ظاهر آهي تہ هيءَ ڪهاڻي ’ڌرم بدلائي ٻي شادي‘ جي ڪهاڻي نہ آهي، اها تہ هت صرف هڪ ٻاءِ-پاس آهي - نہ ئي ڌرم بدلائي سنڌ ۾ رهيل وڏي ڀاڱي سان ملڻ ڪانپوءِ جي ’وڏي عجيب خال‘ جي ڪهاڻي آهي، هت هو بہ بس سائيڊ-سين آهي. ان طرح هت هڪ وڏي ناول جو ڪئنواس پڻ نظر اچي رهيو آهي. چاهجي تہ ان کي گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي ۽ سندري اُتمچندانيءَ جهڙا فڪشن رائيٽر سهڪاري ناول بہ بڻائي سگهن ٿا.

هري نارائڻ آپٽي جي مراٺي ڪهاڻي (انواد : واسديو نرمل) ’پهريون جهڳڙو‘ چڱي منووگيانڪ ڪهاڻي چئي سگهجي ٿي. ضدي سڀاءَ جي تازو شادي ڪيل زال معمولي ڳالهہ تي ڪاوڙجي نانيءَ وٽ آئي تہ آهي پر نانيءَ جي خود جي زندگي اهڙي ئي هڪ معمولي جهڳڙي سبب پڇتاءَ سان پريل بڻجي پيئي، اهو ڄاڻڻ سان هن جو ’هرديہ-پريورتن‘ ٿئي ٿو.



آهيان جو اُهي سڀ اول هنديءَ ۾ آيل هوندا آهن ۽ ڪيترا پيرا اهي ڪتاب اسان جا هنديءَ ۾ پڙهيل يا ڏٺل هوندا آهن - ها، ان ۾ بہ -رايا ٿي سگهن ٿا.

هري دلگير، ’روحل فقير‘ ليک ۾، ڀارتي هندي ڪوين ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڳانڍو-پل جي روپ ۾ روحل کي پيش ڪيو آهي. دلگير صاحب جي پتا شري گرڏنيمل جو گڏ ڪيل ۽ ان بابت وڏي شردا رکي ان جي سار-سنڀال لهڻ، پر ’مالڪن‘ جي مرضيءَ خلاف ان کي ڇپائڻ لاءِ تيار نہ ٿيڻ - اهو سڀ ڪافي دلچسپ لڳي رهيو آهي.

گهڻو ڪري هنديءَ جي ڀڪتي ڪال جون خاصيتون ’روحل‘ ۾ ڏسجي رهيون آهن ۽ ’ڪبير‘ جي ويجهو آهن. دلگير جي اها چاهنا بہ وزندار آهي تہ ’روحل‘ سنڌ ۾ ’هندڪي‘ ٻولي ۽ طرز تي ڪلام چيو آهي جيڪو اڌيت آهي - البت اِهو وشيہ ڄاڪوڙ بہ طلبي ٿو.

’رچنا‘ جو هيءُ پرچو، هڪ طرح ’سنڌيت‘ پرچو ٿي آيو آهي. هن ۾ ڪرشن راهي، اندرا واسواڻي، نند ڪمار سنمکاڻي، راجا نولاڻي، لکمي کلاڻيءَ جون رچنائون ۽ خاص طور ’رچنا‘ جو سمپادڪي ليک ’جلاوطنيءَ جا پنجاهہ سال‘ هر طرح سنڌيت ڏيئي رهيا آهن.

’شادي هڪ سمجھوتو ئي آهي‘ اهو ڪهاڻيءَ جو آدرش آهي. اَنواد تي اَچڻ لاءِ اجان به ڪي شاهڪار ڪهاڻيون چونڊجڻ گھرجن يا ’انواد‘ ڪان بچڻ ممڪن هجي ته وڌيڪ بهتر.

شري نرمل واسواڻيءَ جي سُهڻي سنڌيءَ ۾ پنهنجي ڪالم ’ڪائنات‘ ۾ باندر اسان جا فور-فادرس -بابت ڏنل ڄاڻ ڪافي دلچسپ آهي. اِنساني سڀاوَ ڪان وٺي Animal-Sex تائين نرمل ’باندر‘ جي وهنوار طرف به سڄاڳ رهيو آهي. ’گِبن‘ ذات جو ننڍو ايپ گھڻي ڀاڱي ’پتني ورت‘ آهي. (هن ئي پرچي ۾ هري دلگير لکيو آهي - ’پتي ورت پتني، مگر، پتي نه پتني ورت‘ ص.١٠)

اڄ جي يگ ۾ ته ماڻهو ڌرم-پتنيءَ ڪان الڳ، ’ڌرم جي پتني‘ (ڌرم جي ڀيڻ جيان) به رکڻ لڳا آهن! اسان اجان به ’باندر‘ ڪان سِکي سگھون ٿا.

شري هيرو شيوڪاڻي ’ويچار ڌارا‘ ۾ سنڌي ساهت جڳت جي صحيح چنتا ڪري رهيو آهي. ڪيس ڪنهن ويجهي بزرگ دوست جو مليل ڏوراپو سچ پچ دهرائڻ جهڙو آهي ته نام-نهاد ’برک ساهتڪارن‘ ۽ ’انهن جي سيمينارن‘ بابت ڀڪيل ۽ مذاق سان لکڻ سان اُنهن ’ذ/ودن جي عزت وڌي ٿي ۽ هو ڪڳيون هڻن ٿا. ان بابت سڀ ڪجھ پڙهو - پٽ ڪرڻ جي ڪيس چيل ڳالھ هڪ چئلينج آهي ۽ ان لاءِ شري شيوڪاڻي صاحب ئي شايد وڌ ۾ وڌ صحيح ۽ حقدار توڙي شڪتي رکندڙ ساهتڪار آهي. افسوس اهو به آهي ته ڪجھ سهنج سهوليتون ڪجھ اجايو سنمان ۽ جي حضوريءَ ڪري ڪيترا آدر پاتر ليکڪ پڻ اَهڙين



منڊلين ۾ نردوش ڀاو سان پهچي اُنهن جي مرادن ڪي برثواب ڪرڻ ۾ ساٿن بڻجي اَچن ٿا ۽ اُنهن جي صحيح وروڌ ڪرڻ وارن لاءِ مشڪلات بڻجن ٿا. مزو ته اِهو به آهي جو غريب سنڌي ٻوليءَ ۾ ’اڻ ڄاڻو‘ ايلاج منٿون ڪري روئي ٻاڏائي ’ڏگريون‘ وٺي اُنهن جي ئي ڪلهن تي چڙهي اَچن ٿا!

سينٽرل ساهت اَڪادميءَ جي شاهڪار انوادن ۽ ٻئي طرف اصلي پر گهٽ درجي جي ڪتابن جي اِشاعت جي پرمار تي مان به تپرس ۽ فڪر ۾ آهيان، اهڙن ڪتابن ۾ راجيه اَڪادميءَ جي مالي مدد ۽ اها مهيا ڪرڻ - ڪرائڻ وارن جو ۽ انعام ڏيڻ - ڏيارڻ وارن جو ڀاڱ وڏو تعداد آهي.

سينٽرل ساهت اَڪادميءَ جا NORMS شايد ڪافي ڪارگر رهيا آهن جو اتي ڪافي ڪجھ چڱيءَ طرح Filter ٿي ويندو هوندو. مان جيڪر هت راجيه اَڪادمين ڪي يا ته انعام اِشاعت ۽ سيمينارس لاءِ سينٽرل اڪادميءَ جا نيم لاڳو ڪرڻ جي ’نماڻي چئلينج‘ ڪريان ۽/يا ڪين پنهنجي بورڊ جي ميمبرس ڪي ڪا مدد نه وٺڻ جو نيم ڪرڻ جي. ها، اها پوءِ به فقط ڪا شروعات ئي هوندي ... ڪم-آن - شيوڪاڻي صاحب .... توهان شايد ڪجھ ڪري سگھو ...... نه ته ’جس لُٽڻ‘ وارن ۾ هاڻ ’سياڻا‘ ماڻهو به لڄ لاهي شامل ٿي چڪا آهن ......

شاهڪار انوادن جو سلسلو ته سينٽرل اڪادميءَ جو وڏي عرصي ڪان جاري آهي. پر هاڻ اُن ۾ ڪيترا وڏا شاهڪار شامل ٿيڻ تي ڌيان ڇڪيو آهي. پر مان شخصي طور اهڙن وڏن ڪتابن جو سنڌي ترجمو ان ڪري وڌيڪ سارٿڪ نه مڃيندو

سنڌيءَ ۾ تنها لکڻ جي شروعات اِندر پوڄواڻيءَ ڪئي هئي - هن لکيو هو :

مان ڪاٺوءُ دنيا، باقي مان

دلگير به لکيو آهي -

مان ۾ منهنجي وچ ۾، هي سارو سنسار

دلگير جون ٻيون به ٻه ٽي سٽون ڏيان چڪائين ٽيون -

تلسيءَ جو پرسڊ دوهو آهي :

ديا ڌرم ڪا موُل هئه، پاپ مول اَڀيمان!

دلگير چوي ٿو :

مجبوري يا مرض ئي، آهه پاپ جو موُل.

سوال اهو نه آهي ته پاپ جو مول ڪهڙو آهي. (هونءَ 'پاپ' به آهي ته من جو ڀرم!) سوال آهي ساڍا چار سوَ سال اڳ جو دوهو وري به منو وگيانڪ نقطو ڪٿي ٿو اَچي ۽ دلگير وٽ گهٽ ۾ گهٽ واجبيپڻو به نه ٿو ملي. اِتي اهو چوڻ جي ويچار کي سوکيم ڪويتا روپ ڏيڻ جي گهٽ درڪار ڪئي آهي! مان سمپادڪ هجان ته دلگير صاحب وٽ اِهي ويهه تنها ڪٽي وڃان ۽ چانهه به پي اَچان ۽ ڏهه تنها وري نظر ورائڻ جي لاءِ رکي به اَچان! برابر سيني ۾ ڪجهه آهه. پر ڪڏهن 'ڪجهه' ڪافي نه آهه. ڪڏهن 'ڏانو' ۾ نه آهي ۽ ڪڏهن اهو ڪجهه ڪويءَ وٽان لفظن ۾ پهتو نه آهه! ها، ڪڏهن ته 'واهه' جو آهي.

اُن ڪري وهه واهه ٿو، ٻڌي گڏهه جي هينگ!

پر اَلائي ڇو ڪيترن تنهن ۾ دُهراءَ جي ڇايا جهلڪي ٿي - ڪٿي 'ويزن' جو ڪٿي اکرن جو پرلاءُ.



# رچنا-٧٦

## (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٧)

'رچنا' ٧٦ نمبر، ڊسمبر ٩٧ جو پرچو سنڌي ساهتيه جي ٻن هستين جي ياد ڪٽي آيو آهي. هڪ سوَ سال اڳ جن جو جنم ٿيو هو - اهي هستيون آهن : ليکراج ڪشنچند 'عزيز' ۽ منوهرداس ڪوڙومل.

'عزيز' ۽ منوهرداس ڪوڙومل جي ياد واري هن پرچي ۾ اول عزيز جي ٺاهوڪي ۽ رعبدار تصوير ساڻ هن بابت ۽ هن جون ڪافي رچنائون شامل آهن.

هري دلگير جي خاص لکيل ليک ۾ 'عزيز' جي ڪَتن ۽ مِنن آزمودن جي چڱي اُپٽار آهي. ڪوي ۽ ڪلاڪار به عام اِنسان جيان اڪثر وير-ڀاوَ جي اثر ۾ ڪي حرڪتون ڪري وهندا آهن- اهڙا ڪي مثال 'عزيز' سان به جُڙيل آهن. اُهي پڙهي اَڳتي اُتم جي ليک ۾ لکيل لفظ پڙهڻ ۾ هڪ ٻيو لطف اَچي رهيو آهي!

'دلگير' لکيو آهي ته 'عزيز' رام پنجواڻيءَ جي غزل جو اُردو ترجمو ڪري پترا ڇپائي هن تي چوريءَ جو الزام هنيو ۽ پوءِ ٿڪ ڏيئي ڇپائين رام جو غرور چوُر چوُر ڪرڻ لاءِ ائين ڪيم! ٻئي هڪ مثال ۾ 'عزيز' چوي ٿو - مان قسم ٿو کڻان ته

اهو ڪتاب مون نه لکيو آهي - اهو ضيا جو لکيل آهي ۽ مون ڪيس پنهنجو نالو لکڻ جي اجازت ڏني هئي!

عزيز بابت اڳتي اُتم جي ليک ۾ هي لفظ اَچن ٿا :- عزيز صاف گو ۽ صاف دل شخص هو. نه رک رکاءُ ڪندڙ هو ۽ نه لڪ لڪاءُ ڪندڙ .... چوندو هو ته : مان سازش مان نه ڄاڻان، جو ڪنهن کي ڪجهه ضرر رسايان .....

ارجن 'حاسد' عزيز لاءِ لکي ٿو ته هن جي شاعريءَ ۾ ٻولي پارسي اَثر واري آهي پر ناٽڪن وغيره ۾ ائين نه آهي. هن تي مسلمان شاعرن جو اثر رهيو آهي. 'حاسد' جون آخرين سٽون تکيون آهن - اڳ ته مشاعرن ۾ نه جهڙي غلطيءَ تي به ٽوڪيو ويندو هو اڄ مشاعرا ته آهن ئي آهن پر شعر ڪير ٿو چوي؟ تاڙيون ئي تاڙيون! وقت کي سلام آهي!

استاد شاعر 'عزيز' جون يادگيريون 'ايم.ڪمل' به سڪ - پريم ۽ آدر سان لکيون آهن. هڪ ڏکئي پل جو هن جو ذڪر پڇائڻ وارو آهي - 'هڪ وڏي پل ٿي ويئي. مون کي شادي ڪرڻ کپندي هئي!' عزيز جي تنها جيون جو تکو چٽ آهي ان ۾.

دادي پوپٽي هيراننداڻيءَ 'ليکو پهلوان' جو هڪ الڳ روپ ڏيکاريو آهي. ڪويءَ جو زمينداريءَ ۽ بهادريءَ وارو روپ-

عزيز جي شخصيت تي 'اُتم' جي ليک ۾ باريڪ نظر به آهي ۽ آدر ڀاءُ به. پنهنجي ئي زميندارِي پيشي جي خلاف عزيز 'غريبان مار' ناٽڪ لکيو اهو سچ ته عزيز جي صادق-جذبي جو مثال آهي.



'عزيز' بابت ڪجهه ٽڪرا ڪلياڻ آڏواڻي، منگهارام ملڪاڻي، نارائڻ شيام ۽ موهن ڪلپنا جا به آهن - پر اندر پوڄواڻيءَ جو نه آهي جنهن 'عزيز' جي فني ڪڇاين تي بهتر لکيو آهي.

هنن ليڪن سان 'عزيز' جي رعبدار شخصيت جو هڪ عمدو چٽر ڪڙو ٿئي ٿو - ۽ 'رچنا' اِن ڏس ۾ جا محنت ڪئي آهي اُها نظر اَچي ٿي - (نند ڇُٻاڻي به اَهڙن اديبن جي جيون بابت دلچسپي ۽ ڄاڻ رکندڙن طور ياد پوي ٿو -)

عزيز جي ڏنل چونڊ رچنائن ۾ هن جي شاعريءَ جي جهلڪ ملي ٿي ۽ عزيز جو ڪويءَ جو سچو پريچيه ملي ٿو.

ياد تنکي مان اَچان يا نه اَچان، رهندا ياد
جيءَ ۾ جادو ڪو اَتم اَهڙو لڳائي وينا!

هنجي رچنائن جي چونڊ به سنجيده آهي.

هن پرچي ۾ منوهرداس ڪوڙومل ڪلناڻيءَ کي به با ادب ياد ڪيل آهي. هن جي جيونيءَ تي لکيل پريچيه ۾ شري لکميچند روپچنداڻيءَ جو ڪتاب 'منوهر جيوني' آڌار طور ڪنيل آهي جنهن ۾ منوهرداس جي شخصيت جو هڳاءُ ملي ٿو. هن جي ڪيتي وگيان ۾ ماهريت هئڻ ساڻ وڏو مضمون نگار هئڻ ۽ سير سفر جو ڏيڊ لک ميل جو انداز وغيره ڏيان-قابل آهي.

هن 'رچنا' ۾ هري دلگير، واسديو نرمل ۽ شريڪانت 'صدف' جون ڪويتائون شامل آهن. دلگير جا ويهه تنها به 'تنها يا هڪ سِٽا' سري سان آيا آهن.

کنڌيءَ تان ڇا ٿو ڏسين، موتي ملنديءَ هيٺ

شايد ڪنهن حد تائين هن قسم جي رچنا ۾ ئي اهو جوکم سمايل آهي ته ’خيال‘ ڪٿي پهچائي ٿو ڇڏي!

جن کوجا تن پائييان .... گهري پاني پيٺ!

واسديو نرمل جي هڪ ’آزاد نظم‘ ۾ هن اڄ لوڪل ٽرين ۾ لٽڪندڙ ماڻهن لاءِ ’يسوع مسيح‘ جي ڪلپنا ڪئي هئي. هن جي هٽ آيل رچنا ’ماڪيءَ جي تلوار‘ ۾ ان خيال کي ڦهلايو ويو آهي. پنهنجن سان ڪجهه جلد پهچڻ لاءِ -

ڇڻ ته مسافر لٽڪي رهيا هئا سَرها ٿي سوريءَ تي! ..

’قدر‘ رچنا ۾ شڪايت ته جنگ سٺنڪ ڪن ٿا ۽ قدر سردار جو ٿئي ٿو، چاهي ’هڪ مڇيءَ کي مخاطب‘ ۾ مڇيءَ کي اِلتجا ڪيل آهي ته اها ’اڪو پاتل‘ ڇانور ڪٽي ڪراچيءَ وڃي اُتي به ٿي ڪٽا پهچائي اتان سنڌ جي مِٽيءَ جو ذرو ڪٽي اَچي. بهتر ’پاونا‘ به اگر ڪويتا ۾ اڪرن سان ’هڪ - رس‘ نه ٿي سگهي ته گهربل اَثر ڇڏائي نه ٿي سگهي.

ڪويتا جو اِهو ئي ته نديڙو اڻ-لکيل شرط آهي! شايد واسديو اهو خيال شعر ۾ بهتر ڇئي سگهيو ٿي.

’آزاد ڪويتا‘ سري سان شريڪانت صدف چار نندا اظهار ڪيا آهن.

شريڪانت بابت وستار سان هڪ سيمينار جي پيپر لاءِ ۽ پوءِ هڪ ’بوڪ رويو‘ لاءِ لکندي مون کي ذهن ۾ تري آيل ڳالهين ۾ اها به نظري هئي ته ’شاعرن - ليکڪن‘ جي سلسلي ۾ پاڻ لاءِ ٻين جي راءِ ۽ رائزنيءَ بنسبت هن جي شڪايت کي ڪافي



هن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي - ان جو شانائتو ’سنسڪار‘ آهي. اَمبولنس ۽ سمنڊ اِهي به اکر-سماجڪ ريتين - رسمن ۽ سنسڪارن جي ٽڪر ۾ وڏي ڳالهه اِشارن ۾ ڇئي ٿا وڃن. اهو وڏو قدم ڪهاڻيءَ کي چوٽدار به بڻائي ٿو ۽ ڪلاتمڪ اظهار جي ويجهو به آڻي ٿو.

’شونيه کان شونيه تائين‘ هيءَ ڪهاڻي جيڪو چوي ٿي، اهو هڪ استري، هڪ سنڌي اِستري، ۽ پنهنجو پاڻ کي پاتر بڻائي چوي ٿي، اهو، هڪ ساهس آهي.

۽ آخر ۾، ’رچنا‘ جي سمپادڪي ليک ’ٻاهريون ۽ اندريون وجود‘، ۾ هڪ ڪوڙو سچ چيو ويو آهي -

’اهو گهمنڊ اَجايو آهي ته هيءَ سڀ مون اَڪيلي جي حاصلات آهي. پاڻ هر ماڻهوءَ کي نِوڙت مان اهو قبول ڪرڻ کان عار ٿيڻ نه کپي، ته هيءَ سڀ اسانجي ٽيم جي گڏيل حاصلات آهي.‘

’رچنا‘ جو اِهو آواز شل اُنهن ڪنن تي پوي، جن لاءِ اهو لکيو ويو آهي ۽ وري اُنهن ڪنن تي جنتي به گهمنڊ جا چشما چڙهيل نه هجن.

جڳهه ملندي رهي آهي. اها (ئي) پومڪا هت آئي آهي پر هڪ
'ٻار جي جنم جي پهرين رودن' ڪيس آهڙي شڪايت جي
سامهون 'محبت جا هزارين سبق رٽائي ڇڏيا ۽ هن کي ان ڪان
ٻاهر ڪڍيو! خيال ته جاندار آهي.

ٻي رچنا ۾ به اهو ئي نقطو پر وڌيڪ فنائتو ٻڌايل آهي.

'مون کي شاعر طور ريتي ڇڏيو هئائون
.... منهنجي نظر اُنهن تي پيئي
جن کي انسان طور ريٽيو ويو آ ....

ائين وروڌي ڀاوَ ٽڪرائڻ جي هنجي ڏانوَ جو ذڪر مون
اَڳ به ڪيو هو - هت به اهو اظهار ڪافي وزندار بڻيو آهي هن
جي ٻين ڪوتائن ۾.

اندرا واسواڻيءَ جو 'نالو' ڪهاڻيڪارا طور نئون نه آهي.
هت هنجي هڪ FANTACY 'موت منهنجو .....' ڌيان ڇڪائي
ٿي. ائين ته هيءَ ڪهاڻي به هڪدم سِڌي انداز بيان ۾ آئي
آهي ۽ هڪ 'ويچار' کي آڪار ڏيڻ لاءِ اها با مقصد ڪوشش ئي
آهي. پوءِ به اها ڪِنِ ڪُندن ڪان لوڏائي ڇڏي ٿي ۽ اُهي
ڪندون ڪافي باريڪ آهن.

'ليکڪ کي 'رچنا' مان پوريءَ طرح ڳم ٿي وڃڻ ڳهرجي.'
اِهو اَڪثر اندرا ڪان نه پئي ٿيو آهي. هت به نه ٿيو آهي .....

'اهو به سچ ٿي چوان ته .....' اظهار ۾ هن کي پاڻ لڪائڻ
ياد ئي نه رهيو آهي. مون کي لڳي ٿو، فڪشن ۾ اهو ضروري
آهي. پنهنجو آس پاس - ڪن جڙتو اظهارن باوجود - بدلائڻ



ڏکيو رهيو آهي هن لاءِ.

هت آلوچنا جي سڌانت طور اهو چوڻ جو موقعو آهي ته
ڪهاڻيءَ جيان ڪڏهن آلوچنا ۾ به 'داخلي' ٿيڻ جو جوکم
رهي ٿو - خاص ڪري تڏهن جڏهن اُهي ليکڪ، ويجها چاتل
سڃاتل آهن، جن تي لکجي رهيو آهي. هيءَ ڪهاڻي فنائتي
اُٽت ۾ 'بهتر' ته نه بڻي سگهي آهي. ان لاءِ ڪهاڻيءَ جي ڏانو
طرف اڃان به اندرا کي ڪافي پنڌ ڪرڻو آهي - پر ڪهاڻيءَ ۾
اظهاريل 'سچ' کي محض نئين سماجڪ پس-منظر طور نه ڪٽي
فڪر جي سطح تي ئي ڪٽڻ صحيح ٿيندو.

موت جو ادب - اتهاس جو سبق رهيو آهي. پوءِ به ڪي
رواج ان کي 'هلڪو' ٻڌائي ٿا ڇڏين. هت هيري شيوڪاڻيءَ
جي هڪ ڪهاڻي (پورٽريٽ) خاص ڌيان ۾ اچي ٿي. پر فڪر
جي سطح تي 'موت' جي 'پورڻتا' - 'شونيه' جو درشن سامهون
رکيو ويو آهي. هستيواد جو فلسفو، ان ۾ به، خاص ڪري جين
پال سارتري جو نقطو ياد ڪرڻ ڳهرجي.

'موت ڪان پوءِ ڪجهه به نه آهي - ڪجهه به نه آهي!'

هونءَ هن ڪهاڻيءَ جو ٻاهريون روپ سماجڪتا جا پهلو ئي
وڌيڪ آڻي ٿو ۽ پوءِ ساهيڙيءَ جي موت جي اُپٽار سان پنهنجي
موت جي اُپٽار ۾ جيڪو فرق آهي ان ۾ فڪر جو به آڌار آهي.

هن ڳنڀير موضوع ۾ 'سَسُ ٻائي روئڻ جي ائڪٽنگ ڪندي
چوي ٿي .....' اهڙن جملن ۾ ڪٿي ٿوري هلڪي ڇهنب
ڪهاڻيءَ جي فن کي ويتر هلڪو ڪري ٿي.

## رچنا-٧٧
### (جنوري - مارچ ١٩٩٨)

’رچنا‘ جو جنوري - مارچ ١٩٩٨ پرچو اِيشور ’آنچل‘ جي سرورق سان آيو آهي. ’ٿانداٽا انڌيري رات ۾‘ جي شاعريءَ تي سينٽرل ساهت اڪادمي پرسڪار جي سلسلي ۾ ’هڪ ڪوي‘ ڪالم ۾ اِيشور آنچل جي دستوري واقفيت ۽ ڪجهه غزل رچنائون هن جي قدر-شناسيءَ طور ڏيڻ جو هيءُ قدم صحيح ۽ شانائتو آهي.

’آنچل‘ سنڌيءَ ۾ نئين لڳندڙ ڪويتا جي شروعات ڪندڙ ڪوين ۾ اَهم آهي. اِها اهميت اڳ به ڪن نقادن قبولي آهي ۽ مون تازو ’خاڪ لپ جي ٻيهر اِشاعت نسبت ۾ ’آنچل‘ جي آگره تي؛ لکيل ’پومڪا‘ ۾ (’خاڪ لپ‘ جو ’ونس مور‘) دهرا ئي آهي، جا پوءِ؛ ڪتاب جي اِشاعت نه ٿي سگهڻ تي؛ ’ڪونج‘ ۾، ليک جي روپ ۾ شايع ٿي.

’آنچل‘ جي اُن وقت جي ڪويتا ڪان وٺي، اَڄ تائين، هڪ وِچارڪ جي شخصيت اُڀري ٿي. ويچار ۽ ڪلپنا جو سنجم پريو احساس هن جي رچنا ۾، ملندو رهيو آهي : ٻه بند ڏسُون :



هن ڪويتا ۾ سِرو ڏيان ۾ نه رکڻ سان ڪويتا جو ڇُٽل تير نشان گسائي ويندو. مهيش وٽ آسمان جي بجليءَ جو چمڪو آهي.

جي. ڪي سيتپال جون ٻه ڪوتائون. ’ٻيو سڀ سُک، چترڪار دوست جي چترن جو نماءُ. چتر بهتر. پر وڪاميا ڪونه. وڪاميا زال جا ڳهڻا ۽ سندس سوني چين ... هيءُ ڪويتا جو مئثر آهي! ٻيو سڀ سُک.

(پڪاسو جي گهر ۾ هن جي هڪ به چتر کي ديوار تي نه ڏسي ڪانئس پڇيو ويو - چو، توهان کي پنهنجا چتر پسند نه آهن ڇا؟ هن چيو - ها، بيشڪ پسند آهن. پر اهي ڏاڍا مهانگا آهن ..)

ٻي ڪويتا - ’سکڻا لفظ‘ .... نه، اهي ٻئي رچنائون، ڪويتا جو آڀاس ڪرائڻ جي ڪوشش ماتر آهن.

هڪ ست جي ’تنها‘ رچنا جئن ڪو احساس ڪٽي ٿي اَچي، ائين هت گوپال ٺڪر ٻن سٽن جا احساس ’ٻستڪرا‘ ۾ آندا آهن. گوپال ته شايد ائين محسوسيو هوندو ته هنديءَ جي ٻهاريءَ جيان گهاگهر ۾ ساگر سمايل آهي اِنهن ۾ - پر اهڙو اثر اجان ڪو خاص نظريو نه آهي.

مثال - هڪ انسانيت / هڪ ڌرتي. هت اِهو خيال پنهنجو پاڻ ۾ پورو اهم ۽ بهتر آهي اهو ڇٽو به ٿيو آهي. پر ’ڪويتا‘

زندگيءَ جي سڏ کي ٽاري ٽا سگهون
موت جي پر سڏ کي ٽارڻ آ ڏکيو!
زندگيءَ جي ڳالهه ڇا خود موت کي،
کو بهانو ڏيئي ٽاري آءُ! آءُ

زندگيءَ ۽ موت نسبت هونءَ به ڪويءَ جو اظهار ڏاڍو تکو رهيو آهي :- ري ڪوٺيو آندو ويس هن سنسار ۾ .......

رچنا جي ڪويتا وياڳ ۾ ٻيا به ڇهه ڪوي آهن. ارجن ’حاسد‘ جا به غزل ’حاسد‘ جي چست درست سنجيده رچنا ڪرم جا مثال آهن. هرهڪ شعر ۾ ڪجهه خاص نظر اَچي رهيو آهي. هونءَ ڪڏهن ڪي شعر گهٽ ڪي وڌ وڻندا آهن.

اڪيلي ڪابه عورت ڇڻ سچو برپٽ!
هوا خاموش، چُپ چُپ ڪئن لنگهي هوندي!

تازو سينٽرل ساهت اَڪادميءَ جي هڪ ورڪشاپ ۾ پاونگر ۾ ’حاسد‘ صاحب گجراتي ڪوي وويچڪ طور نامور مهمانن شُمن شاهه ۽ ونود جوشيءَ ساڻ غزل بنسبت گفتگو ۾ بيشڪ سڀني حاضرين کي متاثر ۽ خوش ڪري ڇڏيو هو. مان جيڪر چاهيان ’حاسد‘ ٻيو ڪجهه به نه لکي - ڪجهه به نه ڪري - بس ڪڏهن - ڪڏهن ههڙا غزل لکي ۽ ان لاءِ باقي سمورو وقت ’فل ٽائيم فرصت ۽ فرحت‘ ۾ رهي! ۽ ڪجهه ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهي ته پوءِ لاچار مون کي غزل لکڻ سيکاري!



’حاسد‘ جي حاصلاتن کان پوءِ ’حسد‘ تي به آزاد ڪوتائون شريڪانت ’صدف‘ جون آهن. شريڪانت به ائين ته ’غزل‘ بهتر ٿو لکي. هت هن هڪ قسم جو ’سنڀوڏن‘ جو اظهار ڪري هڪ ’ميار‘ جو لهجو ڪٿي ايندڙ نقطو، ٺهڪندڙ لفظن ۾ آندو آهي؛ پر غزل جيان ڪويتا جو ڀرپور احساس نه مليو.

هن ئي پرچي ۾ اڳتي جنهن نئين ڪويءَ لاءِ اچرج ڀريءَ خوشيءَ جو اظهار ڪيل آهي، ان مهيش نيٽواٽيءَ جون رچنائون، ان خوشيءَ کي وڌائي رهيون آهن. البت هن ان کان گهڻو بهتر به لکيو آهي. ’رشوت‘ ڪويتا ئي نه، اڪثر هر ڪويتا ۾، هو، مانيٽي ڪومل ۽ شانت ڀاوَ ۾ هڪ ننڍڙي ڪجهه نئين ڳالهه چئي، ان جو، اتي جو اتي سوکيم پرماڻ به ڏيئي وڃي ٿو -
ڪاڏو جيڪو
اڻ سڌيءَ طرح سان
شرير لاءِ وڃي ٿو
ان مان،
ٿورو ئي سهين، ڏند
ڪٽي وٺندا آهن. اهو ئي ٿيندو آهي
اُنهن جي
سڙي وڃڻ جو ڪارڻ.

(جئن مان به هت ڪرشن ڪتواڻيءَ کي ناراض ڪرڻ جو فڪر ڪري رهيو آهيان!) جي ائين نه آهي ته پوءِ جيٺلي ۽ پوپٽيءَ جي تاريخ تي اَسنتوش ظاهر ڪري، پين، شايد وڏيڪ اسنتوش جنڪ تاريخن کي ڇڏي ڪري، پوپٽي ۽ جيٺلي سان اَنياءُ ڪيل آهي.

هن ڪان پوءِ لکجندڙ اهڙي ڪنهن تاريخ لاءِ شري ڪتواڻيءَ جو اِشارو بيشڪ ملهائتو آهي. ڇو جو اهڙي ڪنهن وڏي محنت سان ڪيل ڪاريه کي پوءِ ڪجهه خاص بدلي نٿو سگهجي. هت اهو نوٽ وٺڻ جي اجازت چاهيندس ته سينٽرل ساهت اڪادميءَ جي ميٽنگ ۾ اتهاس لکڻ جي مون رٿ پيش ڪئي هئي ۽ ان لاءِ کي نالا سجهاوَ ۾ ڏنا هئا- ۽ اهو ڪم اَڪادميءَ لاءِ ٿي به رهيو هوندو. ان ڪان اڳ اتهاس لکجڻ بابت هڪ الڳ پورو سيمينار به ٿيو هو ۽ ان ۾ سنڌي ساهت جي اتهاس جو ڪمپيوٽر ائيزيشن ڪرڻ جي هڪ خاص يوجنا به پيش ڪئي هئي - جيڪا مون پندرهن سال هندي ساهتيه جو اتهاس پڙهائڻ جي آڌار تي اول هنديءَ لاءِ سوچي هئي ۽ ان طرح پڙهائڻ جو هڪ پريوگ به ڇڱو دلچسپ رهيو هو. ڪرشن جو اهو لکڻ دهرائڻ جهڙو آهي ته - 'سياڻي جو جيڪو نئون ادبي تواريخ نويس هوندو ان کي ورهاڱي بعد جي پوري اَدب کي نئين سر جاچڻو پوندو ۽ بنا تعصب جي سچ ۽ ڪوڙ کي جدا ڪرڻو پوندو.' هونءَ



ڪٿي آهي؟ ڪرنٽ يا بجليءَ جي چمڪ ڳم نه آهي؟ ڏسو : جنگ اَمن

اسان بڻايا.

اختصار جي خاصيت بيشڪ آهي. خيال پورو ۽ چٽو به آهي. پر اثردار؟

(مالڪ ني تو دي ٿي ايڪ هي ڌرتي
هم ني ڪهين پارٽ ڪهين ايران بنايا!)

تنها ۾ وري اهو اَثر ڏيڻ جي گنجائش آهي :-

(مهاساگر جي سيني تي، سنهو ڪک سوار : اندر)

ڏسو 'ڏيءُ ڏُلهن/ پوءِ ماتا' ناريءَ جا ٽي روپ. پر احساس اڌورو ٿو لڳي. (هئن لکي ڏسون ڏيءُ ڏُلهن پوءِ ماتا - ناري نرالا روپ ڌري!)

رجني راڻسنگهاڻيءَ جي پهرين رچنا ۾ اندريون زور نه آهي، پر اهو ٻاهر جهلڪيو نه آهي. ڪويتا کي ڪڍهن لفظ ئي پوري ڇڏيندا آهن - هونءَ هن جا پرتيڪ اَگربتي، آرتي، برف هڪ روبدار ماحول ڪڙو ڪري رهيا آهن. ڪجهه ان طرح جئن - - هڪ چتر ۾ 'برف جي وڏين ڇپن ۾ هڪ گهڙيال ۽ هڪ اگربتي وقت جي رجڻ جو احساس ڪرائن ٿا- هت گهڙيال خيال جو (وقت جو گذرڻ) آڌار آهي. برف خيال جو احساس ڪرائڻ جو ماڌيم آهي. اگربتي هت ماتر سهايڪ سوتر نه پر هڪ 'ڪِلوُ'

آهي. وقت برف جيان رجي رهيو آهي، اگربتي گرميءَ جو پرتيڪ آهي.

سنڌي ساهتيه پترڪائن ۾ هاڻ ڪهاڻي سِڪيلڊي صنف آهي. هن پرچي ۾ فقط هڪ ئي ڪهاڻي آهي - ’اوندهه جو سچ‘- ’رشوت‘ ان جو آڌار آهي. ان جو مانسڪ اَثر پتنيءَ جي شريري دک جو ڪارڻ ٿو بڻجي - ايلرجيءَ جيان. ڪارڻ دور ٿيڻ تي ايلرجيءَ جو اَثر نٿو رهي. گهڙيءَ لاءِ لڳي ٿو - سنسڪارن جو من تي گهرو اَثر ٿئي ٿو - پر اڳتي هلي اِهائي پتني، آرٽڪ لاڀ جي صدقي، وري اهو لوڀ ٽاري نه ٿي سگهي.

ڪهاڻي انت ۾ هلڪو ڌڌڪو ڏيڻ چاهي ٿي ۽ ڏيئي وڃي ٿي. البت پتني ان بابت ’پوريءَ‘ طرح سَجاڳ نه آهي - اها هن ڪهاڻيءَ جي خاصيت به آهي ته مريادا به. سجاڳ هجي ها ته ڪهاڻي ’لائوڊ‘ ٿي وڃي ها. سجاڳ نه هئڻ سان ڪهاڻيءَ جو سچ اوندهه ۾ تجلي سمان ٿو نظر اَچي. هن ئي پرچي ۾ ’رشوت‘ ڪويتا، هن ڪهاڻيءَ جو سمورو بار کڻي سگهي ٿي.

شري ستيش روهڙا جي هيءَ ڪهاڻي سوچي سمجهي لکيل هڪ رٿائتي سماجي ڪهاڻي آهي - جنهن ۾ وچولي طبقي جي ڪردارن جي ڪُٽنبي جيون-گذر درميان پيش آيل حالتن جي اول ۽ پوءِ جي پَس-منظر ۾ ڏيکاريل فرق سان ڪهاڻيءَ ۾ چاهيل پرڀاوُ حاصل ڪيل آهي. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ فقط ’اِشاريت‘



سان، پاٺڪ تي ليکڪ جو پروسو ڪهاڻيءَ کي جديد روپ ڏيڻ جو چڱو يتن آهي. هونءَ اُها ڪافي پراڻي طرز واري ڪهاڻي لڳي رهي آهي.

شري ڪرشن کٽواڻيءَ جو ليک ’تواريخت ۽ اَدب‘؛ لڳي ٿو؛ ’تواريخت‘ نسبت ڪو ڪتاب پڙهندي، سُجهڻ سان، لکيل آهي. اَول ڇئن مُدبرن جي راين سان هن ’سڌانت‘ کي ڇٽو ڪيل آهي. پوءِ ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ لکيل ڪن ادبي تواريخن تي پنهنجو ڪافي اَسنتوش ظاهر ڪيو ويو آهي.

هن جا ڪجهه پنهنجا ويچار اهميت پريا آهن - خاص ڪري اهو ته تواريخ ڪجهه وقت گذرڻ بعد ئي لکڻ گهرجي. جڏَن حيات شخصيت جي جيوني لکڻ ۾ ڪجهه جوکم هوندو آهي، تڏَن پنهنجي ئي وقت جي اَدب تي لکڻ ۾ به. ٽائيم اِز اي ريئل فلٽر.

ڪرشن کٽواڻي سنڌي ادب جي ويجهين تاريخن ۾ جيٺلي ۽ پوپٽيءَ جي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جوتواڻيءَ جي مختصر تاريخ ۽ ديال آشا جي ’سنڌي شعر جي تاريخ‘ جو ذڪر به نه ڪيو آهي. سبب؟ جي اهڙا ڪي اَهم ڪم جوابداريءَ سان نه ڪيل آهن ته اهو به ڇٽو ڪرڻ جي هن ليک ۾ گنجائش آهي. ڪرشن کٽواڻي صاحب ئي نه، گهڻو ڪري اسان سڀ، گهڻا دفعا ڪنهن کي ناراض نه ڪرڻ جو فڪر ڪندا رهندا آهيون.

بہ ڪوڙ لکڻ، انسان جي پنھنجو پاڻ مڃيل ھار آھي!

شري ايم.ڪمل جو ليک 'يک ستا' 'تنھا' کي شاعريءَ جي صنف ڪري قبولڻ لاءِ تيار نہ آھي. رُباعيءَ جون ستون ڪٽي ھن ثابت ڪري ٻھاريو آھي تہ ھر ست ھڪ تنھو آھي.

ايم.ڪمل صاحب جي حجت جو قدر ڪندي بہ، ھن جا دليل ايترا پختا نہ لڳا آھن. ان جو پھريون سبب آھي تہ جي ان سان رباعيءَ جو سنگرھہ تنھا جو سنگرھہ ٿي پوندو، تہ پل ٿي پوي! ٻيو سبب آھي تہ 'تنھا' شايد يگ جي ضرورت آھي ۽ اڃان اھو ميچيور بہ نہ ٿيو آھي. انھن پريوگن لاءِ وقت ئي سڌ ڪندو ويندو. جي ھڪ ڪان پوءِ ٻيو ڪوي، ٻئي ڪانپوءِ ٽيون ڪوي ۽ ائين ڪيترا ڪوي اھو لکندا ويندا تہ ان کي روڪڻ جي ضرورت ئي ڇو پوڻ گھرجي؟ ڪويتا جو جوڙجُڪ ۽ ساھت جو وياڪرڻ ھونءَ بہ اَڄ ڪلھہ ٿوري ھوا ۾ لُڏي ويندو آھي. مان ايم.ڪمل صاحب جي 'تنھا' رچنا جو انتظار ڪندس. شايد 'تنھي' ۾ سنسڪرت سوڪت جي گنجائش ملي پوي.

'ويچار ڌارا' ۾ ريڊيو وارتا 'نئين شاعري نوان ملھہ' ۾ شري ھيري شيوڪاڻيءَ ھڪ سوال اُٿاريو آھي، تہ شاعريءَ ۾ ڇڙو ايماندار اظھار ئي ان لاءِ آھي يا بدلاوَ بھتريءَ جو واھڻ بہ؟ ھن ٻئي نمبر پھلوءَ کي توج ڏيڻ چاھي آھي. ھونءَ بہ ھاڻ چيو ويندو آھي، ساھت سماج جو درپڻ نہ، لائيٽ ھائوس آھي.



جو اسان وٽ ڀرپور ساھتيہ پتريڪائون ۽ واتاورڻ ئي نہ آھي انڪري لڳي ٿو 'شيام' کي ڀلجي ويا آھيون. نہ انڪري، جو، وري بہ، شيام جو ذڪر ڪافي ۽ مان سان، روز-روز ٿيندو رھندو آھي. باقي ڳالھين جو واسطو دنياداريءَ سان آھي.

شري ھري 'دلگير' تبصرو لکي، ڪيمن مولاڻيءَ جي ڪتاب 'اڱڻ مٿي اوپرا' جي ۽ ڪيمن جي شاعريءَ جي عزت ۾، شان مان جا واجبي چار لفظ چيا آھن. ھن 'بوڪ رويو' ۾ دلگير فقط ٽيڪنيڪل نقطن جي ڪن ڪچاين جو ذڪر ڪيو آھي. 'تبصرو' ۾ شايد، وڌيڪ گنجائش بہ نہ آھي. باقي پوري پني گيٽ اَپ ۽ ڪنھن ڪان بہ مھاڳ نہ لکائڻ سبب ھن جي ڪتاب کي وساريو وڃڻ جي ڳالھہ تہ دل سان نہ لڳي. اڄ ڪلھہ سراسري روز روز نوان ڪتاب نڪرن ٿا. ڪير لکي، ڪٿي لکي ۽ ٿورو آھستي ڳالھايون، ڇو لکي - جا اسان وٽ جواب بہ تمام ٿورا آھن، البت ڪتاب ٿورا نہ آھن. نيڪ ان طرح جئن وستي وڌي رھي آھي؛ انسان نہ! ھونءَ ڪيمن جي شاعريءَ جو آواز چڱو ئي بلند آھي.

۽ آخر ۾ - 'آزادي'! رچنا جو سمپادڪي ليک. ھڪ ننڍڙو مختصر سارَ ڀريو ليک. 'سوچ - ويچار' جو رچنا جو ھي سلسلو 'شڌ مضمون' جي ڪافي ويجھو ۽ وقتائتو آھي. پنھنجي پچار ڪان دور. ساھت چنتن ۽ ڪلا درشتيءَ جي دائري ۾.

شل اسان 'آزاديءَ' جي پاونا جو قدر ڪريون - پنھنجو پاڻ کي بہ 'آزادي' ڏيون ۽ ٻين کي بہ. چاھڻ ۽ گھرڻ ڪان اڳ.

هنديءَ جي پريمچند جو ’آدرش طرف رخ رکندڙ يٿارٿواد‘ ياد ڪري سگهجي ٿو.

هريش ۽ پوءِ موهي، انند کيماڻي، هريڪانت ۽ هاڻ مهيش جو ذڪر ڪري هن صاحب نئين ڪويتا جو زور ڇٽو ڪيو آهي. هن جا ويچار ۽ ڏنل مثال نَون مُلهن جي پَسَ-منظر ۾ ڪافي اَثردار آهن. مانويہ ملهہ (اِنساني قدر) وقت جي پرَواهہ ۾ بدلجي رهيا آهن ۽ نئون ساهت خود ان جو واهڻ بہ آهي تہ واهڪ بہ. اول ليکڪ يگ جو اَثر جهٽي ٿو ۽ پوءِ يگ تي اَثر ڪري ٿو. ٻنهي حالتن ۾، جو ليکڪ - شاعر پنٽي آهي - اهو پنٽي آهي. ها، جيڪو ان ڪان گهٽو پري ڪجهہ بنه نئون يا وساريل ڪي نئون ڪري ڪو وڏو اَثر آڻي سگهي ٿو، اهو ’چنتڪ‘ جو ڪاريہ ٿي سگهي ٿو. هونءَ تہ چنتن جو بار سوکيم شاعريءَ لاءِ ڳورو مڃيل آهي، پر نئين ڪويتا ۾ اها اديوت شڪتي رهي آهي. ليک جو مکيہ سُر ڏُريءَ روپ رهيو آهي تہ نئين شاعريءَ ۾ مٿان نظريل نراشا ۽ موهہ ڀنگ ۾ ’هار‘ نہ آهي، پنهنجي وقت سان، ڪويءَ جي، للڪار بہ موجود آهي. هو ’نوان ملهہ‘ نظر ۾ رکي، نئين جيون-درشٽيءَ جي جهلڪ ڏيئي رهيا آهن. هيري شيوڪاڻيءَ هڪ دفعو وري ’نئين ڪويتا‘ کي پنهنجو ساڳيو زوردار سمرٿن ڏنو آهي ۽ بهتر مثالن ساڻ ڏنو آهي. جڏهن ڪڏهن ’ڇايا واد‘ کي هنديءَ ۾ نند دُلاري باجپا ۽ نگيندر ڏنو



هو. ’نئين ڪويتا‘ شايد هاڻ وري ڏانواري، سينڌ سرمو ڪري، جينس ۽ ٽي شرٽ ساڻ رنگين چشمو پائي، ستار پاسي ۾ رکي، سِنٿيسائيزر کڻي، منچ تي ايندي! سُرن ڪان وڌيڪ سائونڊس جو ساٿ ڪٽندي!!

اهڙا نندا ليک بہ ڪڏهن اتهاس جو نئون باب شروع ڪندا آهن. شرط اهو نہ آهي، ڪنهن لکيو آهي. شرط آهي، ڇا لکيو آهي.

مون کي هاڻ ائين بہ لڳندو آهي تہ، ٽي.ويءَ جي شاهي آڪرمڻ ڪان پوءِ، موزون ڪويتا، ڳائڻ وڄائڻ جي چيز ٿي ٿيندي ويندي - ۽ - ڪويتا جي روپ ۾، ’نئين ڪويتا‘ ئي وڃي بچندي - ڪتابي روپ بجاءِ آڊيو-ويڊيو ’ڊسڪ‘ جي روپ ۾ ۽ ان جي دنيا ڀر ۾ هر پل موجود لئبرري هوندي ’انٽرنيٽ‘ جي روپ ۾. اها ڊسڪ، هاڻ بہ، پاڻ ئي ڀري ’انٽرنيٽ‘ تي ’ڊائون لوڊ‘ ڪري سگهجي ٿي.

اهڙو وقت ايندو نہ، اَچي چڪو آهي. اسين صرف نند مان اُٿي چانهہ پيئون، ايتري دير آهي ....

شري ڊي.ڪي. منشاراماڻي، پنهنجي دل جو درد هڪ خط ۾ ڏنو آهي. سدا حيات نارائڻ شيام کي ’پرلوڪ‘ ۾ لکيل هن خط ۾ هن افسوس ڏيکاريو آهي جو اسان شيام کي جلد وساري ڇڏيو آهي. هونءَ اهو برابر بہ آهي ۽ نہ بہ آهي. برابر ان ڪري

## رچنا - ۷۸

(اپريل - جون ۱۹۹۸)

گذريل سال جي پڇاڙيءَ ۾ ممبئيءَ مان گوپال ٺڪر مون کي E. Mail ڪيو هو - شيخ اَياز نہ رهيو! اَهڙي خبر اَڪثر مون کي چپ ڪرائي ڇڏيندي آهي. ڪجھ وقت اڳ شانتا ڪروز ۾ اياز کي ڏسي هنديءَ جي سُمترا نندن پنت لاءِ چيل اکر ياد آيا هئا - ڏسڻ ۾ ئي ساڪيات ڪويتا! شاهي پر شفاف شخصيت - ريشمي ملايم جرڪندڙ چهري تي اڻ جلايل سگريٽ! هو ان اڻ ٻريل سگريٽ مان رکي رکي ڪش هڻي رهيو هو! -

بيشڪ ان وقت ئي لڳو هو - اياز سنڌي ڪويتا جو ايلچي آهي. اَڄ 'رچنا' جو هي پرچو بہ 'اَياز' جي نالي آهي. سڄي ڪوَر جو هن جو سادو يڪرنگو فوٽو پڻ ڪافي دلڪش لڳي رهيو آهي. اندر اياز جي نالي سمپادڪي ليک؛ سڳن آهوجا، اُتم ۽ ٻهاري ڇاٻڙيا جون سُمرتيون ۽ هن جون رچنائون - 'رچنا' جو هن طرح جو سمپادن بہ ڪافي چست ۽ چوندُ پريو آهي. اياز جون اهڙيون اهم رچنائون هت سهيڙيل آهن جن ۾ هند جو



'هن جي گلاس ۾ وسڪي، سوڊا روشني، رقص ۽ موسيقي رلي ملي چمڪي رهيا هئا ....' هيءَ ست هند جي جوان پيڙهيءَ جي ڪهاڻيڪار شيام جئسنگهاڻيءَ جي نہ پر اڳين پيڙهيءَ جي سنڌ جي شاعر شيخ اياز جي ڪهاڻي 'جي تند برابر توريان ....' جي آهي. هيءَ ڪهاڻي هن پرچي جو وڏو سينگار آهي. هت منهنجو اهو عقيدو پڪو ٿيو آهي تہ سٺا شاعر سٺو نثر لکندا آهن. پر سٺا نثر نويس سٺي شاعري ورلي ڪندا آهن. اياز جي هيءَ سموري ڪهاڻي هندجي جديد ترين ڪهاڻيءَ جو ماحول ڪڙو ڪري ٿي. منجهس هڪ شاعر جي زندگيءَ جا ٻہ ڪنارا نظريا آهن - شمع ۽ غزالہ. شمع هن جو حسين پاڇو هئي. ۽ غزالہ - 'آ اڱڻ ۾ چنڊ مون سان!' پر شاعر زندگيءَ ۾ شاعريءَ جي چوندُ کي ٻنهي کان سرس ڀانيو.

هيءَ ڪهاڻي هونءَ تہ ڪافي ننڍڙي ۽ جاتل سڃاتل پيچرن تان هلي آهي پر ان جو نڪار بيشڪ الڳ ۽ پُرُ - ڪشش آهي ۽ اها ئي ڪهاڻي ڪلا جي جهلڪ آهي. سنڌ جي لڏپلاڻ وقت جو دوستاڻو وڇوڙو ان جو هڪ منظر ۾ ٻڌيو آهي. 'ڪئبري' ۾ شراب جي نشي ۾ ڏرڪندڙ يادن تي ٻيٺل ڪهاڻي 'شاعر' جي دل جي ڪٿ ڪرڻ ۾ ڪافي درد اوتي سگهي آهي.

'ساهيوال جيل جي ڊائريءَ جي ٽڪرن مان اياز جي زندگيءَ مان ڪي حقيقتون ليئا پائن ٿيون. 'جيل جو سڏ' ۾ شاعرجي

ناتو جهلڪي ٿو. ان ڪري هت رنگارنگي فوٽن جي ڪوٽ نظر نہ ايندي.

سمپادڪي ليک ۾ مبارڪ غلام حسين شيخ ’اياز‘ کي، دنيا جو اعليٰ درجي جو شاعر ۽ سنڌي ادب جو لاڏلو ڪري ياد ڪيو ويو آهي. هن کي هندڪي مسلمانڪيءَ کان مٿي انسانيت جو علمبردار چيو ويو آهي - هڪ شاعر لاءِ ’انسانيت جو پيغمبر‘ طور ياد ڪرڻ ئي هن جو سڀ کان وڏو قدر آهي. خود اياز بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ چيو آهي :

منهنجو ڪوئي ديس نہ آهي
منهنجو ديس جهان!
منهنجو ڪوئي نانءُ نہ آهي
مان آهيان انسان!

اولين ليک ۾ سڀِن آهوجا جي اياز جي شاعريءَ جي فني ڪچاين تي تيهہ سال اڳ ڪيل اِشارن جو ذڪر آهي - البت هن قبوليو آهي تہ اياز اسان جو ورثو ٿيٽو آهي.

هن پرچي جو ٻيل حصو اَياز جي شعر جو آهي. ان جي چونڊ دلڪش رهي آهي. اياز نسبت جيڪا اِميج آهي، ان جو پڙاڏو ملي ٿو. ’هڪ ڪوي‘ سلسلي ۾ شيخ اياز جا بيت، دوها، گيت، ڇيڇ، ادب لطيف، آزاد نظم، نظم، غزل، وائي، سُر نارائڻ شيام ۽ تہ سٽا شامل آهن.



اياز کي بيتن ۾ ۽ دوهن ۾ ’شاهہ‘ جي وڌيڪ ويجهو پائي سگهجي ٿو. هن جي شاعري، گهٽ ۾ گهٽ هت شامل شاعري، هرويرو هاڻوڪي سنڌ جي ڏکي سنڌي ٻوليءَ کان چڱي آجي آهي. هن جا ڪيترا سنڌيت ۽ اِنسانيت جي ڀاو وارا شعر هن جي شاعريءَ جي يگاني هستيءَ جي ساک ڀري رهيا آهن.

تنهنجا پير ڇهان، ڌرتي منهنجي مائڙي!
ڀاڪر پايان ڀاو مان، ماڻهو ماڻهوءَ سان،
آءُ نہ ڀيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو!

شاهہ کان سواءِ لڳي ٿو اياز-صاحب تي ڀارت جي ساهت ۽ فڪر جو بہ ڪافي اَثر آهي. هند جي سنڌي شاعرن طرف پنهنجائي هن جي ڪيترن ئي نقطن ۾ نمايان آهي. ’سُر نارايڻ شيام‘ ۽ ’هي سنگرام!‘ اَياز جي قدر کي ٻيڻو ڪري سگهڻ جهڙيون لاثاني ڪويتائون آهن. اوس، اياز پنهنجي شاعرانہ هستيءَ طرف حد سڄاڳ هوندي ڪٿي - ڪٿي شائستگيءَ جي ڪمي بہ نظر اَچي ٿي. پر اهڙين ڪيترين ڳالهين لاءِ اياز کي سامهون ئي ڪافي ٻڌڻو پيو هو. هونءَ بہ ڪنهن تمام وڏي شاعر کي ڪا جاتي جڏهن هڪ حد ۽ عرصي کان پوءِ بيٺل پاڻيءَ طور محسوس ڪندي آهي، تڏهن ريئڪشن زور پڪڙيندو آهي. خود ٽئگور ان جو وڏو مثال ٿي گذريو آهي. اپواد تہ اپواد ئي هوندا آهن.

دل جي صداقت آهي. ’موهن ڪلپنا جو داد‘ سچ ته قابل داد آهي. ’هي سنگرام‘ ۾ شاعر جي يگاني تصوير ملي ٿي. حشو ڪيولراماڻيءَ لاءِ اياز جا ٻول پڙهي سچ ته تعجب لڳو. واقعو آهي به عجيب. پر حشوءَ لاءِ دل ۾ جاءِ نه هئي ٿو. اياز شعر پڙهي رهيو هو. لڇمڻ ڪومل جي گهر ۾ ڪيترائي معزز شخص موجود هئا. پيتل حشو اُٿيو ۽ چيائين، ’شاعر، اُٿي بيهه، منهنجي پيرن تي هٿ رک ته هنن کي خبر پوي ته مان ڇا آهيان!‘ اياز حشو ڪيولراماڻيءَ جي پيرن کي ڇهيو ته هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ....

هن پرچي ۾ هڪڙو ئي خاص لکيل ليک آهي، شري اُتم جو.

اُتم صاحب سنڌي ادب جي ٻالهائيندڙ تاريخ جيان شيخ اياز جي شاعري ۽ شخصيت تي لکيو آهي. هن جا رايا اڪثر دستاويزي ثابتين جي ذڪر ساڻ هوندا آهن اياز بابت سڀ کان وڌيڪ يوگيه شخص اُتم ئي آهي - ۽ هن اياز تي پنهنجا ۽ ٻين ڪيترن جا رايا ڏيئي هن پرچي جي سونهن ۽ سارٿڪتا ۾ وڏو يوگ ڏنو آهي.

اياز جي وفات وقت ڪي جزوي شخص ئي موجود هئا. ان ڏس ۾ اُتم منشي پريمچند جو صحيح ذڪر ڪيو آهي. تازو مون کي اجمير جي ايشور چندر سيمينار ۾ اهو ڄاڻي به حيرت

لڳي هئي تہ هن جي پڳڙين تي اجمير جو ڪو ليک حاضر نہ هو. شاعرن ليڪن جي ’دنياداري‘ وري ايڏي سوڙهي دل واري ٿي وڃي ٿي!

بهاري چاٻڙيا جي يادگيرين ۾ ڪيئلداس فانيءَ جي حيثيت جو چڱو پتو پوي ٿو. اياز هن جي مان ۾ چار سنا اکر چئي اهو ثابت ڪيو آهي تہ اياز جي دل ۾ هن لاءِ ڪيڏو قرب ۽ قدر آهي. بهاري چاٻڙيا لاءِ بہ هن جي ياريءَ پري دل سڌ ڏئي ٿي.

ان طرح ’رچنا‘ جو هيءُ نمبر شيخ اياز جي شرڌا ۾ اَنجليءَ جو روپ آهي. لحاظ اهو بہ آهي تہ هت اياز جي تنقيد يا ڪٿ جي گنجائش نہ آهي.

هي پرچو اسان اڳيان هڪ سوال بہ ڇڏي ٿو تہ اياز کان پوءِ هند چاهي سنڌ ۾ حيات شاعرن ۾ ايتري اونچائي - ايتري گنڀيرتا ۽ يگاني درشٽي رکندڙ شاعرن کي؛ ڪنهن کان ڳڻڻ شروع ڪريون ......

# رچنا-٧٩

## (جولاءِ-سپٽمبر ١٩٩٨)

’رچنا‘ - ٧٩ (جولاءِ - سيپٽمبر ١٩٩٨) ڪلا پرڪاش جي ’ڪور استوري‘ ڪٽي آيو آهي. پريچيہ ۾ ٽيسز جو ذڪر ۽ ’ڪونج‘ جو خاص نمبر نظر نہ آيا. چوندا آهن گهٽو ڪري فوٽا پاڻ کان وڏيڪ گهٽا هوندا آهن. پر هت ’ممتا جي مورتيءَ‘ جو فوٽو ائين نہ چئي رهيو آهي. ڪلا (۽ موتيءَ) کي روبرو ڏسڻ سان ۽ ملڻ سان، منجهند بہ صبح جهڙي شيتل لڳندي آهي.

’سنڌوءَ‘ طرف مخاطب لهرن ۾ ڪلا، ممتا جا گل وڇايا آهن. ان جي رچنا وقت سندس عمر ٽيهن اندر آهي - هن اَٽڪل تيرهان سال سنڌ ۾ ۽ باقي هند ۾ رهي - ٻنهي جي آبهوا ساڻ ’ورڪنگ-مدر‘ بمبئيءَ جي پاڇوڙ ۽ سورداس جي نظر جي ياد ڏياريندڙ ٻاراڻا ٻول ۽ انگل-سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي - ’رڳو توکي ئي منهنجي هنج کپندي آهي ....‘ ۾ ٻال-منووگيان بجاءِ ماءُ - منووگيان ليئا پائي ٿو. - ’نظماڻو نثر‘ نظم ۽ نثر جي بارٻر لائين ڇڏي ٿو ڪري.

’رچنا‘ ۾ ڪويتا وڀاڳ ۾ ان بي-وزن رچنا شيليءَ کان پوءِ هري دلگير جي وزن واري نظم (وزن-فاعلن فاعلن) اَچي ٿي.



اظهار ڏيڻ جو اونو آهي.

ڳالهہ جا عام لاءِ غلط آهي
سائي سچ پچ صحيح بہ ٿيندي آ!

هن جي ٻئين غزل ۾ ’سُهڻيءَ‘ جو چِٽُ هڪ زور وڌندڙ انداز ۾ آهي - جڏن ’پڳت‘ ۾ ڪو پڳت سرسرات ٻڌائي تہ ٻيو پڳت ’هنئي شاباس‘ چئي ڏي! يا هڪ ست هڪ چوي ۽ ٻي ست ٻيو چوندو وڃي تہ اجان بہ وڏيڪ اثر ڇڏي.

اِهو غزل جي ’پرفارم‘ جو پرياءُ ان ۾ نظر اَچي ٿو.

وميءَ جون ٽي رچنائون ’ڪوتا‘ سري سان آيون آهن. هوءَ چوي ٿي :

رستي تي ٻڪندڙ
نوريئڙي کي ڏسي
گاڏيءَ کي بريڪ هڻان ٿي
تہ آٿت ملي ٿو تہ
منهنجي اَندر ڪوئي جيئرو آهي .....

مون کي اهو پڙهي آٿت ملي ٿو تہ ناستڪ ڌرم ئي سهين، جين ڌرم جي اَهنسا ۽ ديا ڀاونا کي بريڪ نہ لڳي آهي. پر هت وري بہ ڪويتا جي ’ڪويتا ميہ‘ ٿيڻ جو سوال پيدا ٿئي ٿو. هڪ اَحساس کي چار مثال ڏيئي جڏن هڪ ويوسٿا جو سوچيل اُپيوگ ڪيل آهي. اهو، ڪويءَ جي اندر ’ڪويءَ‘ کي، ٿورو ئي سهين، ماري رهيو آهي يا ان کي تندرست رهڻ نہ ڏنو آهي. ڇو جو ڪويتا، خاص ڪري اچ، بيست ورڊس اِن بيست آرڊر-يا ڪنهن

ھنن اَٿن نظمن ۾ ’رياض‘ کان اڳتي خاص ڪجھ نہ آھي. (مون کي خبر نہ آھي سنگيتڪار پنھنجي ’رياض‘ جا آلبم رليز ڪندا آھن يا نہ -) ھڪ نظم ۾ بند آھي -

پاڻ ۾ پاڻ کي،
پاڻ ئي ڳولجي
(سنڌالاجيءَ جي سوٽر کي ياد ڪريون -) پاڻُ سڃاڻي پاڻَ لَھُہ!

اَرجن حاسد جي غزل جا نَوَ شعر ڪافي وزندار آھن - پرڪرتيءَ جو پَسُ - منظر ۽ اھو بہ ’رڻ پٽ‘ جي روپ ۾ - اَجوڪو اِنساني من تري اَچي ٿو.

سڄو ئي ڏينھن ڌڪي ويچارو!
اچي ٿو ساھہ پٽي رڻ پٽ ۾!

’حاسد‘ جو غزل اَڪثر سنواريل ۽ ڇُھندڙ رھيو آھي ۽ ھت بہ ڪجھ اُچاترو تہ نظر نہ اَچي رھيو آھي - پوءِ بہ - ’اَجان بھتر‘ جي ڊماند ڪري رھيو آھي. خاص ڪري اُن جي ’سموري اَٿر‘ ۾.

سالن کان ڪاليج ۾ ساھت پڙھائيندڙ گھڻا ودوان، پاڻ پنھنجي ڪڏھن ھڪ سٽ بہ نہ لکندا (لکي سگھندا) آھن - اھو ثابت ٿو ڪري تہ ڪوتا لکڻ فقط ڏانو تہ نہ آھي. ڪيمن.يو. مولاڻيءَ جي ھت آيل ھڪ عمدي غزل جي ھرھڪ شعر ۾ ’حاسد‘ صاحب جي پر ۾ بيھڻ جي سگھہ نظر اَچي ٿي - جئن ھت ساڳئي پيچ ۾ سندس غزل آئي آھي. پر ھن جي پڇاڙيءَ جو شعر پڙھي مان ڪجھ بہ ٻيو چوڻ کان پاڻ بچائيندس.

شعرن مان تنھن ويک ڪڍي ٿي،
جنھن نہ سٽي ھڪ سٽ بہ ٻڏائي.



آزاد ڪويتا جون بہ رچنائون شريڪانت صدف جون آيون آھن. ھڪ سنو ويچار، ھڪ معيار، ھڪ شڪايت، پاڻ طرف ٻين جو اَنياءُ، وھنوارڪ لين - دين جو حسابي ڪتابي رشتو - ڪويتا ۾ سڀ ڪجھ ’اِشاريت‘ ساڻ، ڇھندڙ يا چيندڙ نوع ۾ اَچڻ، جيترو ضروري آھي، اوترو شريڪانت جي غزلن ۾ ڪافي ايندو رھيو آھي. آزاد ڪويتا ۾ اُن جي جھلڪ ايتري ڪافي نہ لڳي رھي آھي. اھو ھت بہ جھٽي سگھجي ٿو تہ ’سنڌي‘ ساھتيہ - ڪيتر ۾ گھربل واتاورڻ نہ ھئڻ ساڻ قابليت توڙي ڪلا جي اڻ پوري پرک سبب اَڪثر ٿيندڙ انياءَ يا ٻي رُخي طرف خاص طور شريڪانت سڄاڳ لڳي رھيو آھي. اُن نسبت ائين چوڻ صحيح نہ ٿيندو تہ جي ڳچيءَ کان پڪڙڻ جي جريت نہ آھي تہ چپ ڪرڻ گھرجي. پر ڪويتا کي ’وڏي واڪي‘ کان سُري، سَنھي ۽ سُريلي آواز ۾ پيش ٿيڻ کان پاڻ بچائڻ بہ صحيح نہ آھي. اھا ڪويتا جي مجبوري نہ - ڊماند آھي.

ريفرنس :
جيڪڏھن مان
مغربي فلم جو فحاشي
سنڌي ساھتيہ ۾ ڦٻايان ھا
تہ وڏو شاعر سڏايان ھا ...

ڪمل پياسيءَ جو گيت ’ساھت جو درد ۽ درد جو ساھت‘ کي سوال ٿو بڻائي - ’اَھڙا گيت لکو ڇو سائين؟‘ ڪلاتمڪ آنند جو اڻچٽو اظھار-’ايستيٽڪ - پليزر‘ جو ھلڪو ڌوڏو ڏيئي ٿو وڃي.

ديوي ناگراڻيءَ جي پھرين غزل ۾ وروڌي- سُرن کي يڪو

بہ اهڙي ويوسٿا جي، محتاج نہ رهي آهي. مان جيڪر چاهيان، هيءُ چار ننڍڙيون الڳ ڪوتائون ڪري ڪڍجن - تہ اها ’ويوسٿا‘ گم ٿي ويندي ۽ ڪجهہ وڌيڪ سارٿڪ لڳنديون.

اِئين ٻي ڪوتا ۾ سياٽپ ۽ ٽين ڪوتا ۾ قدرت سان پنهنجائپ جو تجلو آهي.

گووردن شرما ’گهايل‘ جي غزل ۾ ’پريتم سان گفتگو‘ ڪيل آهي، اهو ئي تہ غزل جو مول مقصد يا منتر آهي. ائين تہ ان جو نياءُ ڪافي درست آهي، پر ٿاٽ ايترو تہ عام آهي جو غزل خاص ٿي نہ سگهي آهي.

موهن اُداسيءَ جي غزل ۾ ’هر هنڌ شڪايت جو سُر‘ غزل کي سُريلو نہ بڻائي سگهيو آهي. شايد، غزل جا ڪجهہ شعر سُجهيل ۽ پوءِ ڪجهہ سوچيل ملائي غزل پوري ڪرڻ، غزل جي هڪ عام ضرورت هوندي. ان ۾ هيءُ غزل ئي ڇو، شايد ئي ڪنهنجي ڪا غزل اُپواد رهندي هوندي. البت غزل جو ’ٽون‘ يڪسُرو اوس آهي.

رجني رائسنگهاڻيءَ ڪويتا ۾ نظر جي منووگيان جو چٽر ڏنو آهي. ان کي تراش ساڻ ڪويتا جي ڪافي ويجهو آڻڻ جي ان ۾ گنجائش آهي.

(جئن : ڪي اکيون
ڪنهن کي ڏسي
ڇو
هيٺ - مٿي
ٿين پيون ....)



ڪهاڻي - ٻنهي جي ڪيترن بنيادي نقطن تي نظر وجهڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي. مون کي ڪهاڻين تي نہ، ان جي آلوچنا بابت پنهنجو وِيوُ ڏيٺو آهي ان ڪري ’ويهہ‘ ڪهاڻيون نہ، ’ڪلاتمڪ اَنڊ-ڊنڊ‘ منهنجو فوڪس آهي.

هت نقاد ساهتيڪ نيتڪتا Literary Ethics طرف گنڀير وابسطگيءَ جي جائز طرفداري ڪندي ڪهاڻين ۾ پيش ٿيل ملهن تي وستار سان ٻڌالهايو آهي. آخر بہ، ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار، خاص ڪري هاڻ، ڪهاڻي ٻڌائڻ بجاءِ (’ڪهاڻي ساڻ ساڻ‘ بہ نہ!) ڪجهہ خاص چوڻ چاهي ٿو. ڪهاڻي اُديش نہ، يا اُديش کان وڌيڪ، ماڌيم آهي -ڪجهہ خاص چوڻ جو. اُهو خاص، ’ويهہ‘ ڪهاڻين مان نقاد جڏهن پنهنجي باريڪ ۽ بي ريا نظر مان فلٽر ڪري ٿو، تڏهن هن کي ’خاص ڪجهہ‘ ساڻ چڱا ڪک ڪانا ملن ٿا.

اهو سڀ، يا اهڙو ڪجهہ بہ، ڪيترن ئي ٻين لفظن ۾ بہ چئي سگهجي ٿو ۽ نتيجا سنها ٿلها فرق بہ ڪڍي ايندا.

اهو، سچ تہ وڏي سوچ جو وشيہ آهي تہ ليکڪ ڪهاڻين ۾ اِنساني مُلهن کي سنجيدگيءَ سان نہ سنڀالي-فقط ڪلاتمڪ اظهار جي سمتن تائين پاڻ کي محدود ڪري. جڏهن ڪ ڪلاتمڪ اظهار - ساهتيہ سميت - زندگيءَ جي بهتريءَ جي درڪار کي درڪنار ڪري نٿو سگهي، ڇو تہ ڪهاڻي ڪلا ’آرٽ پيس‘ نہ، آچار-ويچار سان جڙيل ڪلا آهي.

هن اِپياس ۾ ڏنل تارڻ تہ ثابت ڪن ٿا تہ ڪهاڻيون ليکڪ جو فڪر طرف سنجيدهہ رُخ ڏيکارڻ ۾ ثابت قدم نہ رهيون

ڪهاڻي ’سار‘ ۾ هڪ دفعو وري ڪلا پرڪاش ’ممتا جون لهرون‘ کي نئون روپ ڏنو آهي. ڌيءُ طرف ممتا پيري سِڪ جي هن ڪهاڻيءَ ۾ ماءُ کان وڌيڪ پيءُ جي سڪ جو اظهار آهي. سيءُ پيءُ کي، دهليءَ پرڏايل ڌيءُ جي تڪي ياد ٿو ڏياري. اِها ’سار‘ ڪهاڻيءَ ۾ ’سارَ جو سيات‘ اُڀاري رهي آهي. رواجي طرح ’ماءُ‘ کي ئي وڌيڪ اَهڙو اونو ٿيندو آهي - جو هت - هڪ ماءُ - پيءُ جي ’پاتر‘ ۾ اوتي رهي آهي.

ڪهاڻي؛ صاف سُٿري ڏوتل، سفيد چادر وڇايل جنهن تي ڪي ڇڊا ٻوٽا پيرت جا پيريل - ٻن ڪندن کان ٻه ساڳئي قسم جا وهاڻا رکيل جنهن ۾ هڪ تي هئپي ٻئي تي ميمري لکيل - اهڙي هڪ شانت ڪمري جي شانت پر شيتل زندگيءَ جي هڪ ڏينهن جو احساس ڪرائي ٿي وڃي.

جڏن ڪلا پرڪاش جي ممتا جي لهرن کي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو - تڏن - هن ئي پرچي ۾ وميءَ جي هڪ ننڍڙي ڪويتا کي ٻه هت ٻي ڪهاڻيءَ جو روپ مليو آهي.

اول ڪويتا ڏسون :

پنهنجي قيمتي ڪتابن جي وچ ۾،
جهرڪيءَ کي آرام سان
ڪک پن سجائڻ ڏيان ٿي
تڏهن من مجي ٿو ته
منهنجي اندر ڪوئي ساهه ڪڻي رهيو آهي.

هاڻ ڪهاڻي : جهرڪيون. ليکڪ : ايشور پارتي.

ايشور هن ڪهاڻيءَ ۾ ان ڪويتا جي احساس کي ئي جڻ



پيش ڪيو آهي. هونءَ ڪهاڻي خود به ڪويتا کان گهٽ دلڪش نه آهي؛ ڪتابن جي شيلف ۾ جهرڪين جو آکيرو. ڪتاب ڳولهيندي آکيرو ڦِٽي رهيو آهي. جهرڪيون چلائن ٿيون. زال به جهرڪين جو طرف کڻي ٿي - ۽ هوُ آکيرو سلامت رکڻ لاءِ ڪتاب جي پڇر ڇڏي ٿو.

اِيشور پارتي ڪهاڻي ڪلا طرف عرصي کان سجاڳ آهي ۽ هيءَ ڪهاڻي ڪلاتمڪ اظهار جو به سنتوش ڏئي ٿي. البت پنهنجي زال کي به هڪ ’جهرڪيءَ‘ جي روپ ۾ تصور ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهو علامتي نظريو نه ڳڻڻ ۽ فقط جهرڪيءَ جي آکيري جي فڪر جي ريفرنس ۾ ڳڻڻ ئي وڌيڪ صحيح ٿيندو. ڇو ته ٻيءَ حالت ۾ ان ۾ ڪو ’روپڪ‘ يا هڪ سمانتر ڪٿانڪ ڳولهڻو پوندو، جو موجود نه آهي.

’جهرڪيون‘ هڪ چڱي سُهڻي رچنا آهي. مون جنهن ڏينهن پڙهي هئي، ٻئي ڏينهن ايم.اي. (هنديءَ) جي ليڪچر ۾ هڪ مثال ۾ سڄي ڪهاڻي اٽڪل سٺ شاگردن کي ٻڌائي ۽ ان تي بحث به ٿيو هو.

۽ هاڻ وري ڪويتا : جهرڪي - آکيرو-آکيري کي بچائڻ جو احساس. مان مڃان ٿو ته سنيوڳ به ٿيندا آهن. وميءَ ’رچنا‘ جي رچنا ۾ ڪافي سهيوگي رهي آهي.

ساهتيڪ وياکيا طور هيري شيوڪاڻيءَ جو اپياس ’ڪلاتمڪ اَنڌ ڏنڌ جوُن ڪهاڻيون‘ (’سنگرهه ويهه‘، ليکڪ : پريم پرڪاش) هن پرچي جي ئي، سنڌي ساهتيه جي هڪ اَهم رچنا آهي.

شري هيري شيوڪاڻيءَ دراصل هن سنگرهه مت ساهتيه ۽

آهن - جڏهن ڪ ان جو انداز بيان ۽ پيشڪش وري بہ سنتوش ڏين ٿا. ’مانويہ ۽ سجاڳ اک جي نهايت ڪمزور پڪڙ يا شعوري اڻ چٽائيءَ بدولت فڪري شڪست جو تاثر پيدا ٿئي ٿو.‘ (ص-٢٥) هن تارڻ ۾ ’مانويہ‘ لفظ ڪان پوءِ درشٽي يا درشٽيڪوڻ جهڙو ڪجھ ڪُٽي (ڪُٽڪي نہ.) ٿو.

مان جيڪر چوان اِنساني مُلهن طرف بي پرواهي بہ ليڪ کي گوارا نہ هئڻ گهرجي. چو تہ ڏيئي وٺي ساهتيہ جي اِهائي هڪ اهم حاصلات رهي ٿي. ان طرح هنن ڪهاڻين طرف نقاد جي اها چنتا ليڪ جي چيتنا جي چنتا آهي.

البت اهو قبولڻ ۾ مون کي بيشڪ هچڪ ٿي رهي آهي تہ پرش-ڪردار جي استريءَ طرف غير-پرمپرا جو رُخُ (غير سماجڪ نہ!) هرويرو اِنساني مُلهن يا جيون درشٽيءَ جي بي پرواهي آهي. اهو تہ جيون شيليءَ جي وڏيڪ فراخ دل ڏِشا جو معاملو آهي. اُن جي اُبتڙ اِستريءَ جي اهڙي حق ماڻڻ جي سلسلي ۾ پرش جي اُدارتا جي ڪمي - هڪ الڳ ڪهاڻيءَ ۾ آهي ۽ اهو نظريو چاهي تندرست سماجي درشٽي تہ نہ آهي، پر ان کي ’سڌانت‘ بڻائي ليڪ جي جيون درشٽي مڃڻ بہ زيادتي آهي - خاص ڪري جڏهن ليڪ جي فڪري نظر ئي ڪمزور هجي - ۽ رهيو سوال اِستريءَ جي استعمال جو. اِهو هڪ اوس ئي جيون درشٽيءَ سان وابستہ نظريو آهي؛ ان ڪري هت آلوچڪ جي چنتا صداقتي فضا پيدا ڪري ٿي. ساهتڪار تہ جيون شيلي ۽ جيون درشٽي بدلي سگهندا آهن.

هيءُ اپياس منهنجي ان ويچار کي سپورٽ ڏنو ڪري تہ ڪنهن بہ رچنا يا ليکڪ کان وڌيڪ آلوچنا جيون درشٽيءَ جي بنيادي پهلن کي ڪٽي ڏيڻ گهرجي.

تنقيدي بئنڪ جي رپورٽ :

مان برابر ان ۾ شامل نہ ٿيو هوس - پر رپورٽ بابت رِويو ڏيڻ جي مريادا مون کي نڀائڻ گهرجي.

اول تہ هيءَ سڄي يوجنا جنهن سوچي ۽ عمل ۾ آندي اُهو پاڻ ئي ان جي رپورٽ لکي - اهو عجيب لڳي رهيو آهي؛ وري ان ۾ اڪثر هر پيپر ۽ ڪتاب تي 'فائينل' راءِ ڏيندي هڪ SUPER-VIEW جو اَثر پيدا ٿيو آهي.

کهاڻي ڪيتري لنبي هئڻ گهرجي - ان لاءِ هڪ رايو اهو آهي تہ 'اها ايتري لنبي هئڻ گهرجي. جو پڙهڻ ۾ لنبي نہ لڳي.' - هيءَ رپورٽ پڙهڻ ۾ لنبي لڳي رهي آهي؛ ها، اها کهاڻي تہ نہ آهي. پر ٿون ڪجهہ اهڙو بہ آهي جڻ ڪٿي شاباس رديوس ٿي آهي، ڪٿي شڪايت اينلارج. هونءَ انتظام پڪو آهي. رپورٽ لکندڙ جي عمر تہ اَجان 'آشيرواد' ڏيڻ جهڙي جيتري نہ آهي، پر ان ۾ اُها سُگَند جهڙي سگهجي ٿي.

هت مون کي ڪٿي ٻُڌل پرارٿنا ياد اَچي ٿي-جا مان فقط پنهنجي لاءِ ياد ڪريان ٿو - 'هي ايشور، تون مون کي اُنهن ڳالهين کان بچائج، جن لاءِ مان - ٻين لاءِ شڪايت ڪندو هجان.'

۽ آخر ۾، سڀ کان اول لکيل سمپادڪي ليک، شايد پر ۾ 'ناراض' ٿيل ڪتنبيءَ کي سمجهائڻ جون ڳالهيون پاڙيوارن سان ڪرڻيون پونديون آهن. سَچُ چوڻ جو اهو بہ هڪ روپ آهي.

# رچنا-٨٠

## (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٨)

’رچنا‘ - ٨٠ (آڪٽوبر-ڊسمبر ٩٨) اِشاعت جا ويهہ سال پورا ڪري رهي آهي. هيءُ پرچو، سنڌي ساهتيہ جي هلچل جي بزرگ ليکڪ شري اي.جي. اُتم جي ’٧٥ سالگرهہ مبارڪ!‘ جي سلسلي ۾، اُتم صاحب جي ڪوَر-اِسٽوري کڻي آيو آهي. اُتم ۽ سندري اُتمچنداڻيءَ جي پنهنجي ويب سائيٽ انٽرنيٽ تي تازو ئي هنن جي ڌيءُ آشا چاند ڏُبئيءَ مان هوسٽ ڪئي آهي ۽ اُها مون چڱا دفعا ’وِزِٽ‘ ڪئي آهي. ان لاءِ آشا سان ڪجهہ E. Mail وهنوار ۾ لڳو تہ هن، هنن ساڻ ٻين سنڌي ليکڪن کي بہ سائيٽ تي آڻڻ جو ارادو رکيو آهي.

شري اُتم سنڌي اَدب جي ڳالهائيندڙ تواريخ آهي. هن جا مثالي حوالا گهڻو ڪري پاڻ کي پاڻ طرف ڪري سگهندا آهن. البت ان ۾ هڪ آگرهہ جو لحجو ليکڪ جي آڪروش جو پاڇو ٿي نظر ايندو آهي.

رچنا جو سلسلو ’دوستي ۽ پيار‘ جي سمپادڪي مضمون سان شروع ٿئي ٿو. اُن ۾ سنڌي ساهتيہ جي هلچل نسبت تحريڪ جي اهميت کي قبول ڪري، سنسٿا کي ’ون مئن اِنسٽيٽيوٽ‘ نہ ٿيڻ ڏيڻ تي زور ڏنل آهي. هن ليک ۾ اڻ سڌيءَ طرح



ٻولي ۽ ساهت؛ توڙي ورڪنگ ۽ فري لانس پترڪار رهيو آهي. مون ٻڌو آهي تہ هو ’خط‘ لکڻ بابت بہ پختو ۽ پرسڌ رهيو آهي.
هن جي هٿ آيل ڪهاڻي - ’۽ مان؟ ...‘ ۾ مزدورن جي محنت جو قدر ڪيل آهي. ريٽا شهاڻيءَ ڪهاڻي ’جيئان يا مران‘ ۾ اڄ جي حوالي ۾ وڌوا عورت جي سماجڪ نظر تي چوٽ ڪئي آهي. موت جو ساکياتڪار ۽ سَتي - ووسٿا جا تاثرات ڪهاڻيءَ کي اثردار ڪري سگهيا آهن. اوندهہ ۾ گهڙڻ کان ڪجهہ وقت پوءِ ڪجهہ ڏسڻ ۾ ايندو آهي - اُن آڌت سان ڪهاڻيءَ پنهنجو سماڌان پاڻ ڪيو آهي.

اُتم جي مقالي ۾ ڪوي ’ساميءَ‘ طرف هن جي ’نئين نظر‘ جي حوالي ۾ لکيل تازي ليک ۾ هن پنهنجي نظريي جي پُشٽيءَ ۾ ڪيترا بيان درج ڪيا آهن - جن ۾ ائين تہ چڱي صداقت آهي. پر ڪيترا نقطا جو فرق ٻڌائن ٿا اهو سنت ڪوين ۾ عام آهي.

شريڪانت صدف جي ڪتاب ’ذهن جا قبيلا‘ تي ساهتيڪ وياکيا (مقالو) ۾ ڊا. ستيش روهڙا ڪافي اعتراض اٿاريا آهن - جن مان گهڻا دل سان ڪو نہ ٿا لڳن. مهاڳ ۾ ڪويءَ استاد شاعرن جي ٽيڪنڪ جي چوڪن تي افسوس ڏيکاريو آهي. اها حقيقت هوندي بہ شريڪانت جو لحجو خاص ’مان وارو‘ نہ هئڻ ڪري، هن جي ڳالهہ مان ’وڏائيءَ‘ جي بوءِ ايندي آهي. پر نقاد اُستاد شاعر جو پيرو کڻڻ لاءِ ٻارهن نالا کڻي چڻ ونجوڳ جو واتاورڻ پيدا ڪيو آهي - ائين ڪرڻ ستيش روهڙا جهڙي بزرگ ۽ برجستي ڀاشا وگياني توڙي فهميدي شخصيت کي

جَسُ - لُٽڻ جي چترائيءَ ۾ ۽ لاپ توڙي لوپ ۾ مشغول ليڪن ۽ ودوانن جي وويڪ کي جاڳائڻ چاهيو آهي.

شري هري دلگير جي ’تنها‘ هڪ ستي ڪوتائن سان هٿ هڪ نوٽ بہ آيل آهي تہ ايم.ڪمل چاهي ان کي شاعري نہ مڃي ۽ نامديو ان کي ڪويتا مڃي - پل ڪير بہ صحيح هجي، مون تہ تنها سپاويڪ نموني لکيا آهن.

هن دفعي دلگير جا ڪجھہ تنها طنز (٩) لفظن جي خاص بيھڪ (١٠، ١٣، ١٥) رنگين زباني (١٩) ساڻ ڪٿي ڪٿي ڪهاوت محاوري جي جهلڪ پڻ ڏيئي ٿا وڃن.

’پٽ ٻارن سان گھر سُڪي، پيءُ ٻڌا گھر منجھہ‘
’اَڻ پڙهيلن کي ووٽ، چڻ باندر هٿ تلوار‘
’ڪلهہ لوڪن جو راڄ هو، اَڄ ٻوڪن جو راڄ.‘

زبان تي سرلتا سان هري ويندڙ اُچار ۽ هڪ سٽ ۾ ڪجھہ ڏک هڻي ويندڙ طنز يا دانهن يا ڪوُڪ هنن ڪوتائن ۾ ملي ٿي. دلگير ستيش روهڙا ۽ ٻيا بہ هن طرح تنها لکندا رهندا تہ اسان چاهيون يا نہ چاهيون، اهي ساهتيہ ۾ پنهنجي جڳهہ ڪري ئي وٺندا ۽ اڄ جي يگ جي ’سوڪتي‘ بڻجي ويندا.

ايم.ڪمل صاحب جي چئن غزلن ۾ ٻيا ساڏارڻ شعر مان ڳولهي رهيو آهيان - تيستائين توهان حال هڪ شعر جو ديدار ڪريو :

اَلائي ڇا ٿو اندر ۾ جلي پيو
اَڪين مان ڪُڇ سَڙڻ جي بوُ اَچي ٿي!

هن دفعي اَرجن حاسد ’شعر‘ ڏنو آهي - ان ۾ بہ گھٽ ۾



گھٽ هڪ تجلو تہ لڌو آهي :

جهلڪ :

ڳوٺ جي کوهہ تي سپ لڄاريون هيون
گھوٽ واريون هيون، اک ڪنواري هئن.

سيروُ ’سياه‘ ’زالن سان گفتگو‘ واري غزل ۾ نياپا ڏنا ۽ ورتا آهن ۽ گوورڌن شرما ’گھايل‘ اُنهن جو انتظار ڪيو آهي. اندرا واسواڻيءَ ’آزاد نظم‘ ’ڪندلا ۾ قهري طوفان‘ ۾ ڪي ڏکڻا چتر تہ ڏنا آهن پر اُهي ڪنهن بہ ڏکڻي ماڻهوءَ کي سُجهڻ جهڙا آهن. ائين هن دفعي مهيش نيڻواڻيءَ ’ياد‘، ’سورج مُکي‘ ۽ ’اُفق‘ ۾ پرڪرتيءَ کي ياد ڪري ورتو آهي. رشمي راماڻيءَ جون ٽي ڪوتائون وڏيڪ ڏيان ڇڪائين ٿيون. خاص ڪري ’ميٽبتي‘ هڪ تمام ننڍو پر سُهڻو اظهار آهي. پوري احساس کي پرتيڪ جا لفظ مليا آهن.

.... ڏنڌلي شام جو
ميرانجهڙو ڪڪر
تنهنجي ڇپن جي آلاڻ
واريءَ ۾ لوڻ

اِشاريت هن ڪويتا جي جان آهي. اِسٿتيون، واتاورڻ، سمرپڻ جو ڀاءُ، ايڪانت، رومانس، قدرت آتم سنتوش اهو سڀ هٿ ملي ٿو!

’رچنا‘ ۾ نثر ۾ اول اُتم صاحب جو پريچيہ ٻڌائي ٿو تہ هو ڪهاڻيڪار ساڻ جيوني ليڪ، نقاد ۽ خاص طبقي جي ساهت سان وابستہ ويچارڪ، توڙي انوادڪ ۽ سمپادڪ رهي سنڌي

سونهي ڪو نہ ٿو. ائين هن شريڪانت جي مشاعرن ۾ شرڪت ڪي ’مشاعري بازي‘ چئي ۽ استاد شاعرن جو نئين ڪويتا لڪي ’پنهنجي پت وائڪي‘ ڪرڻ جهڙا گفتا لکي بہ گستاخي ڪئي آهي.

ستيش شريڪانت جي غزل جي سٽن ۾ هن طرح ڪيترين خاميون بہ ڪڍيون آهن.

شعر : جيڪا ٻولي جيئاري ڪا نہ سگهيا،
تنهن کي سک سان مرڻ تہ ڏيو يارو

هت هن چيو آهي تہ پهرين سٽ ۾ ٻولي ’مري چڪي‘ آهي، اهڙو ارٿ ٿو نڪري، ان ڪري ٻي سٽ بي معنيٰ آهي.

ڪويتا ۾ خاص ڪري، شبد جي، اَپيڌا نہ پر لکشڻا يا اجان بہ وينجنا شڪتي ڪم ايندي آهي. هت پهرين سٽ ۾ لکشڻا شڪتيءَ سان اهو ارٿ ڪڍڻ مناسب آهي تہ ٻولي مري رهي آهي ... يا .... اجان بہ ..... ان جي پڇاڙي آهي. پهرين سٽ ۾ شاعر پنهنجي ٻوليءَ نسبت هڪ ڏڏڪو ڏيڻ چاهيو آهي ۽ ٻي سٽ ۾ وينجنا شڪتيءَ سان اسان ۾ ٻوليءَ طرف همدردي پيدا ڪرڻ چاهي آهي.

شعر - رات ڀر اک کي هڪڙو خواب ڏنم،
ذهن پنهنجي کي جڻ عذاب ڏنم.

ستيش چوي ٿو - ’ .... خواب ڏسڻ جي شيءِ آهي، ڏيڻ جي نہ!‘ ان ڪري اهو فعل غلط آهي.

ڪويتا ۾ هن طرح اپيدا-ارٿ تہ ڪڏهن بہ ڪم نہ ايندو آهي. اڳتي ستيش چوي ٿو - ’... خواب ڏيئي بہ سگهبا آهن -



ناٽو ڪجهہ بہ ضروري نہ آهي. نقاد کي اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ آخر ’رچنا‘ ئي، آلوچنا کان اول ۽ وڌيڪ اهميت ڀري آهي.

’اداڪاريءَ جو فن‘ مينگهراج گرناڻيءَ جي ڪتاب تي لکمي ڪلاڻيءَ جو ’تبصرو‘ ڇڻ تہ Appreciation ٿي پيو آهي. مان چاهيندس توهان منهنجي راءِ تي شامل نہ ٿيو، تبصري جو ڪو بہ ٽڪرو ڏسي وٺو. هونءَ تہ ڪنهن ڪتاب تي Appreciation لکڻ ڪو غلط نہ آهي، پر ’تبصري‘ مان اها اُميد نہ هوندي آهي.

گرناڻيءَ ’اداڪاريءَ‘ ۽ Stage-craft تي چڱو اڀياس ڪيو آهي ۽ اهو گهڻو فيلڊ ورڪ جو آهي. هيءُ ڪتاب پنهنجي وشيہ سان ائين بهتر نموني نڀائي ٿو ۽ ان طرح تبصري ۾ بہ نڀايل آهي. پر ڀرت مُني ۽ ٻين سنسڪرت آچارين آنگڪ واچڪ آهاريہ ۽ ساتوڪ اداڪاريءَ نسبت دنيا کي ايڏو اڳ ايڏو وڏو ناٽيہ شاستر ڏنو آهي -ان ڪجهہ تہ ڌيان لهڻو. اداڪاريءَ ۾ محو ٿي وڃڻ ۽ سڄاڳ رهڻ - ائين ٻئي سڌانت پنهنجي اهميت رکن ٿا. هيءُ تبصرو پڙهڻ سان اداڪاري فن ۾ دلچسپي رکندڙ کي هيءُ ڪتاب ڏسڻ جي اوس چاهنا ٿيندي. لکميءَ ان ۾ پنهنجي ڄاڻ بہ، ڪي حوالا بہ جوڙيا آهن - البت آلوچنا ۾ ان جي گنجائش ڳولهي يا ٿاهي وٺڻ ڏکيو تہ نہ آهي، پر مول ليکڪ سان نياءُ ڪرڻ وڌيڪ اَهم آهي. لکميءَ ان ۾ تہ ڪوتاهي، نہ ئي ڪئي آهي.

۽ آخر ۾، ’رچنا‘ جو بہ وڏو حصو ساهتيہ جو نہ، ’راين‘ جو ٿي ويندو آهي. ان ويچار بہ سِپني جو ڌيان لهڻو.

وڪٽي بہ سگھبا آھن. پر اُھي ڏينھن جا خواب ھوندا آھن ...‘

مان سمجھان ٿو ستيش خود مٿيان لفظ دھرائڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. (جي ٿيندو تہ ھن کي ’اَن-اُدار‘ آلوچڪ چوڻ بہ ’اُدار‘ ليکبو).

شعر - تن جي چانئٺ تي ئي رھيس بيٺو،
جي ڪٽي ھٿ ۾، دل جو در آيون.

ستيش چوي ٿو - ’... دل جو در ھٿ ۾ ڪٽي ڪنھن ڏانھن وڌبو ڪونھي ۽ سو بہ ’ھڪ ھٿ ۾‘! ھا، ڪا پھلوان مزورياڻي ھڪ ھٿ ۾ در ڪٽي، ڪنھن پٺ ۾ کپائڻ لاءِ ويندي ھجي تہ ٻي ڳالھہ آھي.‘

ھٿ منھنجو مٿيون اعتراض ھڪدم چٽو ٿيو آھي تہ ستيش ڪويتا ۾ ’اَپيڌا ارٿ‘ ڪڍي شاعر جا ڳل ڳٽر ۾ اُڇلايا آھن. ڪو مزور بہ ھن شعر جو اھڙو ارٿ نہ ڪڍندو.

گھڻو ڪري ستيش جا اڻاريل اعتراض ھن طرح ۽ طرز جا ئي آھن. منھنجو فوڪس ھٿ شاعري نہ، وياڪيا آھي، ان ڪري شاعريءَ بابت مان ھت خاص ڪجھہ چوڻ ٺيڪ نہ ٿو سمجھان. مون کي لڳي ٿو، ھن طرح جي پاشا وگياني ’وياڪيا ۾ ٽي دوش اَچي ويا آھن.

(۱) ’ان-ادارتا‘ مان پيدا ٿيل اعتراض.
(۲) اُنھن کي چترائيءَ سان جستيفاءِ ڪرڻ جي ڪوشش.
(۳) ڪويتا طرف بُنيادِي نظريو-خاميءَ پريو.

۽ آخر ۾ - شريڪانت جي آزاد ڪويتائن بابت ستيش لکي ٿو - ’صدف اھڙين ڪويتائن جي سچاٽپ آسان ڪري ڇڏي



آھي جن ۾ قافيہ ۽ وزن جي پابندي ڪانھي ۽ جن ۾ نئين ڪويتا جي شعوري اوچائي ۽ علامتي ادائگيءَ جي لازميت ڪانھي.‘ ھن جي راءِ ۾ :-

(۱) ھي ڪويتائون موزون ڪويتائون نہ آھن. جن ۾ وزن لازمي آھي.
(۲) ھي ڪويتائون نيون ڪويتائون نہ آھن. جن ۾ شعوري اوچائي ۽ علامت لازمي آھي.
(۳) ھي آزاد ڪويتائون آھن.

منھنجي راءِ ۾ :-

(۱) ائين چوڻ تہ چاڪاڻ تہ ڪويتا فلاڻي قسم جي آھي، ان ڪري ان ۾ شعوري اوچائي ۽ علامتي ادائگي ضروري نہ آھي اھو غلط ئي آھي. ڪويتا اول ۽ آخر ۾ ’ڪويتا‘ ھئڻ لازمي آھي ۽ ’شعور‘ کان سواءِ ’شعر‘ ڪئن ٿيندو؟
(۲) موزون ۽ غير موزون شاعريءَ کان سواءِ ھيءُ ٽيون پرڪار ڇا آھي؟ خاص ڪري جڏھن اڄ خود نئين ڪويتا بہ ’ڪويتا‘ بڻجي رھي آھي.
(۳) ستيش ساھتيہ ۾ ’ججمينٽ‘ ڏيڻ جو لحجو رکيو آھي. جڏھن ڪ ڪلا جي ڪا بہ پرک ڪڏھن بہ ’فائينل‘ نہ ھوندي آھي.

مان سمجھان ٿو، آلوچنا ۾، ’ان-اُدار‘ ٿيڻ کان بچڻ ايترو ئي ضروري آھي، جيترو ’اُدار‘ ٿيڻ کان بچڻ ضروري آھي. اُھي ٻئي دوش آھن. نقاد کي قلم يا ڪاتيءَ سان نہ، وويڪ سان لکڻو آھي - ۽ وويڪ لاءِ گيان چترائي، ڊگري، پد، عمر، نالو ۽

# رچنا-٨١

## (جنوري-مارچ ١٩٩٩)

’رچنا-٨١ (جنوري - مارچ ١٩٩٩) ويهه سال پورا ڪرڻ جي سلسلي ۾ خاص ڪهاڻي انڪ ٿي نڪتو آهي ۽ ڪهاڻيڪار هري موٽواڻي ’سنڌيءَ‘ جو ڪور-چتر ساڻ آيو آهي. هن فوٽو گراف هيٺان هري موٽواڻي، سنڌيءَ بجاءِ انگريز اجان به فرينچ ليڪ لڳي رهيو آهي، البت پوشاڪ ائين نه آهي. اندر هن جي ڪهاڻي سپ کان اول ۽ اسڪيچ ساڻ ڏنل آهي، اها به انٽرنئشنل بئڪ گرائونڊ واري آهي. هونءَ به ’سنڌ‘ جا سفر ڪندڙ هري هاڻ ’فقط نئشنل‘ ليکڪ نه رهيو آهي. هو ’رچنا‘ ۾ يوگيه پد تي براجمان آهي. ’ڪونج‘ جون هن جون شيوائون ۽ هن جو ساهتيه ملي ڪري هن جو درجو سنڌي ساهت ۾ ٻيٽو نه پر ٽيٽو ڪري مڃڻ کپي. هت هن جو ڏنل تعارف اها ساک ڪو نه ٿو پري سگهي ته هنجي مناڻيءَ جي دڪان تي پر ۾ ٻيٺل وشنو پاٽيه، شيام جئسنگهاڻي ۽ نامديو هن کي بلڪل ڊسٽرب نه ڪري رهيا آهن ۽ هو دير شام جو بلڪل نئين اڻ چاڻ ننڍي ليکڪ کي به پنهنجي ڪار ۾ گهمائي، بمبئيءَ جي فورٽ کان ڪار ۾ لعل پشپ وٽ ڇڏي اچڻ افورڊ ڪري سگهندڙ ليکڪ رهيو آهي. هر پل سنڌي ليکڪن بابت ڳالهائيندڙ ليکڪ! ۽ هاڻ هن جي دل جو نقشو بدلجي سنڌ جو نقشو ٿي ويو آهي. هن جن ليکڪن کي بيشڪ اڳتي آندو آهي اهي گهڻو ڪري غير روايتي



چترائيءَ جو اَثر ڏنو آهي. ها، ان سپاويڪتا باوجود ڪهاڻي ڪلاتمڪ اظهار جي ڪوت به پري نه سگهي آهي. پوءِ به، ڪهاڻي پنهنجي سڌي چوٽ هڻي سگهي آهي. تراش ڪان نه سَهي، تڪائيءَ ڪان ڪهاڻي ڪجهه خاص انداز ڏيئي ٿي وڃي.

’ساروڻي‘ اندرا واسواڻيءَ جي ڪهاڻي ’سنڌ‘ جي ياد تي ٻيٺل آهي. هت ’اوپاريون لهواريون‘ جي انداز ۾ ٻن سنڌي عمر لائق زالن جي زندگيءَ جي ڪيترين ڪنڊن کي سنڌ جي ريفرنس ۾ ياد ڪيو آهي. مون کي ڪهاڻيءَ جي بنيادي نقطي لاءِ ايڏي صداقت نظر نه اَچي سگهي آهي. يا ته اهي اسٽتيون ئي IMPOSED لڳي رهيون آهن يا ڪهاڻيڪارا ’سنڌ جو درد‘ پيڪن جو مليل ڏاجو سمجهي پراڻي صندوق مان ڪڍي ڏيکاري رهي آهي. ’ساروڻي‘ خود ۾ ئي هڪ ڪهاڻي بڻجي سگهي، اهو ماحول هت خلقيل نه آهي - ان ڪري ڪهاڻيءَ جو هيءُ روپ ’سنسمرڻ‘ جي لاءِ بهتر گنجائش ڳولهڻ ۾ ڪارگر ٿي سگهي ٿو - يا اجان به، نسورو سچ چوان ته، ٿي سگهيو ٿي. اِندرا وٽان ڪهاڻيءَ جو ڪجهه نئون ’ميڪ-اَپ‘ چاهڻ غلط نه ٿيندو.

’رٽاير ٿيڻ جو ڏک‘ تيرٿ چانڊواڻيءَ جي ڪهاڻي ايشور چندر جي ’نه مرڻ جو ڏک‘ ياد ٿي ڏياري. ’رٽاير‘ ٿيڻ جي ڏک جي هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار ۾ ’پئسو‘ ذڪر ۾ ئي نه آهي. ’پٽيوالو‘ هن خوش مزاج واتاورڻ کان سواءِ ڪئن جي سگهندو؟ ۽ هن جي فيرويل پارٽيءَ وقت هو مري ٿو وڃي. هن جي صدمي کي ان طرح ڏيکارڻ ۾ ڪجهه ’زيادتي‘ نظر اَچي ٿي پر پوءِ به ڪهاڻيءَ ۾ ’زندگيءَ جي جيئڻ جي ڏانو جي

نئين يگ ۾وڌ ۽ ڏارا جا ليکڪ ٿي ويا ۽ پاڻ وري اَلٽرا-ٽريڊيشنل اِسٽوري-ٽيلر-سو سمپل - ساهت ۾ 'پنهنجي قسم جا ڪمال' ڪري ڏيکاريائين. 'آخري پنا' ان جو عيوضي مثال آهي.

هن ڪهاڻي انڪ ۾ ڪل ٨ ڪهاڻيون آهن جن ۾ ٻه ليکڪائون آهن. پنج ڪهاڻيون گجرات مان آهن. ٽيون ٻه ڪهاڻيون وڪيلن جون آهن. پهرين ٽن ڪهاڻين ۾ 'شادي' وشيہ رهيو آهي. هنن اَٺن ڪهاڻين ۾ ڪا بہ ڪهاڻي شاهڪار رچنا نہ آهي. پوءِ بہ پوئين ڪهاڻي وري بہ اُنهن ۾ بهتر آهي. پهرين بہ گهٽ نہ آهي. باقي سڀ ساڌارڻ آهن. ها. نہ، نہ. توهان برابر آهيو. مون کي هن طرح ڪلاسيفاءِ ڪرڻ نہ گهرجي. چاهي هيءُ خاص ڪهاڻي انڪ آهي پوءِ بہ. ڀلا، چڱو. ٺيڪ آ. جئن توهان چئو. اچو تہ ڪهاڻيون ڏسون.

هري موٽواڻيءَ جي - 'چيئرس!' سنيوگ CO-INCIDENTS ۽ سنگهرش CONFLICT ڪهاڻيءَ ۾ اهم رول رکن ٿا. پهرين چيز نہ هئڻ سان ڪهاڻي سپاٽ لڳي ٿي ۽ ٻي هئڻ سان، هت اُن جي اُبتڙ آهي. هڪ ٺاهوڪي قابل ۽ شاهوڪار وڪيل کي ٻي ليڊي سنڌي وڪيل شاديءَ جي آفر ڪري ٿي - اها بہ ٺاهوڪي قابل ۽ شاهوڪار آهي. ٻئي شاديءَ لاءِ راضي ٿين ٿا. ڪهاڻي پوري. ائين ڪهاڻي مکيہ ٿيڻ ۾ پنهنجو سوڪيم ڪلا پرڀاءُ قائم نہ ڪري سگهي آهي. البت نائڪ جو لبناني ڇوڪريءَ جو پرسنگ ڪهاڻيءَ کي ڪهاڻي نہ ٿيڻ کان بچائي سگهيو آهي. ڇا ليکڪ جو ڳالهائڻ جو ٽڪڙو لهجو (يا پرڪرتي) لکڻ جي ڍانچي ۾ اَثر وجهي رهيو آهي؟ نہ تہ هريءَ وٽ تفصيل گهڙڻ جي ۽ مناسب ٻوليءَ جي خلقڻ جي شڪتي بيشڪ آهي. هن



ڪهاڻيءَ ۾ ان جي گنجائش بہ تمام گهڻي آهي. پوءِ بہ ڪهاڻي 'وٽندڙ ذائقو' ڏيئي ٿي وڃي.

'نئين راهہ' ۾ ليکڪ تلسياڻي، جو خود هڪ وڪيل آهي، ڪهاڻيءَ ۾ هڪ وڪيل هم-سفر سان گفتگو ۾ انتر-جاتي وواهہ جي وڪالت ڪري هڪ ٻئي وڪيل جي من جو بار هلڪو ٿو ڪري، هڪ ٻئي وڪيل جي من جو بار هلڪو ٿو ڪري، ڇو جو هو پنهنجي ڌيءَ جي ان طرح جي اَفيئر سبب چنتا ڪري رهيو هو. ليکڪ ڪيس نئين دنيا جي گلوبل سٽيءَ جي 'ون ڪلچر' جو سنديش ڏيئي سگهيو آهي. پهرين ڪهاڻيءَ جون ٻئي خاميون هت بہ لڪل روپ ۾ موجود آهن ۽ ڪهاڻي خاص ڳالهائي نہ سگهي آهي.

'ها' يا 'نہ' - مايا راهيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ مڊل ڪلاس مان هيٺ لهي آيل نيلوءَ جي ڪٽنب جي پريشانين جو داستان آهي. نيلو هت پنهنجي 'پريميءَ (!) ' لاءِ ۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ 'سالو' لفظ جو يارهان دفعا اپيوگ ڪيو آهي - نمونو - 'سالن کي ٻيو سڀ کپي - شادي نہ کپي!' ماءُ پيءُ کان نہ ٿي سگهڻ سبب هوءَ پنهنجي لاءِ پاڻ 'رشتو' جوڙڻ جي ڪوشش ۾ رهندي مرهٽي 'رامون' سان مامي وٽ ملڻ آئي آهي - اتان هن کي ٻئي فليٽ ۾ وٺي وڃي رامونءَ ۽ هن جي ٽن ساٿين هن سان زوري ڪئي! هاڻ تہ خود رامون پڇي رهيو آهي شاديءَ لاءِ. نيلوءَ وٽ جواب ڪونهي.

هن ڪهاڻيءَ جي عبارت وشيہ سان ۽ ماحول سان ٺهڪندڙ آهي ۽ ان کي نائڪ جي Spoken language جي آس پاس رکي سگهجي ٿو. ليکڪا ڪهاڻي ڇوڻ ۾ نہ ڪجهہ گهڙڻ جو نہ ئي

عادت‘ جي مانسڪتا جو چٽ اوس ملي ٿو. تيرٿ جي ڪهاڻين ۾ ايندڙ هينئين ۽ وچين طبقي جي ڏڙڪن جو سُر، هت بہ ٻُڌجي ٿو. ساهت طرف سُست نہ رهي ڪجهہ وڏيڪ گنڀير رهي تہ جيڪر وري هن وٽان، گهڻيون ڪهاڻيون ملي سگهن ٿيون. هن جي ٻوليءَ جي ڪجهہ سوڙهي قد باوجود.

’موت‘ بنسي خوبچنداڻيءَ جي ڪهاڻيءَ هڪ بنيادي سوال اظهاريو آهي. ڪهاڻيءَ جو جنم ڪٿان ٿو ٿئي؟ هڪ جواب آهي. ڪنهن خاص ويچار مان - ويچار آهي

The joy of love is in loving  and not in being loved.

مجڻ پيل ڏکيو لڳي، پر اهو ويچار هت هڪ ماءُ پيءُ لاءِ وڏو آٽت بڻيو آهي. پئسن جي ڏکيائيءَ باوجود ڪشن ۽ سندريءَ پنهنجي پٽ منوج کي پڙهائي اوج تي پهچايو ۽ آمريڪا موڪليو. ڪشن هاڻ باءِ پاس سرجريءَ ڪرائي آهي ۽ پٽ سان ملڻ لاءِ آسائتو آهي پر هن جي پٽ لاءِ ننڍي وڏي سبب ڪري پيءُ سان ملڻ اَچڻ ڏکيو آهي.

اسان جون هيءُ ڪهاڻيون اسان جي وهنوارڪ جيون ڌارا ۽ پس منظر کي ارپت آهن. جتي هاڻ جيون جا ماڻ بدلجي رهيا آهن اتي هيءُ ڪهاڻيون هڪ طرفي پريم جو اظهار ئي ڪري ٿيون سگهن. پئرس مان آيل مئڊم اَيني اسان وٽ ٻہ هفتا رهي ۽ هن جي ڪٽنب، ٻارن، پتيءَ ۽ اتان جي سماج جون ڳالهيون ڪندي معلوم ٿيو تہ ٻارن وٽان پريم جي ’موت‘ جي نسبت ۾ - اُنهن کي پريان سکي ڏسڻ جي چاهہ ئي وڏيڪ صحيح مڃڻ کپي -ها، اسان اڃان ڪافي خوش نصيب آهيون ۽ ان ڪري هن ڪهاڻيءَ جو ’ٿاٽ‘ اڃان چڱو اَثر ڪري ٿو. پرآخر مٿيون نقطو اسان کي بہ اتي ئي پهچائي ٿو. ڪو نہ؟

’مرڻ ڪنڌيءَ تي‘ ايشور پارتيءَ جي هڪ ننڍي پر اَثردار ڪهاڻي آهي ’مرڻ ڪنڌيءَ تي‘، پهتل هڪ عورت جو حال پڇڻ هو پنهنجي زال سان آيو آهي. هيءَ اهائي عورت آهي جنهن جي سونهن تي هو مفتون هوندو هو. هوءَ ڪيس تڏهن گڏي هئي جڏهن هن جي شادي ٿي چڪي هئي. بس. ڪڏهن - ڪڏهن هن جي سونهن جو ديدار ڪرڻ جو ۽ ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ جو ڪيس موقعو ملندو رهيو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ پريم جو هڪڙو خاص روپ اُڀري ٿو - جنهن کي مان جيڪر LIKING SENSE OF ئي چوڻ پسند ڪريان. اسان ڪيترن سڄاڻ ماڻهن کي ان طرح چپ چاپ چاهيندا يا ڌڪاريندا آهيون - اها ڪين خبر به ڪانه هوندي آهي - هت البت خبر سڄاڻپ ۽ پنهنجائپ تائين پهتل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ايشور پارتيءَ جو اظهار ڪلاتمڪ رهيو آهي ۽ هڪ ڪلاڪار جي نظر ۽ ڌيرج جي اُن اظهار، ڪهاڻيءَ کي ڪٿي به خاص اِسٽول ٿيڻ نه ڏنو آهي. ’وقت جو گذرڻ‘ انساني سرير ۽ پاونا سان ڪيئن جڙيل آهي - هيءَ ڪهاڻي اُهو سڀ چئي سگهي آهي. ۽ پاٺڪ محسوس ڪري سگهيو آهي.

هنن ڪهاڻين جو TEXT جو وشليشڻ ڪندي شايد ڪمينٽ ۽ رايي ڪان بچڻ مشڪل آهي - پر اُن ۾ ججمينٽ مون نه چاهي آهي.

# رچنا - ٨٢

## (اپريل - جون ١٩٩٩)

'رچنا-٨٢' (اَپريل-جون ١٩٩٩) ڪهاڻي اَنڪ-٢ تي نڪتو آهي، جو سنڌيءَ جي برک ڪهاڻيڪار شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪوَر-چتر ساڻ آيو آهي.

هيءُ رويو مان هڪ 'اِشتهار' بابت نوٽ لکڻ سان شروع ڪندس. 'هوٽل' روز ووڊ' ٿيلاساميا جي بيماريءَ طرف سنڌي جاتيءَ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪيترين مخزنن ۾ نيمائتو اِشتهار ڏيئي، چڱي عرصي کان جس جو ڪاريه ڪري رهي آهي. مان جيڪر اُنهن جو ڌيان ڇڪايان. اِهو اِشتهار انگريزيءَ ۾ وري به ڪافي چٽو يا سمجهه ۾ اَچڻ جهڙو آهي. سنڌيءَ ۾ اهو ايترو چٽو يا صاف مطلب نٿو ڏئي. اَنگريزي اِشتهارن ۾ ڪي لفظ يا ڪا سٽ سنڌيءَ ۾ لکيل به نه آهي. اهو بلڪل صاف لکڻ بهتر ٿيندو ته پرش ۽ اِستري، جي ٻنهي کي ٿيلاساميا مائينر بيماري (يا رت ۾ اُهي جزا) آهي ته هنن جي شاديءَ کان پوءِ ٿيندڙ چئن ٻارن مان ڪنهن هڪ کي ٿيلا ساميا ميجر بيماري ٿيڻ جواِمڪان آهي ۽ اُها بيماري لاعلاج آهي. يا ان طرح وڌيڪ ڄاڻ رکندڙ ڪجهه وڌيڪ بهتر لکي سگهن ٿا. ان لاءِ رت جي تپاس ۽ بعد ۾ ڇا صلاح پريو آهي، اهو به شايد ڪليل لفظن ۾ لکڻ ٺيڪ ٿئي. ۽ هن دفعي جي 'رچنا' ۾ شري آنند هنگوراڻيءَ جي



ئي تي رهجي وڃي. ٻنهي ڪهاڻين ۾. جي به نه آهن. هڪ ڪهاڻيءَ جا به تجربا آهن. اِستريءَ جي اَترپتيءَ جي اَحساس کي ۽ پرش جي ٻي رُخيءَ کي هيءَ ڪهاڻي پاڻ ۾ سمائي ٿي وٺي. اڄ جي زندگيءَ جا منظر. جي اڳ گهٽو ڪري ائين نه هئا!

هري همٿاڻيءَ جي ڪهاڻي 'چڪر' منووگيانڪ گرنٿيءَ جي ڪهاڻي هوندي به پرمپراگت شيَليءَ ۾ لکيل آهي. گهر ۾ ائين ئي آندل ڪُڪڙَ جي سُهڻي روپ طرف گنگا جو Identification اڳتي هلي هڪ گرنٿي ٻڻجي وڃي ٿي. 'ڪڪڙ' سبب وجوءَ کي ڇتيءَ جي بيماري ٿيڻ تي 'ڪڪڙ' سامهون واري عثمان جي حوالي ڪرڻو پيو ۽ هن ڪجهه ڏينهن ۾ حلال ڪري ائين چيو ته ڪتو کائي ويو. اها گهڻنا گنگا لاءِ 'ڇايا' ٻڻجي پيئي.گهر دکي تي پيو. گنگا کي دؤرا پوڻ لڳا.

هيءُ سڀ ڪيس هسٽري کان مٿ پرو ڪجهه نئون ۽ ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ آيل آهي، اَهڙو احساس اَوس ٿئي ٿو. ڪهاڻيڪار ان گرنٿيءَ جو ڪو اُپاو سوچڻ جو ڪم پاترن ۽ پاڻکن تي رکيو آهي.

شري ستيش روهڙا جي 'آپشن' ڪهاڻي هڪ فينٽسيءَ جو احساس ڪرائي ٿي. ان جو ٿاٽ آهي : خود ارادي جي موت جو حق. 'هاڻ ڪو به رهواسي پنهنجي اِڇا سان پنهنجي طيءِ ڪيل تاريخ تي، پنهنجو چاهيل موت حاصل ڪري سگهندو.'

١٩٨٤ ۾ آيل 'اَتون سُر' ڪويتا سنگرهه ۾ نامديو جي هڪ ڪويتا آهي : 'ڪال جي دفتر جو آڏونيڪرڻ'

ديهانت جي دک جي اظهار ساڻ، ’ڪجھ‘ وڏيڪ ’چاڻ‘ جي ضرورت بہ محسوس ٿي.

’ساهت جو ڪارج‘ ۾ ڪلا جي اُديش بابت ٻن مقبول فڪرن تي، اُنهن جي بنيادي نُقطن تي گهرو سوچ ويچار ڪيو ويو آهي ۽ ٻنهي جو قدر ڪيل آهي. اَلبت نتيجو جن لفظن ۾ ڏنل آهي، اتي ٿورو لفظي تضاد ٿاري سگهجي ها. (’ڪلا ڪلا لاءِ‘ روح کي سڌو ۽ ’ڪلا زندگيءَ لاءِ‘ روح کي دل ۽ دماغ ذريعي ڇهي ٿي. هت روح دل ۽ دماغ ڪجھ ڪسرت ڪرائن ٿا.)

’رچنا‘ جو هيءُ انڪ شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪوَر اِسٽوري ٿو پيش ڪري. شيام کي ڪويتا، ڪهاڻي، ترجمي ۽ ناٽڪ تي اِنعام مليا آهن. هو فوٽو گرافر ۽ آرٽسٽ بہ آهي. سڀ کان وڌو تہ هو رولاڪ آهي - مهنن تائين اڪيلو ديشي-وديشي جهنگلن ۾ پٽڪندڙ رولاڪ. ان کان بہ وڏيڪ هو اُنهن جو منو دوست آهي - جن کي اهڙو نصيب مليو آهي. وهنوار ۾ ڪٽي ڏکيو پر وڏيڪ ڏُکڻو بہ لڳندو ۽ ڏک سهي بہ ويندو. ساهت ۾ هو جيترو ’ماڊرن‘ آهي - زندگيءَ ۾ ايترو ئي سَهج. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هن جو درجو اچ جي ريفرنس ۾ يگانو آهي. مون کان ڪو سنڌيءَ جون ٻہ بهتر نيون ڪهاڻيون گهري تہ مان جيڪر ٻئي ڪهاڻيون هن جون ڏيان. البت ڪويتا ۾ هو سنجيدهہ نظر نہ آيو آهي - يا هن‌جي ڪوتائن کي هڪ الڳ ڪنڊ کان ڏسڻ لازمي ٿي سگهي ٿو.

هن پرچي جي مکيہ ليکڪ ناتي شيام هت هڪ ڪهاڻيءَ کي ٻن الڳ-الڳ راڳن ۾ ڳائڻ جو پريوگ ڪري ڏيکاريو آهي. اِن گنڀير پريوگ ۾ ۱۹٦۷ ۾ سنڌ ۾ شايع ٿيل هن جي ڪهاڻيءَ کي، نئين ٽريٽمينٽ سان (ڇهن پيجن بجاءِ ٽن پيجن ۾) نئين سِر نئين ٽائيٽل سان ڏهن سالن بعد هند ۾ شايع ڪيو



آهي! هيءُ پريوگ اِها ڳالهہ ثابت ٿو ڪري تہ ڪهاڻيءَ ۾ WHAT ’چا‘ کان وڌيڪ HOW ’ڪئن‘ جي اَهميت آهي. الڳ ٽريٽمينٽ علحدو اَثر ڇڏي ٿي. هت ذڪريل پاونگر جي ورڪشاپ ۾ ڪهاڻي لکڻ جي ڏس ۾ هلايل ’ڪلاس‘ ۽ ’بحث‘ بعد ڪجھ رچنائون بہ ڪئنواس تي اُتريون هيون - پر اُنهن کي فنش-اَپ ۽ پالش ڪرڻ جو وقت نہ ملي سگهيو. لکمي کلاڻيءَ تہ وڏي اُتساهہ سان ’رچنا‘ جو خاص انڪ بہ انائونس ڪيو پر ورڪشاپ ڪهاڻي ۽ ڪويتا ۾ ورهائجي چڪو هو.

شيام جو هيءُ ’تجربو‘ بيشڪ تجربو آهي - پر هت اهو سوال ٿو اُٿي تہ ’آخر‘ ان ۾ ڪوبہ نظريو بدلائڻو نہ آهي، تہ پوءِ، پهرين ۽ ٻين ۽ اجان بہ شايد ٽين ڪهاڻيءَ جو OUT-PUT ڪافي حد تائين ساڳيو نہ رهندو ڇا؟ ٽريٽمينٽ سان ڪهاڻيءَ جو روپ ۽ تاثر علحدو رهندو - پر تاثر جو روپ تہ ساڳيو ئي رهندو! مون کي ياد آهي ۲۵ سال اڳ گوئا ۾ ساهتيہ اَڪادميءَ جي هڪ ڇئن ڀاشائن جي شاهي ورڪشاپ ۾ شيام ۽ منهنجي سامهون هڪ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪنهن تبديل سُجهائي تہ ليکڪ چيو هو - اُها ڪهاڻي منهنجي نہ، توهان جي ٿيندي! ائين جي ’تبديل‘ قبول نہ آهي، تہ ’تاثر‘ جو قد-بت ئي بدلجڻ گهرجي.

هت ساڳين ناولن تي الڳ ٺهيل فلمن کي (مثال-ديوداس) ياد ڪرڻ وٽندو ۽ ناٽڪ جو ADAPTATION بہ.

۱۹٦۰ کان پوءِ نئين چيتنا جي ڪهاڻي ڌارا ۾ اَ-ڪهاڻيءَ جو سُر بہ گونجيو هو. عام طور پرش اِستريءَ طرف رومانس لاءِ مائل ڏيکاريو پئي ويو آهي. هت ان جي اُبتڙ هڪ اِستري، ڪلاڪار-پرڪرتيءَ جي پرش کي؛ گهر ۾ هڪ پَتيءَ جي هوندي؛ پائڻ چاهي ٿي-ڪنهن نہ ڪنهن حد-روپ ۾. پر هوءَ اڪيلي

اَڄ ڪان
هر اِنسان ڪي هڪ جيتري مقرر عمر
تندرست نموني جيئڻ ڏني ويندي
هاڻ ڪو به اوچتو نه مرندو
نه اڳ مرندو نه پوءِ
بيمار ٿيڻ هاڻ اڏارمڪ ليکيو ويندو
هاڻ هر-ڪنهن کي جمڻ شرط
’تاريخ‘ ڪڍي ڏني ويندي
اها معمولي يادگيري
هڪ ڪمپيوٽرائيزڊ دفتر داخل هوندي
جيڪو وقت به وقت
باقي وقت جون هدايتون سپلاءِ ڪندو
هاڻ ڪو به ماتم نه ٿيندو
نه اسپتالون نه ڊاڪٽر نه دوائون
هاڻ ڪي به ايڪسيڊنٽ نه ٿيندا
نه ٻوڏ طوفان ۾ سوڪ جو خطرو رهندو
’سمانوادي مقرر مرتيو رتا-١٩٧٩‘ جي عمل سان
قهري طاقتن جو فضول خرچ گهٽايو ويندو .........

ويهه سال اڳ لکيل هيءَ ڪويتا هن ڪهاڻيءَ جي ٿاٽ جو هڪ ٻيو ۽ FINE (اِتفاق سان اِها ڪويتا منهنجي آهي) روپ نظر اَچي سگهي ٿو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ شايد پهريون دفعو बिभत्स رَس جو اظهار ملي ٿو - پر اُهو ڪهاڻيءَ جي ڊمانڊ نه بڻيو آهي. ستيش روهڙا هن ٿاٽ کي نئين ڪهاڻيءَ ۾ اُڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي - پر

هن’اُن‘ بجاءِ سوُتِلي ڪم آندي آهي. هت مَرسي ڪِلِنگ يا آتم هتيا جي حق بجاءِ محض De'population جو اظهار ڪيوآهي ان ڪري ڪهاڻيءَ ۾ گنڀيرتا ڀريو سوچ فوڪس ٿي نہ سگهيو آهي. پر هت سڀ ڪان وڏي شڪايت بہ پيدا ٿي آهي. ڪهاڻيءَ جي Treatment ايتري تہ رف آهي جو ان جي اِشاعت تي عجب لڳي رهيو آهي. مون کي لڳي ٿو ڪڏهن ڪڏهن عمرآزمودو ۽ هلندي ڦچندي وڏڻ سان Self-Assessment جي ضرورت وڌندي آهي ۽ طاقت گهٽندي آهي.

’بيهجي ويل وقت‘ لکمي ڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي، مٿئين طبقي جي، پراڻي پريم جي ياد جي ڪهاڻي آهي. هنديءَ ۾ پرسڌ ڪهاڻي ’اُسني ڪها ٿا‘ هڪ آسڪتي-ڀاوَ Attachment جي اَثر هيٺ لهنا سنگهہ جان جي بازي لڳائي - هت گوبند جانڪيءَ جي جوانيءَ جي ياد ۽ پنهنجي پهچ ڪان پري جي پريم جي نہ اظهاريل ڀاوَ جي اَثر هيٺ پيرسن عورت جانڪيءَ سان آخرين گهڙين ۾ ملڻ لاءِ هوائي سفر ڪري ٿو ۽ اَچانڪ هن جي نيڪ ٽيڻ تي ڪيس اُڏائي پنهنجي گهر بہ وٺي اَچي ٿو.

ڪهاڻي پنهنجي ڀاوَ جي اظهار ۾ صاف سُٿري ۽ ڪافي ڀرڀاوَ شالي رهي آهي. ’رچنا‘ ٨١ جي ڪهاڻي - انڪ ۾ اِيشور ڀارتيءَ جي ڪهاڻيءَ پڻ ڪجهہ اهڙو ئي ڀاوُ اظهاريو آهي. البت ٻنهي ۾ ڀاوَ ڪان سواءِ ڪا هڪ جهڙائي نہ آهي.

’رچنا‘ جي رچنائن تي رِويوُ ڪندي، ڪيترا دفعا مون کي باهہ مان لنگهڻ جو احساس ٿيندو آهي ۽ ڪيترا ڏينهن اهو لکڻ ڪان اڳ ۽ ڪيترا ڏينهن لکڻ ڪان پوءِ اهو جاري بہ رهندو آهي.

# رچنا - ٨٣

(جولاءِ - سپٽمبر ١٩٩٩)

’رچنا-٨٣‘ (جولاءِ-سيپٽمبر ١٩٩٩) جو رِويوُ شري صاحب ٻڄاڻيءَ جي ذڪر سان شروع ڪرڻ ٺيڪ ٿيندو. هن پرچي جي مکيہ هستي فتحچند منگترام واسواڻيءَ جيان هو بہ گھڻو ڪري لکل رهڻ پسند ڪندو آهي. سنڌي ليکڪن بابت هن جي ڄاڻ ۽ ياداشت، توڙي قرب ۽ آدر جي؛ جن کي خبر آهي؛ اُهي هن جي شخصيت کان بيحد متاثر ڏسبا آهن. هن پرچي جي روپ ريکا ۾ بہ هن جو خاص رول نظر اَچي رهيو آهي. شري لکمي کلاڻي هن جي اتهاسڪ ڄاڻ جو اوس ۽ حقي اُپيوگ ڪندو هوندو. هن پرچي جي ڪَوَر-اِسٽوريءَ ۾ شري هري دلگير هن جو جائي ذڪر ڪيو آهي.

شري دلگير فتحچند واسواڻيءَ جو خاڪو بہ ڏنو آهي ۽ باوستار هن جي ساهتڪ شيوائن جو سنو قدر بہ ڪيو آهي. دلگير صاحب هن جو تمام سلجھيل ۽ ويجھائيءَ تان ڏسجندڙ چتر چٽيو آهي. هن ليک جي بہ اتهاسڪ اهميت آهي. دلگير صاحب جي ياداشت قابل داد آهي ۽ ليک کي هن چڱو دلچسپ ۽ شرڌا پريو ڪري پيش ڪيو آهي. ظاهر آهي، هت تنقيدي درشٽي



بنہ پنهنجائپ جو رشتو اوچتو وير وروڌ وارو ٿي ويو. جي ان جو ڪارڻ رتنا ۽ ايشور جو پريم آهي تہ اُهو ڪهاڻي چئي نہ سگھي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ٿيل هن شاديءَ لاءِ ڪهاڻيءَ جو سِرو بيشڪ چڪ پائي ٿو. هيءَ شادي تہ ڪھڙي ٿي آهي - ’ڄڻ ڪوئي مري ويو آهي!‘

اِن سري ۾ ٻارن دواران سماجڪ رد عمل ڏيکارڻ کان سواءِ ليکڪا ڪا بہ ڪامينٽ ڪا نہ ڪئي آهي. ڪيترا سال هڪ خاص فلم ڪلب ۾، پٽ جي پردي تي، دنيا جون بهتر انعام يافت فلمون ڏسڻ جو موقعو مليو هو. اهڙي هڪ فلم ۾ ڀاءُ-ڀيڻ جو هم بستر ٿيڻ مون کان نہ وسريو آهي. لنبي اڪيلائپ، ايڪانت، جوان عمر، زوردار برسات ۽ سُن سان ڳوٺ جو ننڍو ڪاٺ جو گھر-سڀ ياد آهي.

اِئين هڪ کان وڌيڪ قصا پنهنجي آس پاس ۾ بہ نظر آيا آهن - جن ۾ ڀاءُ - ڀيڻ وچ ۾ ان قسم جو رشتو هڪ مانسڪ گرنٿيءَ جو روپ وٺي ٿو. ۽ ڪن حالتن ۾ اهو، بعد ۾ ٻئي هنڌ ڪيل شاديءَ ۾ ’رخنو‘ بڻجي ٿو.

اِئين هيءَ ڪهاڻي هڪ ’اَساڌارڻ‘ ڪهاڻي چئي سگھجي ٿي، سندري اُتمچنداڻي سنڌي ٻوليءَ جي عيوضي ۽ بهتر ڪهاڻيڪارن مان آهي. پر هت هن ڪهاڻيءَ کي ڪٿي نہ ڪٿي، ڪجھ چوڻ کان، اِشارو ڪري روڪيو آهي ۽ ڪهاڻي ڪجھ خاص چوڻ کان ڄڻ مُڪري وئي آهي. مون کي لڳي ٿو - اچ بہ

گهٽي گهربل نہ رهي آهي. اٽڪل ٦٠ سال اڳ ڪان ٢٠٠ ڪن ڪتاب لکندڙ ۽ وري ڇپائيندڙ فتحچند واسواڻيءَ ڪي اتهاس ۾ اهڙي اهميت مليل نہ هوندي آهي.

فتحچند واسواڻيءَ جو ربندرناٿ ٽئگور جي ڪهاڻي ’پوسٽ ماسٽر‘ جو ڪيل ’روپانتر‘ هن جي سني نثر جو سنو مثال آهي. ٽئگور هت ’اِنساني سپاوَ‘ جي موهہ ۽ ورهہ جو درد ڏيکاريو آهي. فتحچند واسواڻيءَ جي ليک ’سُر سارنگ‘؛ ’لطيفي لاٽ‘ تان ورتل، ’شاهہ‘ جي ڪويتا جو برساتي منظر وسايو آهي. شاهہ ۾ سنگيت جي سُرن جو وڏو رول آهي. ۽ هت ان جو احساس هن ليک ۾ تکو ٿيو آهي.

’رچنا‘ جي هن ئي پرچي ۾ لعلسنگہ هزاريسنگهہ اَجواڻيءَ جو جنم شتابدي سال بہ ملهايو ويو آهي. اَندر هن جي تصوير ساڻ هنجا ٻہ نندا ليک شامل ڪيل آهن. لعلسنگہ اَجواڻيءَ جي ساهتيڪ شخصيت بابت ڪو ليک يا ڄاڻ بلڪل ضروري هئا - جئن فتحچند واسواڻيءَ لاءِ خاص لکايو ويو آهي. هن جا شامل ٻہ ليک ساهتيہ ۽ ٻولي توڙي پستڪن جي ملهہ بابت خيالات پيش ڪن ٿا.

لفظي اُستادن، ماسترن، پروفيسرن، پنڊت ۽ مُلن جي راڄ بابت هن صاحب افسوس ڏيکاري تخليق جو قدر ڪرڻ چاهيو آهي- اهڙيءَ طرح پستڪن جي اهميت بہ ڇٽي ڪئي آهي.

سنڌي ساهتڪارن طرف قرب قدر ۽ جوابداريءَ جو احساس



’رچنا‘ برابر ڪرائيندي رهي آهي. هن پرچي ۾ پوپٽي هيراننداڻي ۽ سُندري اُتمچنداڻيءَ جي تصوير سان هنن جو ٧٥ جنم سالگرهہ ملهايو ويو آهي ۽ سندن ٻہ ننڍيون رچنائون سجايل آهن.

’مان-بي گهر سِنڌڻ‘ ۾ پوپٽيءَ ٿورن لفظن ۾ سِنڌُ ڪي پنهنجو ’گهر‘ هئڻ جو احساس ونڊيو آهي. سُندريءَ ’وندر‘ ۾ البت پنهنجي احساس جو ’هڳاءُ‘ ڇٽو نہ ڪيو آهي. بهتر نثر جا ليکڪ ڪيترا دفعا ’نظم‘ ۾ پنهنجو ’ويزن‘ ڏيکارڻ ۾ ڏنڌلائپ ٿاري نہ سگهندا آهن. پر هت آيل سُندريءَ جي ڪهاڻي ’ڇڻ ڪوئي مري ويو آهي‘ سماج وگيانين ڪي ڪليل چئلينج آهي. ڪهاڻي ڇوڻ جو هن جو ڏانو چڱو ئي اَثردار آهي. ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي ايندڙ گهٽنائن لاءِ ٻاهريون توڙي مانسڪ واتاورڻ ڪڙو ڪرڻ ۾ هن ڪافي ڏيرج ڪان ڪم ورتو آهي. ’رتنا‘ ’ايشور‘ جي سوٽ آهي. هنن جا پيئر ڀئي پائر آهن. ماحول هنن جو پريم سنٻنڌ جوڙي ٿو ۽ حالتون هنن ڪي شادي ڪرائن ٿيون.

هڪ روايتي سنڌي ڪٽنب ۾ اهو سڀ هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿي گذري ٿو ۽ چپ چاپ-ڪو بہ شور ڪو نہ ٿو ٿئي. نہ ڪهاڻيءَ اندر ۽ نہ سنڌي ساهتيہ ۾. هيءَ ڪهاڻي ١٩٦٧ ۽ پوءِ ١٩٧٩ ۽ پوءِ ١٩٩٩ ۾ شايع ٿي آهي.

ڪهاڻيءَ جي اُڻت ۽ سيرت ۾ هيءَ ڪهاڻي هڪ وڏي شڪايت ڪي ڇڏي ڪافي سپاويڪ رهي آهي. فقط پائرن ۽ ڏيراڻين جو

ھن ڪھاڻيءَ تي بحث ٿيڻ گھرجي ۽ ليکڪا بہ پنھنجا ڪامينٽس ڏئي تہ بھتر. خاص طور سَرو شري لڇمڻ ھردواڻي، گوپال ٺَڪُرُ، پرم ابيچنداڻي، ھري موٽواڻي، موتيلعل جوتواڻي، لعل پشپ، پريم پرڪاش، لکمي کلاڻي، ريٽا شھاڻي، ڪلا پرڪاش ۽ ٻيا گھڻائي سُڄاڳ ۽ ساھتيہ - چنتن ڪندڙ سنڌي ليکڪ اِن بابت بلڪل مختصر ۾ ڪجھہ چون تہ بھتر - ’رچنا‘ اُنھن ويچارن کي جڳھہ ڏيندي اَھڙي اُميد اَٿم.

’رچنا‘ جو ڪوتا وڀاڱ ھن ڀيري چڱو سبل رھيو آھي. ھري دلگير، رکيل مورائي، ارجن حاسد، اندرا واسواڻي، لڪشمڻ ڏُبي، پيتامبر جوڏواڻي، ڏولڻ راھي، گھنشيام ساگر ۽ گوپال ٺڪر جون ھڪ ڊزن رچنائون شامل آھن.

نظم ۾ دلگير جون تشبيھون جھلڪيون آھن - جن ۾ سپنا ۽ جذبا خيال بڻيا آھن.

آڌيءَ رات ٻڌم آواز
تنھنجن قدمن جھڙو ھو!

ائين قدمن جو آواز سڃاڻڻ جي سوکيم سگھہ ڪويتا جي آھٽ بڻي آھي. ارجن حاسد ’قطع‘ ۾ نارائڻ شيام بابت شرڌا جا لفظ پيش ڪيا آھن.

رکيل مورائي نظم ۾ ’سچ جو انتظار‘ قدرت جي جديد تمثيلن ساڻ پيش ڪيو آھي ۽ غزل ۾ ڪيترا جديد خيال ورچيا



گھنشيام ساگر ’تنھا‘ ۾ جان پيري آھي. سوکيم ۽ سنھڙي تند اُن جو اَثر وڌائي ٿي.

نيتا نت آڪاس ۾، سوڪ ھجي يا ٻوڏ.

گھنشيام جي ’ڪوتا‘ البت ويزن ڏيئي نہ سگھي آھي.

گوپال ٺڪر پارت-پاڪ جنگ ۾ شيام ۽ اياز کي ياد ڪري ٿو. ھن جي صدا کي گونج تہ آھي، پر ڪَن ڪٽي آھن؟

۽ آخر ۾ ’اَھم ۽ آتم-‘ سمپادڪي ليک. ھت اَھم ۽ آتم جي پيٽ ڪري سوَلي نموني آتم جي اَھميت تي زور ڏنل آھي ۽ ڪلاڪار جي ساڌنا جي حوالي ۾ اھو وويڪ کي جاڳائي ٿو.

انسان جي چٽ - ورتي سڀاو جي وس ميڄي تہ پوءِ ڪنھن جي بہ ڪجھہ چوڻ سان شايد ئي فرق پوي - ان لاءِ ھڪ اندر جو ’ڏوڏو‘ گھربل آھي. رواجي طرح چيل آھي تہ -

YOU ARE WHAT YOU THINK

پر اھو کولڻ لاءِ در کڙڪائڻ برابر آھي. انسان کي اکيون فقط اڳيان آھن. ڪن پاسيرا آھن. ’سوا سير‘؛ جو پنيان آھي اُھو نظر ۾ نہ آھي. ان ڪري ’اھم‘ ھر حالت ۾ اِنساني سمجھہ جي سوڙھہ آھي. آتم جو احساس پنھنجي پاڻ سان ملاقات آھي - پر گھڻو ڪري اسان پنھنجو پاڻ کان ئي دور رھندا آيا آھيون - ھي ليک اِئين اسان کي اسان سان ملائڻ جي شيِ اِچا ڪٽي آيو آھي ۽ ڪافي حد تائين Pure Essay جي قريب آھي.

آهن - جنهنجو تاثر عام کان مٿيرو بيٺو آهي.

اِندرا واسواڻيءَ جو ’سمنڊ‘ پنهنجي ڪنفيشن ڏيئي به ’اواڪ‘ لڳي رهيو آهي :

پر سندس آواز
پوءِ به موتي ڪو نه آيو
هو اَڃا به شانت هو!

اندرا جي ڪوتا ۾، هوڻ ءَ به، اظهار کي وڌيڪ Compact ۽ وڌيڪ Poetic ڪرڻ جي درڪار نظر اَچي ٿي. پاڻ ۾ وڌيڪ وشواس رکڻ بهتر ٿيندو هڪ دفعي هڪ گنڀير ڪويءَ کي مشاعري ۾ هوڻ ءَ کان ڪافي وڌيڪ داد مليو پر هو اُداس نظر آيو. پڇڻ تي چيائين - ڪٿي ڪجهه غلطي آهي - يا ڪويتا ۾، يا پيش ڪرڻ ۾ يا .... ٻڌندڙن ۾. ڪويتا جو رنگ چڊو پاڻيءَ جهڙو ٿيڻ به ته صحيح نه آهي ۽ گهاٽي ڪويتا ايترو جلد ترت اثر ڪري نه سگهندي آهي. اها ڏيري - ڏيري سڳنڌ ڦهلائيندي آهي ۽ ٻڌندڙ کي چپ ڪرائي ڇڏيندي آهي.

لڪشمڻ دُبي ’غزل‘ ۾ اِنساني من جي اڪيلائپ ۽ اُداسيءَ کي اظهاريو آهي. لڪشمڻ جو اظهار نئين پاوَ-ٻوڌ جي قريب آهي. هن جا ڪي نقطا ’ڪيا-بات‘ هوندا آهن. سندس خيال جيان لفظ جي چونڊ به چڱي صلاحيت جو اَثر ڏيئي ٿي وڃي. پر اها ’قابليت‘ تائين محدود نه رهي، پاوَ ۽ چنتن جو پريچيه ڪرائي ٿي.

پيتامبر جوڌواڻيءَ جو نظريو نازڪ - بيانيءَ کان وڌيڪ سماجڪ - ’سينس‘ جي قريب ٿو لڳي. هن جا ٻه غزل هٽ ڪي ترورا اوس ڏين ٿا.

ڪپڙا سڀ جا ڌوٻيءَ ڌوتل
ڪپڙن جي هيٺان ڇو ڏسجي!

ڏولڻ راهيءَ جو غزل توڙي وائي هن پرچي جو بهتر حصو آهي. هنجو غزل پورو ئي ’آئيني کان‘ هڪ ئي خيال تي ٻڌل آهي ۽ ان جو هڪ ٺوٺل اَثر ڇڏي ٿو. آئيني جا هٽ يڪا ڏهه عڪس ملي هڪ وڏو عڪس ٺهجي ٿو. سڀ عڪس ڪافي Prompt رهيا آهن.

پاڻ اڳيان ٿي پوان نه پڌرو
تڏهن لڪان ٿو آئيني کان!

ساهتيه اڪادمي (دهليءَ) جي ’ٿرو ماءِ وندو‘ سلسلي ۾ ارجن حاسد تي رکيل ليڪچر ۾ غزل جي هن روپ کي مون وڌيڪ اهميت ڏيڻ پسند ڪئي هئي - البت غزل جا ماسٽر شاعر خاص سهمت نه ٿي رهيا هئا. مان اڃان به محسوس ڪريان ٿو ته ’يادگار‘ غزل رچنا لاءِ اهو ئي روپ وڌيڪ ڪارگر آهي.

ڏولڻ راهيءَ جي ’وائي‘ به ايتري ئي سنجيدگيءَ پري آهي. پوءِ به اها غزل جهڙي تاثر کان محروم آهي.

مول ڪٿن ٻي سٽ ۾ پيش ٿيو آهي. اهو ئي فرق آهي تہ نئين ڪويتا جو ڪوي اِن پهرين سٽ کي ساڏن بجاءِ 'ساديہ' ڀڻي، ٻي سٽ کي وهنوارڪ مجبوري اظهاري سگهي ٿو. ۽ هت اها هڪ نماڻي صلاح بڻي آهي. غزل ۽ نئين پاوَ-ٻوڌ جي نئين غزل کي، ڪٿي ڪجهہ الڳ ڪرڻ ممڪن آهي - تہ شايد هن طرح آهي.

اهڙي، هلڪي ئي سهين چئجي تہ 'نہ' جهڙي، سوڪيم شڪايت 'لڪشمڻ' دُبي جي غزل جي پير ۾ پڻ، نظر ايندي. هت بہ انسان کي، سُندر نصيحتون مليون آهن - جن ۾ ڪبير کان گانڌيءَ تائين Morals جي جهلڪ ملي ٿي.

هلڪڙو ۽ سُپڪُ سوَڪو ٿي پوي،
خواهشن جو بوجهہ لاهي، جيڪڏهن!

(سمپل لِونگ - هاءِ ٿنڪنگ! يا : مئن پيي ٻوڪا نا رهون، ساڌو پيي نا ٻوکا جائي.)

نہ، ڪويتا طور، ڪويتا هرويرو سنڪٽ ۾ نہ آهي. ها، اُها بہ ۽ هيءَ بہ، بهتر ڪوتا چئي سگهون ٿا-البت، اڄ جي وقت ۾، خواهشن جي طوفان جي شڪتيءَ جو 'پاور-ڪٽ' ڪيترو نہ ڏکيو آهي!

پنهنجو پاڻ کي پاڻ وندرائڻ جي غزل ۾ شَڪوُ ڪلناٿيءَ پيار جو پيغام تہ ڏنو آهي، پر اهو ٻڌڻ وارا گهٽا اڄ موڪل تي آهن! چاهي ان ۾ هڪ 'صدا' جهلڪي ٿي.

ڪوشي لالواڻيءَ گيت ۾ 'سنڌيءَ' کي جاڳائڻ لاءِ سڏ ڏنو آهي. ڪمل پياسيءَ جي گيت ۾ 'قدرت' لهرن جو منوهر روپ ورتو آهي. البت هت سمنڊ يا نديءَ جو ڪو ذِڪرُ عدم آهي.



# رچنا-٨٤

(آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٩)

'رچنا-٨٤' نئين غزل ۽ نئين ڪويتا جي ڪوي - شاعر واسديو موهيءَ جي ڪوَر-چتر سان آئي آهي، جنهن ۾ جڳياسا جي پوز ۾ 'موهي' ڪجهہ وڌيڪ ئي 'ڪلوز-اَپ' نظر اَچي رهيو آهي. هن جي چهري جي لڪل مُشڪ ۽ فُل-وائيٽ شرٽ جو چِلڪو توڙي سوپاريءَ جي پُڙيڪي ۽ پرفيوم جي مهڪ ۽ ذائقو بہ هن جي تصوير ۾ جهلڪي ٿو. هن جي پيشاني ٻڌائي ٿي تہ هن زندگيءَ کي برابر ڊُڪ-ڊُڪ ڪري پئي پيتو آهي ۽ ان جو حساب ان تي برابر اُڪريل آهي. چاهي ان کان بي پرواهہ موهيءَ جو زندگيءَ سان موهہ بدستور جاري آهي - ڪويءَ کي گهربل ڪنسيشن جي حد تائين!

ڪل مِلائي، تمام ٿورا لفظ ڪم آڻي، ڪافي گهڻو پنڌ طيءِ ڪري وڻندڙ موهي سنڌيءَ ۾ پهرين قطار جو ڪوي ٿي بيٺو آهي. اها بہ هن جي الڳ خاصيت آهي تہ اپواد ڇڏي هو نجو 'ڪوي' آهي. 'حاسد' جيان - حاسد کان پوءِ - حاسد کان متاثر ۽ حاسد کي متاثر ڪندڙ پڻ. حاسد جي صحبت ۽ پنهنجائيءَ هن کي غزل طرف آندو ۽ هن حاسد کي نئين ڪويتا جو پرفيوم ڏنو. ائين هنن ٻنهي سنڌي غزل کي خماريءَ مان جاڳايو ۽

سندن ياترا برابر جاري آهي!

تعارف ڪان پوءِ پرچي ۾ واسديو موهيءَ جا ست غزل، ٽي ڪوتائون ۽ هن جي غزل سنگرهه ’برف جو نهيل‘ تي ساهتيڪ وياکيا ملائي ڪري ڪوَر-اسٽوريءَ سان بيشڪ نيايو ويو آهي.

موهيءَ ڪوتا جيان غزل ۾ به چڱي مهارت حاصل ڪري ورتي آهي. هن جي غزل جو سنسار ۽ هن جي ڪوتا جو سنسار قريبن ساڳيو آهي. موهيءَ جي اِها غزل ۾ دين مڃڻ ڪپي ته هن، بين ساڻ ٿي سهين، خاص طور ارجن حاسد ساڻ، غزل جو پاوُ-جڳت ئي بدلائي ڇڏيو آهي. البت ائين چوڻ ۾ ٿورو وڌاءُ ان ڪري نظر ايندو، جو هن پڻ غزل ۾ ’رومان‘ کي اڪثر جڳهه ڏني پئي آهي ۽ ائين غزل جي خُماريءَ واري ادائگيءَ جا هلڪا رنگ به نظر ڪيا آهن. چاهي اجان هن وٽان نئين پاوَ-بوڌ جا اهڙا بند به ملڻا باقي آهن جي مثال بڻجن - چاهي ڪي بند اهو انداز پورو ڪندا به نظر ايندا آهن. پر پوءِ به هن جا غزل غير رواجي سُرن ۾ آلاپيل آهن. ائين چوڻ ۾ ته وڌاءُ نه ٿي آهي.

سال به اڳ خاص پاونگر اَچي ملڻ تي هڪ بحث ۾ چاهي موهيءَ مسلسل غزل کي گهٽ اَهميت ڏيڻ چاهي هئي پر هن جي ڪيترن غزلن ۾ اهو سلسلو چٽو يا هلڪو نظر ايندو رهيو آهي. هت به غزل ۴ ۾ اهو لهجو جهلڪي ٿو.

وار ڪُڏ تي وڃي سُڪائين ٿي
شهر سارو اَچي، ڇَتيءَ هيٺان.
ڇاتَ بوندن جي، بوٽ سئنڊل جي
جوڙي جوڙي وڃي، ڇَتيءَ هيٺان.



موهيءَ جي غزل ۽ ڪوتا ۾ ڪڏهن ساڳيائپ جو پرم پيدا ٿئي ٿو:

منهنجا پير هڪ جڳهه، هٿ ٻيءَ جڳهه ته سر ٽينءَ
جسم هڪ دفعو جسم بڻي، گهنگهرو ٿيندا سين!

* * *

مون وٽ پير سسئيءَ جا آهن
دل ليلا جي آهي.

مون ڪان، ڪو پڇي ته، مان موهيءَ جي ڪوتا کي غزل کان وڌيڪ بهتر اظهار قبول ڪندس - نه پڇي ته ڪجهه نه چوندس. هونءَ بنهي ۾ ايڏي پختائيءَ جو ’موهي‘ سنڌيءَ ۾ اڪيلو مثال آهي.

واسديو ’نرمل‘ پڻ غزلن ۾ ڪجهه سوشل ڪنسيپٽ ڪنيو آهي ۽ چڱو پرپاءُ ڄمايو آهي. ڪجهه شخصي تاثر به آهن:

نرمل جيان ڪو ٽي ڏيکاري
جهڙو ٻاهر، تهڙو اندر!

چوٽين کي نئين ڪنڌ ڏيڻ جي نرمل جي ڏانوَ جو عمدو مثال درلڀ نه هوندو آهي:

ماءُ اُڌاري جي نه مُئيءَ آ
ملي نه، توٽي ٻُولي هرهنڌ

سِيروُ سياه شاعر جي نماڻائيءَ کي غزل جو روپ ڏنو آهي.

ڪلهه جڙيا، اڄ سي ٽٽي ويا رشتا؛
پوءِ به تن ساڻ نڀائي هلجان!

هن شعر ۾ پهرين ست، پنهنجو پاڻ ۾ هڪ نئون اظهار آهي. پر هت اِها ست شاعر فقط ’ساڌن‘ طور لکي آهي. هن جو

ڳانڊينگر جي پرسان مهساڻا ۾ ’واٽر پارڪ‘ ۾ بناوٽي لهرن کي ڏسي مون کي بہ گهڙي پر راحت ملي هئي. لهر جيان ڪويتا بہ پير ڇُهي موٽي وڃي ٿي، جا اکين ۾ سمائجڻ گهربي هئي.

هت راڪيش لالواڻيءَ اٺ ڪوتائون پيش ڪيون آهن جن کي جيڪر مهيش نيٽواڻيءَ جي ۽ شريڪانت صدف جي اهڙين ننڍين ڪوتائن جي ويجهو رکي سگهجي. البت هت اڃان ڪوي ڪناري تي بيهي گهرائي ماپي رهيو آهي. ڪٿي - ڪٿي هن پير پاڻيءَ ۾ پسايا آهن -

لڄ : پوري (سڄي) سفر ۾
ڪائي نہ سگهيس روئي
هڙَ ٻڌَلَ ئي رَهجي ويئي!

بين رچنائن کي اڃان چارج ڪري سگهجي ها تہ ٻم لائيٽ ۾ فرق پوي ها!

’هڪ سنڌيءَ جي آتم ڪٿا‘ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ فئنٽسيءَ جو اَثر پيدا ٿئي ٿو. ائين تہ هر شخص ’هڪ آتم ڪٿا‘ جو حقدار آهي. هت آيل سنڌي ڪردار جيان. پرڀداس-هڪ ڏينهن اسان کي سنڌ ڇڏڻي پيئي - ڪلياڻ ڪئمپ - محنت - وڏو پئسو ڪمائڻ ۽ گهر ۾ - ڪٽنب ۾ سڀ ڪجهہ هوندي بہ پاڻ کي فالتو-غير ضروري محسوس ڪرڻ ۽ اها سڄي آتم ڪٿا لکڻ پر ٻوليءَ جي تڪليف سبب گهر ۾ سيني کي پڙهي ٻڌائي اهي پنا ’هوَن‘ جي اگنيءَ ۾ هوم ڪرڻ ۽ ان ئي رات جو ننڊ ۾ مري وڃڻ - ڪهاڻيءَ کي جڻ فئنٽسيءَ جو رنگ ڏجي ويو آهي.

ساهتيہ ۾ Probability ۽ Possibility ساڻ ئي سڀاويڪتا جو



آهي، هت بہ آهي.

’محبت جو مينهن‘ مايا راهيءَ جي ڪهاڻين تي تبصرو ڪندي لکمي ڪلاڻيءَ ڪي جاچنائون ڏنيون آهن - ’ستن ڪهاڻين ۾ ذڪريل عورت بہ ساڳي آهي - مرد بہ ساڳيو آهي.‘ عورت تي مرد جو ظلم - بہ ڪهاڻيون الڳ تاثر ڏين ٿيون. مايا راهيءَ جو ڪهاڻيڪارا طور، ليکڪ ڪل ملائي سواگت ڪيو آهي - ۽ ان لاءِ تبصري ۾ ڪهاڻين جو تاتپرج ٻڌائڻ ساڻ پنهنجي ڪمينٽ ڪئي آهي. هيءُ تبصرو پڙهڻ کان پوءِ ڪهاڻين کي پڙهڻ جو اُتساهہ وڌڻ گهرجي، پر ان بجاءِ ڪجهہ ٺري وڃڻ جو انديشو آهي. ڪهاڻين جو سار ڪجهہ تہ لکميءَ ايترو سوَلو ۽ ڇٽو ڪيو آهي، جو، ڪهاڻي کُلي پوي ٿي - ۽ وري ڪجهہ تہ ڪهاڻيون خود ۾ بہ پيچيدگين کان پري جون آهن. ائين ڏوهہ ڪنهنجو نہ آهي.

ساهتيہ ئي نہ، ڪلا جي هر شاخ ۾، رواجيپڻي جي بجاءِ، ڪوالٽيءَ جو فڪر ڪرڻ گهرجي - ۽ اهو فڪر سمپادڪي ليک ۾ ڪيل آهي - البت هت ’عمر خيام‘ جو ذڪر غلط حوالي طور ٿي ويل لڳي ٿو (... پٽين تي عمر خيام، مينڪا وشوامتر جا اشليل ڪئلينڊر نظر ايندا.)

’ڪوالٽي‘ ليک ۾ ’معيار‘ جي سنڪٽ تي ’ڪلاڪار‘ جي سگهہ کان وڌيڪ نشنا جي چنتا ڪيل آهي ۽ مشيني يڳ جي ايندڙ پيانڪ نفطن تي اونهي سوچ نظر اچي ٿي.

اَثر پيدا ٿي سگهي ٿو - سپاويڪتا البت گهٽڪندي امڪانات تي آڌارت رهي ٿي. پوءِ بہ ڪٿي سنهي ليڪ اسان کي ساهت جي سچ طرف وشواس پيدا ڪرڻ يا نہ ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. ڪٿا ساهتيہ ۾ اها ضرورت هيءَ ڪهاڻي پوريءَ طرح پوري ڪندي نظر ڪا نہ ٿي اَچي. ان ڪري ڪهاڻيءَ جو اَثر اهو درد ايتري مقدار ۾ پيدا ڪو نہ ٿو ڪري، جيترو ليکڪ چاهيو آهي.

سنڌيت جو جذبو هن ڪهاڻيءَ جي درد جو هڪ اهم پهلو ضرور آهي، پر اهو اڪيلو پهلو نہ آهي. جيتوڻيڪ اهو جذبو پڻ فوڪس ٿي ڪو نہ سگهيو آهي. هونءَ اها ڳالهہ هرويرو ڪهاڻيءَ ۾ کٽڪي نہ رهي آهي. ڪهاڻي، هونءَ بہ سڀ کان وڌيڪ 'انسان' جي 'من' سان وابستہ آهي، باقي سڀ حوالا ۽ حالتون آهن.

'من چيد' ڪهاڻيءَ ۾ اندرا واسواڻيءَ سنڌي - جاتيءَ جي گڻن - او گڻن - جي 'من - چيد' جو چڱو چترڻ ڪيو آهي. تازو هڪ نيتا ۽ هڪ ائڪٽر سنڌين لاءِ غلطفهميءَ پريا حرف چيا آهن. بلڪل تازو اوشو 'رجنيش جي جاگرڻ' ۾ ڏيڪاريل ويڊيو ۾ سنڌين جي USA جي ڏند ڪٿا تي زوردار هاسيہ ۽ طنز جو جڙتو پرسنگ ٻڌايو. اوشو جي آڊيو ڪئسيٽ 'سنڌي ستسنگ - II' ۾ اجمير جي حڪيم ويرومل جي حوالي ۾ سنڌين بابت خوب ٺهڪ ڏنا ۽ ڏياريا آهن. ان سڀ لاءِ ضرور شڪايتون ٿي سگهن ٿيون. پر ان سڀ جي هرويرو گهڻي اهميت نہ آهي. هڪ وڏو مثال ئي ڪافي آهي. سردارن بابت ١٢ وڄڻ جا هزارين لطيفا - ! ان جاتيءَ کي انهن سبب ڪنڌ جهڪائڻو ڪونہ ٿو پوي. پاڻ



اسين اهي حوالا ڦهلائي دنيا جو ڌيان ڇڪائي اُنهن کي گنڀيرتا سان ڏسڻ سبب پاڻ کي نقصان ٿا پهچايون.

پر هت هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار سنڌي جاتيءَ جي اهڙي اپٽار ڪري رهيا آهن - برابر انهن ۾ هڪ حد تائين گهرائي ۽ ميزان آهي - پوءِ بہ لڳي ٿو - مضمون کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيڻ ۾ ليکڪا ڪا ڪثر ڇڏڻ ڪا نہ ٿي چاهي.

سنڌيت نسبت ايندڙ ڪهاڻين جو تعداد هاڻ وري ڪافي وڌي رهيو آهي. ان جي مناسبت کان وڌيڪ مون کي اُنهن جي ڪلاتمڪ اظهار جو فڪر ٿي رهيو آهي.

هري دلگير جو ليک 'شاهہ جو سُر ساموندي'، 'رچنا' ۽ 'سپون' مخزن ۾ هڪ ئي وقت شايع ٿيو آهي. اهو شايد ڪنهن غلطيءَ کان ٿيو هوندو. مون 'شاهہ جو رسالو' اڳيان رکي اهو ليک پڙهي وڌيڪ لطف ماڻيو. 'ويوگ' جو 'رس' هنديءَ جي بهاريءَ جي ياد ڏياري ٿو.

ڊي. ڪي. منشاراماڻيءَ جي 'شاهہ جي رسالي' جي ڇاپي بنسبت لکيل ليک ۾ ڪافي ڳالهيون منجهيل آهن - کوجنيڪ اتهاسڪارن لاءِ هن صاحب وڏو هوم ورڪ ڏنو آهي.

لڇمڻ ڀاٽيا 'ڪومل' واسديو موهيءَ جي غزل سنگرهہ 'برف جو نهيل' تي وياکيا ڪئي آهي.

هن جي وياکيا ۾ ڪافي ڳالهيون دل سان لڳن ٿيون ۽ ڪجهہ دل جي پرسان اچي بيهجي وڃن ٿيون. موهيءَ جي غزل ۾ هن کي جام قسمن جون شڪايتون نظر آيون پوءِ بہ موهيءَ کي هن 'چوٽ' جو فائدو ڏيئي قبول ڪيو آهي. اهڙو تاثر هن وياکيا مان جهلڪي ٿو. هن جي طرز بياني هونءَ بہ ڏسڻ وٽان هوندي

# رچنا-٨٥

## (جنوري- مارچ ٢٠٠٠)

جنهن کي، ’سنڌي ڪويتا جا ٥٠ سال‘ چئي سگهجي، اهڙو خاص انڪ ’رچنا‘ ٨٥ (جنوري - مارچ - ٢٠٠٠) بزرگ شاعر پرڀو وفا جي رنگين تصوير ساڻ آيو آهي. شاعر وفا جي هيءَ تصوير، ڪنهن ساهتيڪ پروگرام جي سلسلي ۾ نڪتل، بي - ترتيب بئڪ گرائونڊ باوجود، بهتر ڪلوز - اَپ آهي. اَڌُ يا سَڄي بجاءِ مُني سائيز ۾ - جنهن ۾ هن جي مک تي چانيل حليمائي ۽ جينس ۾ پيل شرٽ هن جي باندرا بمبئيءَ جي گوپال نگر جي ڳوٺائي (!) هئڻ جي جهلڪ ڏئي ٿي. وفا هڪ قداوَر شاعر آهي، پر هن جو سڀاءُ ئي نه، آواز به، نماڻو لڳندو آهي. اسان وٽ هن وقت حاضر شاعرن ۾ دڪايل کان پوءِ سڀن کان بزرگ شاعر آهي.

’رچنا‘ جو هيءُ پرچو ’خاص ڪويتا انڪ‘ آهي. سنڌي ٽائيمس، ڪونج (محاذ تي) ڪويتا، ’خاص ڪويتا انڪ‘ جي سلسلي ۾ هيءُ پرچو گهڻو اڳرو ته آهي ئي، پر هيءُ هڪ اتهاسڪ دستاويزي پرچو به بڻيو آهي. هت منگهارام ملڪاڻيءَ کان وٺي سدارنگاڻيءَ تائين ٥٦ ڪوي شامل آهن - هنن جون ڪوتائون، ڇپيل يا اڻ ڇپيل ته شامل آهن ئي، سنڌن فوٽو، جنم ۽ جتي



نظم کان ڪئن الڳ آهي. (موضوع به ڪويتا کي ’نئون‘ بڻائن ٿا!) ٣. چند مڪت ڪوتا، ڪوتا ڪئن ليکجي. (ٻوليءَ جو نقطو خود ۾ اهم فرق بڻجي ٿو.) ٤. نئين ڪوتا-اظهار جو زوردار ذريعو (هت معنائن جا تهه به ان کي نئون ڪن ٿا.)

هت ڏنگين جا لفظ منهنجو رايو نه پر موهيءَ جي اُپٽار جو اختصار آهي. موهيءَ هن ليک ۾ صاف-صاف نئين ڪوتا جي جبري وڪالت ڪئي آهي. پر هن کان سواءِ خير ڪو مکيه نئين ڪويتا ڪار-موزون شاعري لکي ٿو، جئن هوُ خود غزل ۾ اڳرو رهيو آهي. موهيءَ جي چئن مُدن سان ان ڪري سهمت ٿيڻ مشڪل آهي جو اهي سڀ هڪ-ٻئي سان وڪوڙيل **WEB** جي روپ ۾ نظر اَچن ٿا. نه ئي اُنهن جي سمجهاڻي الڳ-الڳ ڪئي آهي. ان ڪري مون کي لڳي ٿو، نئين ڪويتا جي شاستر جو لکجڻ اڃان باقي آهي.

اديب ۽ نقاد (يا اتهاسڪار) ۾ اهو فرق آهي ته اديب اکيون کولي رچنا ڪندو آهي ۽ نقاد اکيون بند ڪري. پر هت موهيءَ جي نالن ڳڻائڻ جي اُدارتا ضرورت کان زياده آهي. شايد هن پوُريون اکيون نه پوُريون آهن. هونءَ هن اول چار، پوءِ ١٤ ۽ پوءِ وري ١١ نڪتا نمبر وار لکي، گهٽ ۾ گهٽ پهريون دفعو نئين ڪويتا سان، دوبدو ٿيڻ جو جبرو ساهس ضرور ڪيو آهي - البت سنسڪرت ڪاويه شاستري ’ڪويتا جي آتما‘ جي سلسلي ۾ پنهنجا سمپردايه ٺاهي ويا آهن ۽ پوءِ آنند ورڌن جهڙا ڪاويه شاستري النڪار-سمپردايه جي ورود ۾ دليلون ڏيئي ويا آهن - ائين موهيءَ جو غزل ڪار ’نئين ڪويتا‘ جو سمپردايه ٺاهي نه

لاڳو آهي اتي مرتيو) جون تاريخون، ڪويتا جا سنگرهہ ۽ هنن جي ائڊريس بہ ڏنل آهن.

شاعرن جا فوٽو گراف بہ خاص چونڊيل ٿا نظر اَچن. گھٽا تہ ٻئي هنڌ چِٽيل نہ هوندا. جنهن ڪي ڪي ويجها دوست فوٽو گرافر طور ئي سڃاڻندا آهن، اهڙي شيام جئسنگھاڻيءَ جو فوٽو - پرنٽ سين کان خراب اَچڻ يا ڪو صفحہ رهجي وڃڻ يا رپيٽ ٿيڻ، دڪايل صاحب جي رچنائن اڳيان سائينِ مارڪ غلط اَچڻ - ڪجھہ ڪتڪڻ باوجود، هيءُ سڀ هن طرح پار پوڻ سچ تہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي - صاحب ٻڄاڻيءَ جي ان پنيان ڪيل جاکوڙ جو ئي هيءُ ڦل ٿي سگھي ٿو - سين جي اڻ چِٽيل رچنائن يا بهتر چِٽيل رچنائن پنيان لکمي کلاڻيءَ جي محنت نظر اَچي ٿي. رچنا جي ايڪ روپتا **UNIFORMATION** هن خاص انڪ ۾ بہ قائم آهي.

’شاعريءَ جو مفهوم‘ انڪ جي يوگيہ سمپادڪي ليک ۾ شاعريءَ جي اَهميت تي وڏيڪ لکيو ويو آهي. نئون چونڊ کان نئين نموني ’اندازي بيان‘ کي اهم ليکيو ويو آهي. البت اهو سڀ شاعري ئي نہ، ساهتيہ سان لاڳو آهي. هن ليک ۾، تز- بيانيءَ جي چنتا گھٽي نہ ڪيل آهي. ورنہ، ٽئگور جو ’شايد‘ چِٽيل خيال ڪوت ڪرڻ ٿارڻ گھربو هو.

موتي پرڪاش؛ تنوير عباسيءَ جي چالاڻي تي دک-اِظهار ڪندي، هن جي لاءِ بہ - منا ٻول چيا آهن - پر ان ۾ بہ ڪ/وڙا ذِڪر پڙهي، شاعر لاءِ من ۾ دٻيل بہ سُڏڪا پرجي ٿا اَچن. سنڌ تان سِر فدا ڪندڙ کي سنڌ ڇڏڻي پيئي ۽ هن جي وصيعت جي



آرزو بہ پوري نہ ٿي!

دلگير جو ليک ’ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي موزون شاعريءَ تي هڪ نظر‘ بيشڪ هڪ ريسرچ پيپر آهي. هن جي اَسيسمينٽ ۾ شايد ئي ڪٿي-ڪٿي معمولي اَسهمتي نظر ايندي. ضيا کان وٺي واسديو موهيءَ تائين هن چار دؤر ٺاهي، مڪمل تفصيل ڏيئي، موزون سنڌي شاعريءَ جو معائنو ڪيو آهي. برابر پورا مثال ۽ حوالا ڏيئي، شاعريءَ جي عمل ۾ آيل روپن کي ترتيب سان ورهايو ويو آهي. دلگير ان ڪم ۾ پاڻ کي ’اٿارٽي‘ ثابت ڪري سگھيو آهي. ’موزون نئين ڪويتا‘ البت هن هڪ سهوليت پريو عنوان ٺاهيو آهي، جيڪو بي ميل يا منجھيل آهي. مان جيڪر چاهيان - موزون شاعريءَ جو اِتهاس لکڻ جو ڪم، پاڻ مرادو ئي سهين، هن کي ڪرڻ گھرجي.

واسديو موهيءَ ’سنڌي نئين ڪويتا‘ تي دلگير جيان، ڀل نہ نباهيو آهي، پر هن، ٢٥ سالن جي نئين ڪويتا جي اتهاس کان وڌيڪ، نئين ڪويتا جي شاستر تي، بهتر لکيو آهي - البت، هت ان جي ايڏي گنجائش نہ هئي. ڪاليج ۾، پڙهائيءَ ۾ ڪمزور ڇوڪرين کي، مان هڪ جوڪ چوندو آهيان. ’اسان توهان کان امتحان ۾ جيڪي پُڇون، جي اُهو نہ ايندو هجي، تہ توهان کي جيڪو ايندو هجي، اهو لکي ڇڏجو. پوءِ ناپاس ٿيڻ ڏکيو ٿي ويندو.‘ پر موهيءَ سوَلو ڪم ڇڏي ڏکيو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي.

واسديو موهيءَ چار مُدا کنيا آهن. ١. نئين ڪويتا-اَدبي پرولي - (اها چا نہ آهي.) ٢. نئين ڪويتا ادب لطيف ۽ آزاد

سگهيو آهي؛ اها ٻي ڳالهه آهي. هاڻ وقت آيو آهي، موزون ڪويتا جو به، موضوع، لهجو، طنز يا اشاريت، تز اظهار ۽ اختصار ۾ هئڻ جي خيال کان 'نئون' هئڻ، لازمي آهي. ٻين لفظن ۾ موزون ڪويتا به 'نئين ڪويتا' جي 'نئين پٽي' ۾ سمائجي ٿي وڃي. جيڪي ائين نه ڪري سگهيا آهن، اهي اڄ به، ڪيترن سنگرهن باوجود، اتهاس ۾ ڪلوز اپ نه ٿي رهيا آهن. دلگير جو هت شامل ليک ان جو مثال آهي.

۽ هاڻ شامل ڪوي ۽ اُنهن جون ڪويتائون، اول ڪوي : هت شامل ٥٦ ڪوين مان ١۴ کي اڪادميءَ جو اوارڊ 'ڪويتا' تي ئي مليو آهي. اهي آهن : عزيز، خادم، وفا، دلگير، شيام، شاد، ايم.ڪمل، آنچل، پارتي، حاسد، ڪرشن راهي، هريڪانت، لڇمڻ ڪومل ۽ موهي. هنن ۾ سڀني جا هڪ يا وڌيڪ ڪويتا سنگرهه شايع ٿيل آهن - اپواد ۾ ستيش روهڙا-اندرا واسواڻي ۽ ديوي ناگراڻيءَ جا مجموعا نه آهن. هنن ۾ ۴٧ پرش ڪوي ۽ ٩ استري ڪويتريون آهن. ومي ئي اڪيلي شاعرا آهي جنهن جي عمر ٣٠ اندر آهي ۽ سنڌي ڪويتا جو هن وقت آخرين جهنڊو هن جي هٿن ۾ آهي. سنڌ ۾ جنم ورتل شاعرن ۾ آخرين نالو نامديو جو آهي. ۽ پوءِ گوپ ڪمل، ڍولڻ راهي، گهنشيام ساگر، اندرا پوناوالا، مهيش نيٽواڻي، شريڪانت صدف، رشمي راماڻي ۽ ومي سدارنگاڻيءَ جو جنم آزاد ڀارت ۾ ٿيو آهي. سڀ کان وڌيڪ مجموعا ايم.ڪمل جا ١٧ آهن جن ۾ 'باه جا وارث' تي اوارڊ کان پوءِ هن ١١ مجموعا شايع ڪيا آهن. ٥٦ ڪوين مان ١۴ ڪوين جو فقط هڪ مجموعو شايع ٿيل آهي. سڀ کان بزرگ



ڀاراتو ٿو ڏئي.

پريو 'وفا' هن پرچي جي سرورق جو ڪوي آهي. وفا جي ڪويتا ۾ 'ويچار' ڪجهه گنڀير اظهار پائڻ شروع ڪيو آهي.

بنا ٻُڪ وٽن ڪين ٿا طعام عمدا،
جي ٻک آ ته ڍوڍي ٻَصَرَ ۾ مزو آ!

'پنجڪڙا' هن جي خاص پيشڪش چئي پئي وئي آهي. لعل سائينءَ جا 'پنجڙا' به ڪاويه روپ ۾ هت ياد ڪرڻ گهرجن.

هري دلگير هونءَ گهڻو ڪري فهرست ۾ ٽاپ تي رهندڙ ڪوي آهي. هت جنم تاريخ جي سلسلي ۾ دلگير صاحب 'وفا' کان اڳتي آهي. دلگير جي ڪويتا نسبت ڪجهه هي اَثر جهٽجڻ سپاويڪ آهن، جئن ته دلگير هڪ سُجاڳ سلجهيل صاف سُٿرو آشاوادي شاعر آهي. هو پنهنجين خوبين ۽ مريادائن کان به سجاڳ آهي. هن جي ڪويتا جي سامهون هڪ پاٺڪ حاضر ويٺو آهي جڻ. هو ائين ڪويتا لکڻ کان وڌ پڙهڻ جو شاعر لڳندو آهي. ڪويتا ۾ لفظ، ڇند ۽ خيال طرف هو چست رهندو آهي.

ٽپ ٽپ تي دنگو ۽ جهيڙو، ڇا ته جَنُوني ڏرم،
تنهن کان آءُ، اَڌرمي ڀهتر، ڪپي نه خوني ڏرم!

ظاهر آهي هت 'ڪويتا' کان خيال کي وڌيڪ اهميت ملي آهي.

اندر پوچواڻي به هڪ عمدو شاعر هو. 'تنها' ۾ هن کي ڪمال جون سٽون لکيون آهن. هن به 'خيال' کي اهم مڃيو آهي، پر ڪويتا کي گهڻو ڇڏو نه ڪيو آهي. جئن :

ڏيئر ڏجن، منٿون ڪجن، ڏجين ڏن جو ڍير!
پوءِ به ڦٽ-لعنت ڪن سدا! هيءُ ناتو يا وير!

شاعر هوندراج دکايل (ڄ-١٩١٠) سميت هنن مان کل ٧ شاعر آديپور ۾ رهن ٿا. ٥٦ شاعرن مان ١٥ شاعر حيات نہ آهن.

۽ هاڻ ٥٠ سالن جي سنڌي ڪويتا -

هن پرچي جي آڌار تي سنڌي ڪويتا-غزل رباعي، نظم، گيت، پنجڪڙا، ترويٽيون، ترائيل، تنها، للت پد (مني ڪويتائون)، دوها-سورٺا، وائي، تصويرون، مکت ڪويتائون، بيت، ڪويتا، نئين ڪويتا، آزاد نظمون، ڇ/و اکرا ۽ آزاد ڪويتا جي روپن ۾ آئي آهي. (هت چوڏسي، کنڊ ڪاويہ، مها ڪاويہ، ٽسٽا وغيره جو اليک نہ ٿيو آهي. اهي روپ بہ لکيا ويا آهن.)

آزاديءَ کان پوءِ جي ڪوين ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ کان شروعات ٿي آهي. ڪاويہ-روپ جي حوالي کان سواءِ آيل 'ڪوماڻل گل' ۾ ڪويءَ گل جي ٽٽڻ سان ان جي حياتي گهٽجي وڃڻ کان گل کي نہ پٽڻ جي صلاح مالهيءَ کي ڏني آهي - جئن اهو ڪجھ وڌيڪ ڏينهن هڳاءُ ۽ سونهن دنيا کي ڏيئي سگهي. هندي ڪوي ماکنلعل چترويديءَ جي مشهور ڪويتا 'ڦول کي چاھ' ۾ مالهيءَ کي اهو ماتر ڀوميءَ تي چاڙهڻ جو ڀاوُ ڏيکاريل آهي. ڪويءَ جو هت ڏيکاريل ڀاوُ بہ نرالو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي. ملڪاڻيءَ جي ٻين ڪوتائن ۾ رومانس جو ۽ پرڪرتيءَ جو چٽر آهي.

عزيز غزل ۾ چوي ٿو :

منهنجو عزيز پردو ٿئي سنڌ جو ئي صحرا
آهيان مان لاش خاطر طالب نہ ٻي ڪفن جو!

هت عزيز جي ڪوتا جو مکيہ سُر وطن جي حُب آهي. پر



دکايل جو مکيہ سُر پريم جو لکل روپ آهي - جنهن ۾ وڇوڙي جو درد آهي.

رونبا نکتا اوبر نکتا نکتو پئي جڻ ساه
ساون مان پيلا ٿيا تيلا لاب پيا ٿيو ڳاه!

گوورڌن ڀارتيءَ جو (گرداس مل جو ڳايل) تمام سُريلو گيت آهي :

جڏهن بهار ٿيندو فرار، ساوا پن پيلا ٿيندا!
مُرجهايل مُکڙيون ٽٽل ڦول غم جاڳوڙها ڳاريندا!!

دکايل جي ڪويتا ۾ بہ اهو اظهار آتميتا سان ٿيو آهي ۽ پرڪرتيءَ جو چِٽُ بہ نهڪندڙ آهي. پر هنن جهونن ڪوين ۾ پرسرام ضيا اڳرو آهي. ضيا هنن جيترو جهونو نہ ٿو لڳي.

هزارين وعده فراموش آزمايا ٿم،
تڏهن بہ تِن تي رهيو آه اعتبار اڃا!

ضيا جي ٻي هت ڏنل غزل 'جي اکڙيون کين اٽکن ها...' سنڌيءَ جي هک بهتر غزل آهي. هونءَ هن جون شامل سڀ رچنائون موهي ٿيون ڇڏين. گجراتيءَ ۾ ڪويتا جي مخزنن ۾ هر پرچي جي بهترين ڪويتا کي چونڊڻ جو ڪم الڳ-الڳ ڪوين کان ڪرائڻ جو سرشتو آهي. هن پرچي ۾ مون کي اهو ڪم مليو هجي تہ مان جيڪر 'ضيا' جي ان ڪويتا کي پسند ڪريان!

هرومل سدارنگاڻي 'خادم' جون شامل رچنائون ايترو اثر ڪو نہ ٿيون ڪن. ڪيئلداس بيگواڻي 'فاني' وطن جو صدق اظهارڻ ۾ ميار ڏوراپو نہ پر ڪروڌ ۾ اَچي اڳوانن کي ڀَٽ-

’اندر‘ جي ڪويتا ۾ هڪ دانهن آهي. بانئوا جي هن غريب ماستر گهٽڻ جي دل جيتي هئي.

شاعر سُڀُن آهوجا بہ پرسرام ضيا جيان جهونن ڪوين ۾ هڪ بهتر شاعر آهي. جديد غزل جو پيرو ڪڍڻ وارا سُڀُن وٽ پهچي ويندا.

هر غلطيءَ تي پاڻ سان رسندي
فخر ٿيو ۽ شرم بہ آيو!

نارائڻ ’شيام‘ هڪ گهرو شاعر آهي. هن جي ڪويتا ۾ پانڪ اَڪثر ٽبيءَ ۾ پئجي ويندو آهي. هت شامل رچنائن ۾ بہ ڪيتريون اهڙيون آهن.

ڪوئي سک جي خاطر پٽڪي
۽ ڪو پٽڪڻ ۾ سُک ماڻي!

هن جون رباعيون هت وڏيڪ ميناج واريون آهن :

ميناج حياتيءَ جو مگر تن ۾ آه
جي گيت چپن تي ئي نہ آيا آهن!

بس شڪايت ايتري آهي تہ هن جي شاعريءَ جي ٿالهيءَ ۾ ڪي ڪنڪر - پٿر بہ سوئجي ويندا آهن. هونءَ ان ڪان شايد ئي ڪو بچيل آهي!

پوپٽي هيراننداڻيءَ جون شامل ٻئي ڪويتائون ڪويتا جو اظهار ڪري نہ سگهيون آهن. ’رنوويشن‘ چاهي ’عورت جي ٻولي‘ - ٻئي رچنائون ڪويتا جي ٿرماميٽر ڪي چوري نہ سگهيون آهن.

واسديو موهيءَ جي هڪ سِٽ هن پرچي جي ليک ۾ آهي تہ : ’نئين ڪويتا، ڪويتا جو شارٽ ڪٽ ڪونهي.‘

’ڪويتا سنگره‘ سري سان شايع ٿيل ڪيترن ڪتابن سبب



لامحدود چاهت ۾ آهن!‘ هن جو نئڏڙو پر اهم ڪتاب ’خاڪ لپ‘ وري شايع ٿيڻو هيو، جو نہ ٿي سگهيو.

آشا ’درگاپوري‘ جون رچنائون بہ ڪڏهن خاص تجلو ڏين ٿيون.

ويو مري انسان جنهن چاهيو جئڻ هو،
اڄ تہ جيئڻ پِي ٿيو چڻ خودڪشيءَ جان.

گوورڌن ڀارتي گهڻڪندو شاعر آهي. فلمن ۾ لکيل گيتن سبب هو سڀ کان وڏيڪ مشهور شاعر آهي - پر فلم کان الڳ بہ هو سنجيده ڪوي آهي. ’سئنيٽوريم ۾ پهرين رات‘ هن جي سوچ جون ڪي صورتون ڏيئي سگهي آهي. هو جي لاڏا ۽ پڇن توڙي دوگانا نہ لکي ها تہ هن کان بہ اهم شاعر ليکجي ها.

ڪمل ’پياسيءَ‘ جو شعر شعور جي سطح تي سطحي رهيو آهي. شامل رچنائون اهو رايو ٽوڙي نہ سگهيون آهن. ستيش روهڙا جي شامل ڪويتا ’رڄ‘ تضادي اظهار جي ڪوشش آهي - جنهن ۾ ڪجهہ سمجهائڻ چاهيو ويو هجي. ڪويتا ۾ ان جو خير ڪو اوڪاش آهي. ’تنها‘ ۾ هن ڪي طنزي منظر چٽيا آهن :

ناري هندستان ۾، آ جُتي يا ديوي.
رشتا سڀ ريتيءَ جيان، پانيون ٿا پر ڪنڌ.

هت بنهي تَنهِنِ ۾ ’فرق‘ ۽ ’پيٽَ‘ مان ڪويتا جي طنز اُڀري ٿي. پر مون کي شڪ آهي، اها طنز هڪ هلڪو شاڪ ڏيڻ کان پوءِ ٿڪي سگهي ٿي. جيڪو ڪويتا جو اَصلي پرياءُ آهي. پر اها مريادا، ڪويءَ جي گهٽ، رچنا روپ جي وڏيڪ آهي.

اَرجن حاسد، اسان وٽ موجود شاعرن ۾، سڀ کان وڏيڪ

اسان وٽ ’سنمان ٽيل‘ ساهتڪارن جون ڪمزور رچنائون گهٽيون آهن. اُنهن کي ناراض ڪرڻ ڪوئي نه چاهيندو. مان به نه. پر جڏهن ڪويتا جي هڪ ايماندار يا وويڪ پورڻ ڪٽ ڪرڻ جو سوال پيدا ٿئي، ته اسان سنمان ٽيل معتبر ساهتڪارن مان ايتري اُدارتا جي چو آشا نه رکون، ته هو اسان جي چيل وويڪ پورڻ ڪٽ جو قدر نه ڪندا. ها; اهو قبول هئڻ ضروري نه آهي. هت مان بي هڪ گنڀير ڳالهه ڪرڻ چاهيندس. اهڙن معتبر ليکڪن جي ڪمزور رچنائن ۾ لکيل مهاڳ يا پومڪا ساهتيه جي سڀ ڪان وڏي कुसेवा ڪندا آهن.

سُندري اُتمچنداڻيءَ جون شامل به ڪويتائون ’ڪويتا‘ جي قريب ئي اَچي سگهيون آهن - ڪويتا جو تاثر هت به پرپور نه آهي، پر هڪ هوا جي لهر ڇُهي ٿي وڃي. خاص ڪري ’ذات ٻٽي آ لات‘ ۾. بي رچنا ’لتوڙيل درياءُ‘ ۾ اهو ڇهاءُ نه ملي سگهيو.

ارجن شاد جي ڪويتا ’صبح ۽ سانجهي‘ هڪ سوچ جو بهتر اظهار آهي. ايم.ڪمل سنڌيءَ جو شاهوڪار ڪوي آهي. هن جا ١٧ مجموعا شايع ٿيا آهن - جن ۾ ڪجهه چيزون شاهڪار به آهن. جديد غزل ۾ به هن جو نالو آهي. طنز هن جو مکيه هٿيار آهي. تضادي اظهار جو هڪ نمونو ’جيل خانو‘ هت شامل آهي. هن جي هڪ ناٽڪ ۾ قاسيءَ ڪان اڳ ’انتم اِڇا‘ پڇڻ تي ڪردار چوي ٿو. منهنجي اَنتم اِڇا آهي ته اَصلي گُنهگار کي ڳولهيو وڃي!- ايم.ڪمل جي ڪويتا ۾ به ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ڪمال ملندو آهي.



ڪرشن ڪٽواڻيءَ جي ڪوتائن ۾ سانت ڏکهي ٿي سمهي پيئي آهي. جاڳي پيئي - پر چپ آهي. هن جي اکين ۾ آڪاش جي تارن جو چمڪات آهي. گهري سوچ جو سمنڊ آهي. لفظ ڪرشن وٽ پنهنجائيءَ سان هلي ٿا اچن. هو هڪ منظر ڪڙو ڪري سگهيو آهي، ٿورن لفظن سان. بس. ڪرشن ڪويتا ۾ ڪجهه چوڻ نه چاهيو آهي يا ان جو آگره نه رکيو آهي. اهو ڪم منظر ڪري رهيا آهن. پوءِ به ٻُڌِ، جهڙي رچنا- ڪجهه چوڻ جو بار سَهي نه سگهي آهي. ڪجهه چوڻ ڪويتا لاءِ لازمي نه آهي - اهو اسان مان ڪيترن ڪوين لاءِ ڪرشن هڪ نئون ڪنسيپٽ ڏنو آهي - ڇو جو اسان مان ڪيترا ’چوڻ‘ کي ئي ڪويتا سمجهندا آهيون.

لڇميچند ’پريم‘ پريم جو ڪوي آهي - يا پريم جي اَبلاڪا جو ڪوي آهي. ايشور ’آنچل‘ ويچار شيل ڪوي رهيو. ’چنتن‘ هن جو آڌار آهي. ’ري گهريو آندو ويس هن سنسار ۾ ....‘ لفظ ايجاد ڪندڙ هيءُ ڪوي ڪ/وڙو سچ چئي ڏئي ٿو.

’جيستائين
رنگ و بوُ،
ڪاغذي قولن
۾ ڳولهيندو رهيس،
هي جهان
مون کي حسين ياسڻ لڳو.‘

شامل مڪت ڪويتا سرس آهي - هن شعر جيان :

’منهنجون خواهشون هاڻ مون کي سمهڻ ڏيو;/اِڇائون

سنجيده غزل لکندڙ شاعر آهي. چاهي، شيام جيان، هن جي
ٿالهيءَ ۾ بہ ڪنڪر پٿر ملڻ مشڪل نہ آهن.

اَرجن حاسد وٽ ٽاٽ ۽ ان جي اظهار جي چوٽ اهڙي آهي، جو پڙهي چپ تي وچڙو پوندو آهي. هن وٽ هوشياري سياٽپ بجاءِ سوجهہ ٻوجهہ وڌيڪ آهي. 'دنيا جي دنياداري' هن جي ڪويتا جو مکيہ وشيہ آهي. هن جي شعر ۾ سچ 'چوڻ' بدران 'چئي ڏيڻ' جو رواج آهي. جئن توهان ڪنهن ڪانٽي ۾ چيز زور سان اُڇليو، تہ اُن جو وزن، اصلي وزن کان وڌي ويندو. سهجتا هن جو ٻيو وڏو پلس پائنٽ آهي. البت هن جون هت شامل رچنائون-اهي سڀ پرماڻ ڪٽي نہ آيون آهن - جئن هن جي شخصيت اُپري آئي آهي.

موهن ڪلپنا جون ڪوتائون بہ گهٽو چوڻ ۾ دٻجڻ کان بچي نہ سگهيون آهن يا ڪجهہ خاص چئي نہ سگهيون آهن.
ڀڳوانداس هوش جون سٽون :

چڙهيو شاعريءَ جو عجب رنگ دل تي،
مگر شعر ۾ رنگ پرڻ ڪين آيو.

هنجي رؤاجي ۽ غير رواجي جي وچ ۾ ڪٽي بيهڻ جو اشارو ڪافي آهي.
موتي پرڪاش جون سٽون :

نہ گهٽ هئي دوستن جي دشمني، پر
اسين هڪ يار جي صدقي جيئون ٿا

هن جي سُپاتر-شريڪانت 'صدف' جي شعر جي ياد ٿيون ڏين. ڪرشن راهيءَ جون سٽون :



'چواڪرا' ۾ هڪ اظهار 'ڪويتا جو' اوس ڏنو آهي - 'ننڊ اڇيم - چاتين تي!'

هريش واسواڻي سنڌي نئين ڪويتا جو باني ڪري ليکيو ويو آهي. هن ان ڪويتا جي روُپ ۽ روُح لاءِ ماڊل جي کوٽ بہ پوري ڪئي. پر پوءِ روپ جو آڪار سولو سمجهيو ويو ۽ روُح سمجهڻ مهمل ٿيندو ويو. ٻنهي غلطين جو اڃان جاري رهڻ جو بار سنڌي سمالوچڪن ۽ سمپادڪن هڪ ٻئي جو سمجهيو آهي.

هت هريش جي ڪن بهتر مثالن کي رپيٽ ڪيو ويو آهي. جن ۾ 'پرش وئشيا' اڃان بہ ٽيهن سالن کان پوءِ بہ اوتري ئي نئين ڪويتا آهي.
لفظ آهن : هن بعد زندگيءَ کان پوءِ ڪو نہ ٿيندو زندگيءَ ۾ ٿيندو ....

گوورڌن 'گهايل' غزل ۾ گفتگوءَ سان گڏ هلڪي طنز نگاريءَ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي. ديوي ناگراڻي اِستري شاعرائن ۾ اڳري رهي ٿي. لڪشمڻ ڊُبي غزل جي ايترو قريب قلم سان گڏ من سان بہ رهي ٿو - اهو هن سان ملڻ ويهڻ وارن کي ئي خبر هوندي.

غزل کي ساڌنا اُپاسنا جيان چاهيندڙ ڊُبي چوي ٿو :

سڀ ويد، سڀ مسيحا هڏ گڏ هٽي هليا ويا،
پاتو آ پياس منهنجيءَ ڪڇ فائدو غزل مان!

واسديو موهي اڪيلو اهڙو ڪوي آهي جنهن غزل ۽ نئين ڪويتا ۾ ساڳي مقبوليت پاتي آهي - در اصل هو نئين ڪويتا کي ئي غزل جو روپ ڏيئي سگهيو آهي.

ماڻهو نندڙا ٿيڻ لڳا آهن!
صرف پاڇا وڌڻ لڳا آهن!
هان سنمان ٿا ٿين ايڏا!
مان جا مُلهه ڪِرڻ لڳا آهن!

موجود ڪوين ۾ پهرين قطار جي ڪوي ڪرشن راهيءَ جون رچنائون مقبول ٿيون آهن - خاص ڪري سنڌيت ۽ وطن نسبت. پر هن جي ڪا الڳ شخصيت اُڀري نه بيني آهي - يا هن جو اهڙو اپياس سامهون نه آيو آهي.

آسن واسواڻيءَ جون ويجهو آيل نيون ڪوتائون چاهي ڪجهه تراش جي درڪار رکن ٿيون ۽ اُنهن ۾ جهٽيل ڪي اَثر چاهي بين سنڌي ڪوين ۾ اڳ جهٽيل پاسن ٿا، پوءِ به هن جي اُنهن ڪوتائن ۾ ڏڏڪو، زور ۽ ساهس آيو آهي. هت شامل رباعيون اها مهارت ڏيکاري نه سگهيون آهن.

’ايشور جو آپگهات‘ جو ڪوي هت چوي ٿو :

غيبي هستيءَ کي سمجهڻ نه آ ممڪن!

هوتو سنڌو پياسي غزل ۾ اندر ۾ جهاتي پائڻ جو سڏ ڏئي ٿو. اَنند کيماڻيءَ کي، گهڻو چاهڻ کان پوءِ به، مان ڪڏهن ’ڪوي‘ محسوس ڪري نه سگهيو آهيان-چاهي هن جي رچنائن ۾ ’ڏڏڪا‘ ڏيندڙ عناصر رهيا آهن. وڌ ۾ وڌ هن جون رچنائون، ڪويتائن جا ’ٽڪرا‘ لڳيون آهن. هو هڪ ’نه ڪوي‘ آهي، جنهن اڪيلي ’اَ-ڪويتا‘ لکي آهي؛ ۽ ان کي اُلٽ ڪويتا چيو آهي.

ڪلا پرڪاش جون ممتا جون لهرون ڪلپنا ٻڌجي آيون ۽ ’ڪويتا‘ جي لهر جو آپاس ڏيئي ويون. ريٽا شهاڻيءَ جون شامل



ڪوتائون به اهڙو آپاس ڏين ها جيڪر. هاسارام ’پيئا‘ پريت جي گيت جو مذر اظهار ڪرڻ چاهيو آهي.

هريڪانت راڄنيتي طنز جو هڪ الڳ راڳ ڇيڙيو. لنبي ڪويتا هنجي ہي خاصيت رهي. ترائيل سنگرهه ٿين. نئين ڪويتا ۾ ان طرح هن جو هڪ الڳ خاص درجو ڳڻڻ سوَلو ٿيندو. هونءَ هن کي نندين وڏين گستاخيون به ڪري وڌيون آهن - جيئن هت ڇپيل آهي :

ڇِپ ۽ ڇنگهه جي لذت ۾ مبتلا/ مرٽينگ قوم لاءِ بينام ڪويءَ جو ... هت هڪ ’قوم‘ لاءِ ائين چوڻ ناشائتو آهي.

لڇمڻ ڪومل - وت موهن ڪلپنا جيان نثر جي هڪ خاص وٽندڙ شيلي آهي. ڪويتا ۾ ان جا مثال چاهي ايڏا نه پئي جهلڪيا آهن - پر هت اوس هڪ مثال ملي ٿو :

سور سپ سپني ۾ سوڳها ڪري سمهي پياسين.
ننڊ جو رستو متان موت جي در تائين هلي!

واسديو نرمل به دلگير جيان اُچاريل ڪويتا جو شاعر آهي. مشاعرن ۾ جن کي وڏيڪ داد ملندو آهي. ’نيتردان‘ ۾ هن جي ڪلپنا عمدو مثال آهي. اندرا واسواڻيءَ جي ڪويتا ’ندي‘ وري مشاعري جي ڪويتا نه، پڙهڻ جي ڪويتا آهي. جيتوڻيڪ مئسيج جي موه اُن کي ڇدو ڪري ڇڏيو آهي.

شيام جئسنگهاڻيءَ جو فئنٽم ڇهري جو ڪارٽون چتر ڪويتائن ساڻ ڏيئي، سمپادڪن پروٽوڪول نه نڀايو آهي. هونءَ اهو هن جي ڪويتائن کان وڌيڪ اثردار ثابت ٿيو آهي. نند جويري ’چپ‘ ۾ خاص ڪجهه چئي نه سگهيو آهي. گوپال ٺَڪُرُ

تنهنجي جدائيءَ ۾
هڪ پيرو بہ خيال نہ آيو تنهنجو
مان خوش هوس ٻين سان
جئن توسان هوندو آهيان

موهي غزل ۾ بہ ايترو ئي تکو تز ۽ دوُر جي پهچ رکي ٿو.

گهر کان پري - پري خوشي کنهن کان ونڃ وئين
توکي صلاح کنهن ڏني جڳ کي کلائڃانءِ!

کيمن مولاڻي سليقي وارو شاعر آهي. غزل ۾ هن جو قد ڪافي اوچو آهي. پر نئين سوچ ۽ ذهين اصطلاح جي درڪار نظر اَچي ٿي.

پريم پرڪاش لنبيون ڪوتائون چڱيون لکيون آهن. 'پڳت' ۽ شامل 'خط' انهن مان آهن. پريم هت مئسيج کي شيڊوز ۾ ايمبوس ڪيو آهي. ان ڪري هو 'ڇاتل' ڪوين ۾ اهميت پائي ٿو. ڪلاڪار جي چنتن جي ڊراتل تي اڄان هن جي ڪويءَ کي پهچڻو آهي. نامديو تاراچنداڻيءَ جي ڪويتا 'ٻڍاپو' ڪويتا جي ڳولها جي پٽڪ ۾ پلجي ويل شخص جا ڪي نوٽس لڳندا توهان کي! (پاڻ تي ڪمينٽ جو هڪ پريوگ!) گوپ ڪمل هڪ 'درد' کي نوان ماڻ ڏنا آهن. 'جنم دن' هڪ نمت آهي ان ۾. ڍولڻ راهي غزل ۽ گيت ۾ هڪ ٺاهوڪو شاعر آهي. گهنشيام ساگر فطرتي طنزنگار آهي. ڪارٽون چتر طنزي ليک هجي يا ڪويتا. هن جي لفظن کان ريکائن ۾ وڌيڪ طاقت آهي.

اندرا پونا والا 'سهو' ڪويتا ۾ پتنيءَ جو رول نمايان ڪيو آهي. سهو- هڪ رڙ ڪري بس ڏکي وڃي ڪنڌ پڪڙي! مهيش نيٽواڻيءَ نوريئڙي جي سنسڪارن کي ڪويتا ۾ آندو آهي.

پرڪرتيءَ کي مهيش پنهنجي تکي اک سان ڏٺو آهي. نئين ڪويتا ۾ هن جو الڳ مقام بڻجي رهيو آهي. شريڪانت صدف جو پنهنجو الڳ مقام غزل ۾ بڻجي چڪو آهي. بنسبت گهڻن وڏن شاعرن جي، شريڪانت هڪ ڏکيو (۽ ڪجهه ڏکڻو بہ ) شاعر نظر ايندو. هن جي سنڌي ٻوليءَ جو نمونو خير ڪو ملندو. رشمي راماڻي 'رشتو' ڪويتا ۾ ان لمحي کي ياد ڪيو آهي جڏهن رشتو بڻجي ٿو. ومي سدارنگاڻيءَ عورت کي چُلهہ چڪلو ۽ ويلڻ جي گهيري تي شڪايت ڪئي آهي.

جڳهہ محدودگيءَ ڪري ڪجهہ وڌيڪ مختصر ٿيڻو پوي ٿو. ضرورت آهي هيءُ يا اهڙو سنگرهہ هنديءَ ۾ اچي. اَڪادميون سوچي سگهن ٿيون اهڙو سمپادن سوَلو نہ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. اوس کي ڪوي رهجي بہ ويندا آهن ۽ ڪن حالتن ۾ ڪي نرڙيہ ڏکيا تي پوندا آهن ۽ ايڏي وڏي ڪم ۾ ڪي غلطيون ٿيڻ جو انديشو بہ رهي ٿو. دنيا ڪارڻ نہ، پريڻام ڏسندي آهي. بهتر ٿيندو، توهان ۽ اسان ٻئي ڏسون.



لئبرري ۽ دستاويز وڀاڳ طرفان اڻلڀ ڪتاب/ دستخط سهيڙي ڪمپيوٽر تي آڻي، اُنهن کي سدا لاءِ محفوظ رکڻ لاءِ ڪتابي صورت ۾ اُنهن جون ۳/ ۵ ڪاپيون تيار ڪري رکڻ جي رٿا جوڙي ويئي آهي.

هيلتائين هيٺيان ڪتاب تيار ٿي چڪا آهن :

١. ميران (وڏو ناٽڪ) - لالچند جڳتياڻي

٢. نارايڻ شيام جي ڪتابن جا مهاڳ

٣. سُر پرياتي - لالچند جڳتياڻي

۴. موهن ڪلپنا جون ڪهاڻيون (ڀاڱو پهريون-الف)

۵. شيام جي شاعري- نارايڻ شيام (الف ب وار)

٦. موهن ڪلپنا جون ڪهاڻيون (ڀاڱو ٻيون-الف)

٧. موهن ڪلپنا جون ڪهاڻيون (ڀاڱو ٻيون-ب)

٨. موهن ڪلپنا جون ڪهاڻيون (ڀاڱو ٽيون-الف)

٩. موهن ڪلپنا جون ڪهاڻيون (ڀاڱو چوٿون-الف)

١٠. موهن ڪلپنا جون ڪهاڻيون (ڀاڱو چوٿون-ب)

۱۱. موهن ڪلپنا جون ڪهاڻيون (ڀاڱو پنجون -الف)

۱۲. ٻاراڻا ٻول - نارايڻ شيام

۱۳. ڪلهه جي ياد، سڀاڻ جا سپنا- ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ٻيا اديب

۱۴. تو جنين جي تات ...... ۽ وٺان واڍوڙين -

سندري اُتمچنداڻي ۽ اي. جي. اُتم

۱۵. شاھ جو رسالو-۱ (الف ب وار) - شاھ لطيف

۱۶. شاھ جو رسالو-۲ (الف ب وار) - شاھ لطيف

۱۷. سچ چوڻ جي ڇوٽ - نامديو تاراچنداڻي